

قلندري خطاب

(داتا فيض درياهه جو ڪلام)

انا
انت
هو
ثبت
الحق

سهيڙيندڙ:

علام محمد هدايت علي نجفي تارڪ

سرڏيندڙ ۽ سنواريندڙ:

عبدالغني اباز پيٽي

Scanned by CamScanner

فهرست رسالو داتا فيض درياھ

صفحہ مضمون
٧ ناشر طرفان
٩ عرش منزل ساڪن انباھ فيض
١٢ الله لفظ جي وضاحت
١٣ تصوف لفظ تي تبصرو
١۴ مقدمو
۴٩ شجرو
٥١ رسالو داتا فيض درياھ
از: "نجفي تارڪ"
٥٢ احوال سيد فيض درياھ جو
از: "نجفي تارڪ

٥٦ (1) روپ آسا
هتون هاج هجڻ جي ڇڏ ميان
ڪاهي سوريءَ جي مٿي چڙهجي
هوڏهون هلي اسلام ڪون
وسري ويون پيون سڀ وايون
ڏي سالڪائي کي ڀڻ
مرجان باھ برھ جي ساڙي

٥٨ (2) روپ ڌناسري
وائي اها اٿن وات
ڏاڍو ڏکہ جو بار
اڳي ڪريان ٿو بقاء
اهو ماڳ مڪان

٦٠ (3) روپ بلاولي
سامي ويچارا
هلئون چلئون پنهنجي ماڳ ملڪ تي
مينون عبد نہ ياوين

٦٢ (4) روپ سارنگ
مٺن باران هوئي
ڪفر نڪو اسلام سنيان

٦٣ (5) روپ سورٺ
ڪپ سري ڪہ يار
ڏاڍي عشق آهي آفات
ٿيو آھ راضي مگٿهار
ڪٿن ڪريون ڪاڏي وڃون
"ڀڏو يارو بات برھ جي بيشڪ آهي
تہ بهاري وو"

٦٥ (6) روپ پيروي
ڦاڙي جبو ڀڻُ يار ڀٽر
اسان نڪي تہ ڪاٿي اڙنداسي
اسان رند رهبر مست آهيون
اسان عام خام تي دام آهيون
چڱا ڪيتائي وي يار
اسان صوفي صفا سردار آهيون
اسان نڪي تہ هتڙي ايندا سي
ڇڏ ترڪي عام جي جاڻ کي
اسا فڪر فنا ۾ ناهيون
"سائين تنهنجي محبت ڪيو آهي
مستان مونکي"
قول اناالحق حق مي گويم

٧١ (7) روپ تلنگ
سريءَ جي سودي تي
"سيني منهنجي ۾ آھ سدا نور ٿو ڀري"

فهرست رسالہ دانا فيض درياه

صفحہ مضمون

هيءَ دل ذوق سان هلي
پيالو بيخوديءَ جو پيئي
پهلون پاڻ کون جدائي ڪر تون
"ساهي محرم ميڻون رمزان
لاونداهي"

٧٨ (8) روپ بروو
آهيان مون ته حيات
قلندري ته خطاب
ڪرڪا ياکون جدا جنري جي
اتي ته لڙڪيل ٿيءَ
آه قاصد ڏي خبر ڪري
دل درد ڪيءَ ديواني
شل عيب ۾ هوندين عار
تون به آهين مرغ هوائي

٨١ (9) روپ جهنگلو
ڪلهي جوڳي ايندا جوه ۾
ويو آه جوش جگر کي کائي
ڏاڍي ٻلت بره جي ٻاري
ڏاڍي ٻحر فراق ۾ پياسي
ڪنهن جو هيءَ چوليءَ نياسين
آهيون رند رهبر ڪاري
هت ڪونهي اوڏهن هلبر
مٽي ته اڏائو ٻار
هن ته ٻکيءَ جو واهيرو
هلو ته هلون پنهنجي ڪيچ تي ڪاهي
اڄ ته سڄاڻ سر کي
هادي مورا لعل وي

صفحہ مضمون

٨٠ (10) روپ جوڳ
عشق شوق شهادت
اسين آهيون لامڪاني ۾
اناالحق جو نعرو
(١١) روپ مانجهه جوڳ
ڪامل ڪاڻ الله
مرشد مام ڏني ڳيت اناالحق ڳايون
لٿي آهيان جوڳي ويا جادو لائي
ڏيني پنهور کي باه
اوڏهن هلنا چلنا ٿيا
ڏيني پنهور کي باهيون
ويل اها ٿي وهواه

٩٤ (12) روپ پيلو
وڃ ٻکي وري واهيري تي
ڪوني ڪونه رهيو

٩٥ (13) روپ ڪسوري
عشق اسانون چا بيسر ڪيتا
دلبر مونکي ديد نماء
لڪين لٿيا تو دلبر سائين
لڳو لا غرض سان لاشڪ

٩٨ (14) روپ ڪونسيو
يار زورآور ظلم ڪري تو
هاڻي هن پنهور مون
يار ڪيچ ويو مونکي هلن پيو
قسم آه الله جو آهي يڪي ڪين

فهرست رسالہ دانا فيض درياه

صفحو مضمون

(15) روپ سڪوهياري
هنڌي پکيڙو آهي اداسي
توريءِ ڪاڻهي واه
لونءِ لونءِ ۾ لوري لاتي وها
محب ماروئڙا ميان

(16) روپ بنس
منم مستم ڪه دربيخود
منم شهبار با شهبار پر انداز
منم رندم ڪه راز حق
منم رندم ڪه در راه
(17) روپ پهاڙي
لاڳ اچي عشق لاتي
نيهن نسياني اچي پيدا ڪيءِ
ايسا ڪو جوڳي آيا
ويکو برهي ڪر، بانولي
بار بره دا برسر آيا

(18) روپ ڪاريهر
هن تهي آسمان ۾
آهيان مان پکوان
بحر بقا ڏي هلي آه
اسين آهيون شاهنشاه
پنهنجي خيال ڪريم ڪي
عاشق پنهنجي خيال ڪي
نا مئن هندو نا مسلمان

(19) روپ ڪليان
"اصل تنهنجو آه اهو اشيان جاتي

صفحو مضمون

زمين نڪو آسمان"
آهي اواگهه يارو هي قلزم بيڪران
ديد اها دلجي دلبريءِ آهي درياه
چڱا ڪيتا هي وي يار دل نيتي
هيءِ
الامن بيخود ام خود نمي ماندم
"نه من دور هوبا نه يار مرا دور يار
مراماست"

فراق نامون

جهولتا
"ڪنهن سانگ سهائي اهني دلبر
ڪالهه نه آيون گهتي"
"سور فراق تنهنجيءَ هيءَ دل ساڙي
سا مات هڏايان ڪيهي"
"جڏهن پور پون تا دلبر تنهنجا
تڏهن رهبر ويهان روئي"
"رمز رڳتي روليءِ ريخ ۾ ڪيتي
ڪان وفائي"
"دلبر منهنجا يار پيارل سائين مون
سان ڪيهه تو ڪيتن پڳي"
"هيءَ هيءِ دلبر منهنجا دوست پيارا
وڌءِ ڳل ڳچيءِ ۾ ڳارو"
"ياد ڪري تنهنجون اکيون ڳالهيون
سائين ساه گهٽو توکي ساري"
"خويشئون پنهنجي ناتو لاتيءِ نيهن
تہ نباهيءِ توکي ڳالهه اها ڪنهن
سلي"

Scanned by CamScanner

فهرست رسالہ داتا فيض درياه

صفحه	مضمون
	"منهن موڙني منهن ڇاڪون يا نه عيب عاشق جا پسي"
	"هن نمائيءَ عيبڻ هائيءَ کي لالن ڪنن لوڏاريءَ"
	"نيهن نهوڙيو نازڪ تنهنجي دل ڏکن آه ڏنگي"
	"ڏکن مونکي ڏني آه ڏيکاري ٿيا جوش جگر موچاري"
	"سڌ سماءُ لڌه ڪونہ عاشق جو توکي مانٽ پنهنجا لڳا منا"
۱۷۰	**ڏوهيڙه**
	وحدت مان ڪثرت
	وڄ مان گاج مان باد مان باران
	نا مرادي نجهرو ويراڳن وصل
	"سرمان بي سر مان بيخود مان بي اختيار"
	جيجل جوڳيئڙن جا
۱۷۱	**مڪتوب اول روپ ڪنيات**
	مڪتوب ٻيو روپ ڪوهياري
	مڪتوب ٽيون روپ جوڳ

پورو ٿيو.

عرض احوال

داتا فيض درياه جي رسالي ڇپائڻ لاءِ پنهنجي مرشد سيد بگن شاه (دوم) کان امر ورتم. مون سندن حضور ۾ عرض ڪيو تہ داتا ولايت علي شاه جو سرائڪي ڪلام ڇپائجي! پاڻ حڪم ڪيائون تہ بابي ولايت علي شاه جو هڪ ڪتاب ”انباه ۾ آڙاهہ“ ڇپجي چڪو آهي تنهن ڪري داتا فيض درياه جي رسالي جي ڇپائڻ جي ڪوشش ڪرِ. مون سندن اَمر اکين تي رکي ”فيض درياه جو رسالو“ جي تياري ۾ لڳي ويس، تان جو سادي سودي نموني ۾ صحي هي رسالو ”قلندري خطاب“ جي نالي سان ڇپائي پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچايم. پڙهندڙن کي التجا آهي تہ مونکي منهنجي اوڻاين پوڻاين کان آگاهہ ڪن.

آءُ فقير عبدالمالک بجاراني- ڪنڊڪوٽ جو ٿورائتو آهيان جنهن نجفي سائين وارو نسخو ۽ هڪ عدد بابا ميرل جي تصوير ڏيڻ جي مهرباني ڪئي. عربي ٽيچر مولوي عبدالواحد سومرو (گهوٽڪي) جن جي مهرباني جو پارسي غزلن جي سنڌي ترجمي ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي. ٿورائتو آهيان سائين نارائڻ داس جو جنهن ڪلام ۾ آيل هندي ۽ سنسڪرت لفظن جون معنائون لکائڻ ۾ مدد ڪئي. منهنجي وڏي ڀاءُ عبدالرؤف ڀٽي آزاد فقير هي قرب ڪيو جو درگاهہ جون تصويرون ڪيميرا تي ڪڍي منهنجي حوالي ڪيون. لاڙڪاڻي جي انباهي فقيرن فقير محمد بچل ابڙو، نوجوان فقيرن مان فرحان سرهيو (رحمان فقير)، عامر علي تنيو، ساجد ميراڻي، مسٽر مجيب الرحمان قريشي، حسين بخش حيدري ۽ اوٽر انباهي جن جو ٿورائتو آهيان جن مفيد مشورن سان نوازيو ۽ منهنجي خيال کي همت جي هٿي ڏني. تمام گهڻو ٿورائتو آهيان پنهنجي اديب ۽ عالم ڀائٽي خالد سيف الله ڀٽي (شڪارپور) جو جنهن ٽائيٽل ڪور ٺهرائڻ ۽ رسالي جي ڇپائڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي. منهنجي ڀائٽي منصور علي ڀٽي، شاگرد ممتاز لاهوتي، اصغر مغيري جو بہ ٿورائتو آهيان جن پروف پڙهڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي.

سنڌي ادبي سنگت جي سرواڻ ڊاڪٽر ادل سومري (سکر) ۽ منٺار سولنگي جي به مهرباني جن مونکي سٺين صلاحن سان نوازيو. رسالي "الهام ۽ آڙاهه" جي مرتب مهدي شاه فياضي جا ٿورا جنهن "قلندري خطاب" رسالي لاءِ به اکر لکيا ۽ رسالي جي ڇپائيءَ وارن مرحلن ۾ مدد ڪئي.

آخر ۾ پنهنجي مطالعي جي مشتاقن، ادبي دوستن ۽ فقيرائن کي نمائو عرض آهي ته هن ڪلام جي ڳڏ ڪندڙ ۽ ترتيب ڏيندڙ فقير محمد هدايت علي نجفي لاءِ دعاءِ خير گهرن ۽ هن ناچيز فقير عبدالغني اياز پٽي، ويٺل ڳوٺ نبي آباد (ڪٽي) تعلقو ڳڙهي ياسين ضلع شڪارپور لاءِ به دل سان دعا ڪرڻ فرمائن ...... آمين ثم آمين.

دعائن جو طالب

فقير عبدالغني اياز پٽي

ميوزڪ ٽيچر

گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج (مين)

لاڙڪاڻو - سنڌ.

مؤرخ: ۱۵ جولاءِ ۲۰۰۲ع

عرش منزل ساکن انباه فيض

سموري دنيا ۾ صوفين جا ٻه مکاتيب فکر رهيا آهن. هڪڙو مکتبہ فکر مذهبن جي اثر هيٺ خانقاهيت ڏانهن مائل رهيو آهي ۽ ٻيو دين ڌرم ۽ کفر جي متڀيد کان بالاتر رهيو آهي. صوفين جي ٻئي مکتبہ فکر ۾ حسين بن منصور حلاج، محي الدين ابن عربي، شمس تبريز، فريد الدين عطار، سچل سائين، بلي شاهہ جهڙن بلند پايہ هستين سان گڏ سيد فيض محمد شاهہ عرف ”داتا فيض درياهہ“ ”شاهہ نواض“ بہ شامل آهي.

وحدت الوجود (ويدانت، همہ اوست) جي قائل ٻين شاعرن جيان ”داتا فيض درياهہ“ جو ڪلام بہ آفاقي حيثيت رکي ٿو. جنهن جي پروڙ ڪلام جي اڀياس مان پليءِ پت پوي ٿي. ”داتا فيض درياهہ“ جو ڪلام ڇپائڻ جون ڪوششون گذريل ڪجھ عرصي کان درگاهہ سان لاڳاپيل فقراهہ توڙي ٻين محققن، اديبن پڻ ڪيون. ان سلسلي ۾ گهڻا سال اڳ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جو ترتيب ڏنل مسودو (فيض درياهہ جو ڪلام) ڇاپڻ جو فيصلو پڻ ڪيو هو. جيڪو اڄ تائين ڇپجي نہ سگهيو. شايد ان ڪري تہ داتا فيض درياهہ جو ڪلام سهيڙيندڙ علامہ محمد هدايت علي نجفي ”تارڪ“ جي محنت ضايع ٿيڻ نہ ڏني.

علامہ محمد هدايت علي نجفي تارڪ جي درگاهہ حضرت انباهہ سان بي پناهہ محبت ۽ عقيدت رهي آهي. مکي پوکر داس شڪارپوري پاران 1922ع ۾ ڇپايل ”ديوان نجفي“ جي مقدمہ ۾ ماستر جمعہ خان غريب لکيو آهي تہ، ”فقير نجفي همعصر صوفي فقيرن خاندانن جهڙوڪ حضرت سيد بگن شاهہ جيلاني صوفي (اول) سجاده نشين سيد فيض محمد شاهہ فيض درياهہ جيلاني خلف الرشيد حضرت پير شاهہ جيلاني طالب حضرت شاهہ نصير الدين صوفي نوشهره کان رموزات رندي جو تحقيق حاصل ڪيو.“

ساڳئي ئي 1922ع ۾ شايع ٿيل "ديوان نجفي" جي غزلن ۾ رديف "ض" ۾ هڪ غزل شامل آهي جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته "فقير نجفي" "داتا فيض درياهه" جو ڪيتري قدر قائل هو. غزل جي مطلع ۽ مقطع هن ريت آهي.

سيد فيض محمد شاهه فيض.
عرش منزل ساڪن الباهه فيض.
جام مئہ مئخان ان جي مان مليو،
هن نذر "نجفيءَ" کي ناگاهه فيض.

"ديوان نجفي" جي رديف "واو" ۾ هڪ ٻئي غزل، جنهن ۾ "علامه نجفي" پاڻ کي "سخن جو خاقان" سڏي ٿو ۽ چوي ٿو ته، "پيغمبريءَ جو زمانو ختم ٿي ويو آهي نه ته مون تي به سخن جو فرقان نازل ٿيو آهي." ساڳئي ئي غزل ۾ ايڏي وڏي دعويٰ ڪانپوءِ به ان ڳالهه جو اقرار ته اهو سڀ "فياض" جو انعام آهي. "علامه نجفي" جو داتا فيض درياهه "شاهه فياض" سان محبت ۽ عقيدت جو چٽو ثبوت آهي.

مون مملڪت نظم ۾ خاقان سخن جو.
هٿ منهنجي ۾ ٿيو گوءِ ۽ چوگان سخن جو.
پيغمبريءَ جو ختم زمانو ٿيو آهي،
نه ته مون مٿي نازل ٿيو فرقان سخن جو.
اڄ مبدء "فياض" جي انعام سان نجفي،
ٿيو سنڌ اندر فائض فيضان سخن جو.

علامه محمد هدايت علي نجفي تارڪ جي "داتا فيض درياهه" سان والهانه عشق جي اهڙن ثبوتن پيش ڪرڻ ڪانپوءِ چوڻ ڪان نٿو رهي سگهجي ته اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي هڪ وڏي اديب ۽ محقق جنهن علامه نجفي جي ڪلام تي Ph: D جي ڊگري حاصل ڪئي، تنهن "سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو" پاران 1989ع ۾ شايع ڪيل "ديوانِ تارڪ/ ڪلياتِ تارڪ" جي رديف "ض" ۾ غزل "سيد فيض محمد شاهه فيض." ته نه ڏنو آهي پر

ڪتاب جي "مقدمي" ۾ به داتا فيض درياهه ۽ داتا ٻڪن شاهه (اول) کي ڪٿي ياد نه ڪيو آهي. ايتري تائين جو "ديوانِ تارڪ/ ڪليات تارڪ" ۾ قبله سيد اظهر گيلاني جي "تارڪ لائبريري گهوٽڪي" ۾ رکيل 45-ڇپيل اڻ ڇپيل ڪتابن جي لسٽ ۾ به علامه نجفي جو تاريخ 25 سيپٽمبر 1934ع تي لکي پورو ڪيل داتا فيض درياهه جو ڪلام نه ڏنيو آهي. *

جڏهن ته علامه نجفي جو ذڪر ڪيل قلمي مسودو اڄ به "تارڪ لائبريري گهوٽڪي" ۾ شاعر اهلبيت قبله سائين سيد اظهر گيلاني وٽ موجود آهي. جيڪو سندن ٿي مهر ۽ ديا سان فقير عبدالمالڪ بجاراڻي کي عطا ٿيو. جنهن مسودو فوٽو ڪاپي ڪرائي ٿورن سان سندن خدمت ۾ واپس ڪيو.

جس هجي استاد عبدالغني اياز ڀٽي کي جنهن داتا ٻڪن شاهه(دوم) پاران عطا ٿيل خطاب "اياز" کي پٺي نباهيو آهي ۽ هن پنهنجي زندگي درگاهه حضرت انباهه لاءِ وقف ڪري، ڇڏي آهي. داتا فيض درياهه جو علامه محمد هدايت علي نجفي تارڪ وارو سهيڙيل ۽ لکيل مسودو سموهي ۽ سنواري شايع ڪرائڻ وارو هي ڪارنامو ڪيس ادب جي دنيا ۾ هميشه لاءِ امر رکندو.

ڳڙهي ياسين

12 جولاءِ 2002ع مهدي شاهه

---

* سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو پاران ڇپايل "ديوان تارڪ" (1989) ۾ مرتب صفحي-18 تي 16 صفحات تي پکڙيل ڪتاب "راز اظهار" جي مڪمل ٿيڻ جو سال سن 1940ع ۽ صفحي-21 تي 15 صفحات تي پکڙيل ڪتاب "گوهر آبدار" جي لکجڻ جو سن 7 جون سن 1832ع لکيو آهي. جڏهن ته ساڳئي "ديوان تارڪ" جي مقدمي ۾ مرتب صفحي نمبر-2 تي "نجفي تارڪ" جو جنم سال 1894ع ۽ صفحي نمبر-6 تي وفات جو سال سن 1939ع لکيو آهي. مرتب جي ڪمال موجب علامه نجفي تارڪ هڪ ڪتاب وفات کان هڪ سال پوءِ ۽ ٻيو ڪتاب جنم کان 72 سال اڳ لکيو. (م.ش)

الله لفظ جي وضاحت

هُوَ الله الذي لا الٰه اِلاَّ هُو ط

الله- ٻہ خدا جو اسم ٻن الفاظن ال + الـه جو مرڪب آهي. الـه معنيٰ معبود جنهن جي بندگي ڪئي وڃي. نبوت جي اظهار کان اڳ عربستاني مُشرڪ بتن جي پوڄا وقت ڪين الـه چوندا هئا. عربي گرامر جي قاعدي موجب اسم عام کي اسم خاص بنائڻ لاءِ ال لڳائيندا هُيا جنهن کي گرامر ۾ لام التعريف چون اهڙي ريت ال + الـه = الله بنجي پيو. جنهن جي معنيٰ خاص معبود يا خاص هستي جو عبادت جي لائق هُجي يعني جيڪڏهن الله مان الف ڪٽي ڪڍبو تہ **لله** ٿي پوندو جنهن جي معنيٰ آهي الله لاءِ وري جيڪڏهن **لله** مان لام ڪٽي ڪڍبو تہ لـه ٿي پوندو جنهن جي معنيٰ آهي اُنهيءَ خدا لاءِ ۽ وري لـه مان لام ڪٽي ڪڍبو تہ هُو ٿي پوندو جنهن جي معنيٰ آهي اُهو خدا. انهن سببن ڪري مالڪ اسم ذات آهي صُوفين جي قول مطابق اِنسان جي هٿن جو چنبو الله جي صُورت خطي آهي.

الله سائين جا نالا صفاتي، جمالي، افعالي ۽ جلالي آهن.

لا الـٰـــه نفي ۽ الاِ الله اثبات توحيد جو اقرار آهي

محمد رسول الله صلعم رسالت جو اقرار آهي

صدين کان صوفي الله کي اثبات ڪرڻ ۽ توحيد جي سربلنديءَ لاءِ سرن جا نظرانہ پيش ڪندا اچن ٿا. ڇو تہ فقيرن لاءِ الله کان وڌيڪ ڪوبہ محبوب ۽ معبود ناهي. ان توحيد جي راهہ ۾ منصور رحہ کي سوليءَ تي چاڙهيو ويو تہ بسطامي رحہ کي بغداد مان تڙيو ويو. شاهہ عنايت کي شهادت نصيب ٿي تہ بلهي شاهہ کي ذبح ڪيو ويو. سچل رحہ ۽ فيض درياهہ جهڙين هستين تي ڪفر الحاد ۽ ساحر جو الزام لڳايو ويو.

Scanned by CamScanner

صوفي لفظ تي تبصرو

اسلام کان اڳ قديم زماني ۾ به صوفي موجود رهيا آهن. قديم زماني ۾ اتان جا ماڻهون عرب ڪعبي ۾ پاسون به پاسيندا هئا ۽ پنهنجا پٽ به ڪعبي جي خدمت لاءِ ڏئي ويندا هئا. ڪعبي جي سنڀاليندڙ کي ”صوفه“ چوندا هئا جيڪو خدمت ۾ آيل طالبن کي ڪيڙو پڳ ٻڌي ڪعبي جي رياضت جو امر ڪندڙ هو. اسلام جي وقت به ڪعبي جي اڳواڻ ”صوفه“ کان حاجي اجازت وٺندا هئا ۽ ان کان معلوم ڪندا هئا ته اسان جو حج ٿيو، اسان وڃون. اسلام جي شروعات ۾ اوني پوشاڪ پهرڻ سادگيءَ جي نشاني هئي. اوني لباس پهريندڙن کي صوفي ڪوٺيندا هئا. صُوفي لفظ صوف يا سيب يعني پشم مان به نڪتل آهي. وڌيڪ صوفي لفظ الصفا مان به نڪتل آهي، پهرين صدي هجريءَ ۾ گوشه نشين آدمين کي به اهل الصفا سڏيو ويو جن ۾ بلال، مقداد، عمار، ابن مسعود ۽ صُهيب ٿيا. ۴۰ هجريءَ ۾ مولا علي ڪرم الله وجه جي شهادت ۽ ۶۰ هه ۾ ڪربلا جي شهادت رنگ لاتو. انهيءَ پهرئين صدي هجريءَ ۾ خواجه حسن بصري ۽ بيبي رابعه بصري عضون، حواس، نفس ۽ روح لاءِ امتياز قائم ڪيو. معروف ڪرخي ۲۰۱هه، ابو سُلمان دَراني ۲۱۶هه، ذوالنوُن مصري ۲۶۴هه، طيفور عرف بايزيد بسطامي ۲۶۱هه ۽ حُسين بن منصور حلاج ۳۱۰ هه صُوفي قدم وڌايو.

۷۶۶ع ۾ ابو هاشم کي صوفي لقب مليو. ۴۷۰هه کان بعد صُوفي القادري جو پايو محبوب سُبحاني وڌو. هيءُ طريقه وحدة الوجودي (همه اوست جو حامي آهي). محبوب سُبحاني جي اولاد پير ڪليم الله بلڙي کي پير عبدالملڪ جهوڪ کي ۽ پير عبيد الله دراز کي رنگ لاتو. ۴۹۱هه کان بعد سُهروردي طريقه آئيو جنهن جا طالب ملتان، اُچ، روم، لواري ۽ هالا ٿيا. ۱۲۳۶ع کان اڳ چشتي طريقه خواجه هند الا ولي آندو. ۷۹۱هه کان اڳ نقشبندي طريقه آئيو جنهن ۾ لڪياري، جهنڊي وارا پير، ڪاتيار سرهندي ۽ نوشهرو ٿيا. ۱۲۴۰ع کان اڳ شيخ محي الدين محمد عرف ابن عربي حاتم طائي جي اولاد وحدة الوجود (همه اوست) کي آندو ۽ يارهين صدي هجري ۾ شيخ احمد بن عبدالاحد فاروقي (لقب امام رباني مجدد الف ثاني) سرهندي پنجاب وحدة الوجود (همه اوست) جي مقابلي ۾ وحدة الشهود (همه از اوست) کي آندو.

[illegible]

داتا فيض درياھ

پيدائش ۽ تعليم:

سيد فيض محمد شاھ ميرل ولد سيد پير محمد شاھ جيلاني ڳوٺ انباھ شريف، ھاٿوڪو شڪارپور ضلعي ۾ اندازً ١٢٨٠ھجري واري ڏھاڪي ۾ پيدا ٿيا. ظاھري تعليم پنھنجي باباجي مرشد ڀائي بزرگ درويش صوفي سيد ڏنل شاھ عظمت ڳوٺ کان حاصل ڪيائون. پاڻ استاد جي ڏاڍي تعظيم ڪندا ھئا. استاد وٽان موٽندي ادب جي لحاظ کان پٺيرا ايندا ھئا. پاڻ ان دور جي تعليم سنڌي، پارسي ۽ عربي ۾ محويت حاصل ڪيائون. پاڻ ڄمندي ئي ڄام ۽ مادر زاده ولي ھئا ۽ قلب سليم جا مالڪ ھئا.

داتا جي سھڻي صورت ۽ رھڻي ڪھڻي:

داتا سائين صورت جا سھڻا، پيشاني ويڪري ۽ ٻهڪندڙ اکيون خماريل ۽ آب ڀريل، سونھاري پوري. مٿي تي ھٿ جي ٽوپي يا ٽوپ جيڪو پنھنجي ھٿن مبارڪن سان جوڙيندا ھئا. پهراڻ سائو يا گيڙو، سُٿڻ ڪاري، پيرن ۾ مخملي جُتي ۽ دائما ڪاري ڪتي پھريندا ھئا. ڏاڙھيءَ جي وارن کي ھيٺ پٽ تي ڪرڻ نہ ڏيندا ھئا. فقيرن کي لباس بہ پاڻ ھٿن سان ٺاھي ڏيندا ھئا. پاڻ ننڍي ھوندي کان واصل با الله مادرزاده ولي ھئا. الله جي يادگيريءَ ۾ قلب جاري ھُين، پاڻ "دم ڪاھڻ" ۽ اوجاڳي جا شائق ھئا. جيئن جيئن جواني کي رسيا تيئن تيئن بيخودي، محويت، مستي حال مٿن جُھلندو آيو. ڪيترائي ورھيہ اوجاڳي ۽ فاقہ ڪشي ۾ گذاريندي وحدت جي بحر بيڪران ۾ گم رھيا. جڏھن سالڪائي ڏانھن وريا تہ شاعري بہ چيائون. شاعري ۾ پنھنجي پياري طالب ۽ معشوق ميرل جو نالو استعمال ڪيائون. پارسي غزل ۾ فرمايو اٿائون تہ،

منم شاه فيض شاھنشاه ڪہ ميرل نام بودستم

طالبن کي فرمائيندا هئا ته رب جي محبت جو نشو واپرايو. دمن جي سنڀال ڪريو ڇو ته انسان هِت الله جي عبادت ڪندي "دم درست" رکڻ آيو آهي. زماني گفتار کان منع فرمائيندا هئا. فرمائيندا هئا ته فقير اهو جو سڀ ۾ سمائجي وڃي. مئل دليون محبت سان جياري ۽ صحبت سان سينگاري، ننگ ۽ نگر جي پارت ڪندا هئا. غريبن جا همدرد هئا. پکين، جيتن ۽ جانورن تي ڪهل ڪندا هئا. ويراڳ سماع، وجد، گريه جا ڳڻ سندن فطرت ۾ شامل هئا. توڪل جي ترهي رات جي وقت دلن جو پاڻي به هارائي ڇڏيندا هئا.

داتا جو ديدار:

فياض جو حسن جنهن به ڏٺو سو بيخود ٿيو. ان همه واري حسن ڪيئي درد ديوانا ڪيا ۽ ڪيئي محبت مستانا ڪيا. حقيقي حسن جا پروانه طالب اٺ ئي پهر تڙپندا جلندا رهندا هئا. مستي حال مقرر ٿيڻ ڪانپوءِ ڪي فقير مٽي سان ڪوهه جي ماله ويڙهيندا هئا. ڪي مٽي جي پڳ ۾ پکين جا رنگين پر پائي سوهندا هئا. ڪي ڪنٺا ڪولابا پائي ڇيرن جا ڇمڪار ڪري نچندا رياضت ڪندا هئا. ڪي فراق جا قتيل، ڪي پنهنجي اصلي ملڪ کان وڇڙيل ڪي مجازي موج حقيقي حسن جي فوج جا گهايل گهٽا ٿيا. سندن نوراني نظر جو اهڙو اثر هو جو عاشقن جا پهرين سٽ ۾ سڀ وهم وساري ڇڏيندا هئا. هرڪو عاشق ڪين ڏسي انا الحق تون هين تون جي صدا هڻندو ٿي رهيو. جيڪي گهور گهايا سي گهر نه ويا.

اسين آهيون لا مڪاني
ماڳ اسان جو آهي مئخانو

محبت ۾ مخمور ٿيل فقير حق جو هوڪو ڏيندا سُتن کي اُٿاريندا هئا ته، "اٿو الله کي ياد ڪريو، پاڻ تي لا جي ڪاتي وهائي سر ثابت ڪريو." غلط لفظ اچارڻ واري کي "لو وائڙا" چئي "الا الله جي ضرب، ڏئي بيدار ڪندا هئا.

هتؤن هاج هجڻ واري ڇڏ وو آتي لاحد ڏي عاشق لڏ وو.

راق جي ايذي لوري لڳل هين جو سدائين اداس ۽ پوريت جا
ا. جو ٻه طلب رکي اندر آئيو ته سندس من جون مرادون
ٺ ٿيون. ان وقت شريعت جوبه زور هو ڪي ڪيس جادوگر،
ٻه ڪوٺيندا هئا. بلڪه ٻوَ ڪان اندر نه ايندا هئا. مولوي
ع مٿن موهت هوندو هو.

ائين داتا جو مختصر سير و سفر

ڻ ۾ پنهنجي بابا سائين ۽ پاڙن سان درگاهه نئون شهرو فيروز
ڪالي جي مشهور موهن فقير جي ميخاني تي پهتا. داتا کي موهن
ڻ چيو ته نهنگر الله جي پنڌ ۾ هوريان ٿي هَل ته سهنو نه ڦاٽي پوئي.
ي ۾ هلندي موسيٰ فقير جنهن باقرائي وٽ پهتا. موسيٰ فقير فرمايو
نهنگر مهل اما اٿئي، پوءِ چا ڪندين." ان جملن تي قلب کي قرار
ءِ وچي مخدوم شاهه نصيرالدين جو درشن ماڻياٿون. پڙهڻ دوران
ين ڏنل شاهه وٽان موٽ تي ادب جي لحاظ کان پنيرا درگاهه تي ايند اهئا.
رگوبند رام نماڻو عرض ڪين ته خيرپور دعوت تي هلو. ان کي انجام
ڏنائون هرگوبند رام بندوبست رکي، ٻاهر سائين جن جي انتظار ۾ رهيو.
هيڏنهن داتا گهوڙي تي چڙهي ٻاهر نڪتا ۽ صرف ٻگوٺ (هي ٻگوٺ انباه جي
ويجهو آهي) کان واپس وريا. هرگوبند رام واپس ٿي مجبوريءَ ۾ گهر پهتو
گهر وارن چيس ته داتا هِت آيو هو. اسان درشن ڪيو ۽ تون ڪاٿي هئين.

داتا پوري عمر دربار "لوڙهي" ۾ رهيو.

* *

حاجي پير محمد شاهه، موهن فقير ۽ موسي ر جنهن هڪ مرشد جا طالب، هئا.

ڪوهه ۾
کهي مان
يا ٿون، پاڻ
ميرا لعل ۾

اغل تي



بابو ميرل فقير جاگيرائي، لونگ، فقيرء بهاول فقير لاشاريءَ سان گڏ

داتا جا اهم قول

١. ڪنهن ماڻهو داتا تي موهت ٿي پارس آڻي ڏنو. داتا ولي اهو ڪوهه ۾ وجهرائي ڇڏيو. انهيءَ درويش کي دل ۾ ڏک ٿيو. داتا ان کي کُهي مان پاڻي ڀري اچڻ لءِ چيو. هن وڃي ڏنو ته ڪوهه ۾ رڳو پارس پيا ترن. پاڻ فرمايائون ته، ”دل ۾ دم کي پارس بنايو، تنهنجو قدر پارس، هيرا لعل ۽ موتين کان اتم آهي.“

٢. داتا جو گهڻو بياض عدم آهي. پاڻ فرمائيندا هئا ته هي ڪلام ڪاغذ تي لکڻ بجاءِ پنهنجي دل جي ڦرهي تي لکي ڇڏيو ۽ ان تي عمل پيرا رهو.

٣. پاڻ فرمائيندا هئا ته جن ڏنهن ويحون انهن جي پَرِ ڪيو.

داتا جي هٿن جون تبرڪون

درگاهه تي ڪوهه، ڄمون جو وڻ، ڪوئنڊي جو وڻ، ڪاٺ جو يڪتارو، ڪٽ ۽ پراڻو هندورو، بنگلو داتا جي وقت ۾ هرگوبند رام ٺهرايو. (هرگوبند رام - خيرپور ۾ مير علي مراد جو وزير هو).

داتا فيض درياهه جي فقيري جي هاڪ هلي ته خيرپور جي والي مير علي مراد پنهنجي خزاني جو وزير داتا کي موڪلي دعوت ۾ جاگير ۽ لک روپيه ڏيڻ لاءِ چوراڻي موڪليو. هرگوبند داتا جو درشن ڪيو ته موهت ٿي پيو ۽ طالب ٿيو.
داتا هرگوبند رام کي چيو ته مير صاحب کي چئه اسان لوڙهي مان نه نڪرندا آهيون جي تون اچين ته سؤ سال حياتي ملندئي. هرگوبند مير صاحب ڏي جواب ڪٽي نوڪري تان استعفا ڏني، اچي داتا وٽ رهيو ۽ داتا جي ويهڻ لاءِ بنگلو به ٺهرايائين.

ڪتبا ۽ آيتون

سنڌن هٿ مبارڪ سان اکر لکيل ۽ آيتون بنگلي جي شهتيرن ت
موجود آهن. آيتون اُڦڙيون ملايون ويون آهن جن کي پڙهڻ ڏکيو آهي ۽ ا
اکرن پويان داتا جو قول آهي تہ ايران کان مرد ايندو ۽ اچي اظهاري ڪندو.

ان وقت جا ميخانا

١. ڳوٺ پٺاڻ لڳ باقراڻي (لاڙڪاڻو).
٢. بڊو ضلع شڪارپور.

آخري سفر ۽ آرامگاهه

پاڻ پنهنجي حياتيءَ جو حصو پنهنجي محبوب بابا ميرل فقير جاگيراڻي جي حوالي ڪري ۱۴ شوال ۱۳۲۵هه ۴۵ ورهين ۾ ابدي جام نوش فرمائي دار البقا راهي ٿيا. هر سال ميلو ۱۱ شوال کان ۳ روز ٿئي ٿو، جنهن ۾ پريت پانڌيئڙا اچي پياس پوري ڪن. هر ماهه ۾ يارهين پيران پير مُحي الدين الصمداني جي ٿيندي اچي.

داتا جا طالب

جيئن ته هن بيرنگي گاديءَ تان لکين طالب ۽ گنج گاديون آباد ٿيون آهن. ڪيترن درويشن هتان انا الحق جو سبق سکيو آهي. هت هيٺ ڪن داتا جي طالبن جا ضلعي وار نالا ڏجن ٿا. ڪجهه فقيرن، طالبن ۽ سيّدن جي زندگيءَ جو مختصر احوال ۽ ڪجهه ڪلام پيش ڪجي ٿو.

ضلع وار طالبن جا نالا:

ضلع شڪارپور:

سائين بکن شاهه اول انباهه شريف. سُليمان فقير انصاري انباهه شريف. وليداد فقير مهر انباهه شريف. واڌڻ مل مست انباهه شريف. وريو فقير ڪنڀر ڏهر چَڪُ. مائي سَچُلِ (سچار) ڪُنڀار ڏهر چڪ. رکيل فقير دابو حبيب ڪوٽ. نظر فقير لولائي ٻڊو. واسينگ فقير لولائي ٻڊو. رهبر فقير لولائي ٻڊو. خدا بخش فقير دايو شڪارپور. خدا بخش فقير پنهوار ربن ڳوٺ شڪارپور. منٺار فقير ڪنڀر ڪچو ربن ڳوٺ شڪارپور.

ضلع خيرپور:

سيد علي محمد شاهه گاگڙي شريف. غلام حيدر فقير رند گوندرڙو. هرگوبند رام خيرپور. موريو فقير ماڇي پير ڳوٺ. غلام حسين فقير مهيسر ڪمال ديرو ڪمبٽ. فضل فقير ٽؤنر ڪمال ديرو ڪمبٽ. محمد فقير ٽؤنر ڪمال ديرو ڪمبٽ. بدل فقير چنه نِواڙو ڪمال ديرو ڪمبٽ. خير محمد

فقير رند شادي شهيد. بيسر فقير ڪوري لقمان خيرپور. ساٹوڻ فقير
ابڙي خيرپور. فيض الله پنو مظفر ڳڙه پنجاب.

ضلع سکر:

بابا ميرل فقير جاڳيراڻي لکي ڪندرا. توڪل فقير جاڳيراڻي
ڪندرا. واحد فقير جاڳيراڻي لکي ڪندرا. شيرل فقير جاڳيراڻي لکي ڪند
گلڻ فقير خاصخيلي لکي علي آباد ڪندرا. بچل شاه تارڪ سامارو
ابراهيم شاه جيلاني پنو عاقل. پيرل فقير ماڇي سکر. نادر شاه عرف چنجو
شاه روهڙي نارو. هادي بخش ناني شنباڻي بکار نارو.

ضلع جيڪب آباد:

عثمان فقير ٻرڙو ميرپور ٻرڙو ٺل. لٺونگ فقير ٻرڙو ميرپور ٻ
ٺل. حاجي عمر تيغاڻي ڪندڪوٽ.

ضلع لاڙڪاڻو:

ڀائي هاسا رام لاڙڪاڻو. ڏاتر ڏنو فقير تونيو لاڙڪاڻو. صالح فق
پيو لاڙڪاڻو. محمود فقير مهيسر ذڪريو مهيسر لاڙڪاڻو. مائي پيو
باقراڻي. ڀائي گر ڏنو باقراڻي. لعلڻ فقير چنو باقراڻي. الهورايو فقير دا
باقراڻي.

ضلع سانگهڙ:

حمل فقير جاڳيراڻي شاهپور چاڪر. محمد علي ڪوڪر شهدادپور.

ضلع نواب شاهه:

توڪل علي پناڻ لکي هالاڻي. شربت علي پناڻ لکي هالاڻي.
باهو رند ڪنڊيارو. جاڙو فقير رند لکي ڪنڊيارو.

طالب بابا ميرل فقير جاڳيراڻي:

تمام وڏي عمر ۾ سندن محبوب ٿيو ۽ سارو بياض ميرل ناني
آهي. جڏهن محبوب ۾ فنا ڪائي ڪيس محبت جو مرڪز بنائي ان طالب
سمائجي ويو ۽ اڄ سوڏو بابا ميرل پيو سڏجي.

طالب علي محمد شاه جيلاني ڪاڪڙي:

دستاربند مولوي سائن بحث لاءِ تيار ٿي آيو ۽ درگاهہ جي لکي در کان اندر جهڪي ويو چوڻ ۾ آهي تہ اها رات داتا اُداس هيو ڇي علي محمد شاه مباحثي ۾ اچي هٿيار ڦٽي ڪندو.

طالب غلام حيدر فقير رند ڪوندرڙو:

ڪنهن ڪم سانگي داتا وٽ درگاهہ ۾ پهتو تہ فيض ولي رت ۽ پيت ۾ شامل ٿي ويو.

طالب وزير هرگوبند رام خيرپور ميرس:

هِن کي هز هائينس مير والي رياست جاگير ڏيڻ جي پيغام لاءِ موڪليو تہ پاڻ شِڪارُ ٿي پيو.

طالب محمد ابراهيم شاه جيلاني پنو عاقل:

هيءُ بادشاهہ بہ وڏي مُريدي وارو نظرن جي جهڙپ ۾ جهپجي ويو ۽ سندس ميلو ۲۵ رمضان تي ٿيندو آهي.

طالب ڀائي هاسا رام لاڙڪاڻو:

هِن جو ميلو ۲۲ ڊسمبر تي ٿيندو آهي. سندس پوين ۾ ڀائي گهنشام داس ۽ چنچل ڀائي عجب صُورت هُيا.

طالب ٻچل شاه سامارو: ميلو ۲۵ ذي الحج.

طالب توڪل فقير پٺاڻ: ميلو ۹ ذي الحج.

طالب بدل فقير چنہ: ميلو ۲۲ ربيع الاول.

* * *

طالب علي محمد شاهہ گاگڙي

فقير علي محمد شاه ولد حسين شاه جيلاني ويٺل گاگڙي ضلع خيرپور سنڌ، سنڌس وڏو لبي شاه نوراني ٿيو جنهن مان پير عبدالستار تہ اٺ ڏمايا. ابراهيم شاه پنو عاقل، مصري شاه ڏهل لارو نارو، علي بخش شاه (لوڙهو ۽ فقير) بکر قناصره ۽ سخي ڪنبل شاه ڪوٽڏجي ناميارا ٿيا. هيءُ بادشاهہ دستار بند مولوي هو. الله اثبات ڪرڻ لاءِ ڀهريان بابا ميرل فقير سان بحث ڪيائين ۽ الباه شريف پهچي بحث هارائي طالب ٿيو. هڪ دفعہ الباه جي فقيرن سان امروٽ ۾ مولوي تاج محمد وٽ بحث ٿيو ۽ فقير ناڪام ٿي موٽيا داتا سائين ڪيس علي سائين سڏي امروٽ جو امر ڪيو. اتي مقابلہ ٿيو ۽ رات جي پيٽ ۾ مولوي الباه پهتو اتي بحث دوران ہي ڪلام سائين علي محمد شاه چيا. جن مان هڪ ڏجي ٿو. پاڻ ١٩ ربيع الاول ١٣۴٥هہ وصال ڪيائون. هر سال ميلو ١٧ ربيع الاول کان گاگڙي لڳي سندس ليهنگر ولي محمد شاه سهڻي صورت هو ۽ سائين حُسين شاه عجه صُورت هو.

بيت

نڪو ساه پساه نڪو جان جسم،
نڪو خلقيندڙ خلق ۾ نڪو مُلڪ مڪان،
نڪو مُقبل ڪتاب هو نڪو فهم فرقان،
أتي علي، محمد ڪيو روح اندر ۾ رام.

ڪافي

بات برهم دي سمجهين نہ سالڪ، اٽڪل نال الاوڻ ڪيا

١. ظاهر زاهد زهر ڪريندئين، عامل ڪامل ٿي جو ڀَهندئين
شرڪ شيطاني دل وچ ڌرندئين، صافي سِرُ مناوڻ ڪيا

٢. نفس ناداني ڪين سُڃاتئي، راز ربي سِرُ پنهنجون ڄاتئي
پهر پوياڙيءَ جو اڇي پُهتئي، اڳتي دل وڏاوڻ ڪيا

٣. الست بربڪم ڪنِ پيوئي، قالوبلىٰ ٿڏهن چيوئي
واعدو ولسوف وارو وسريوئي، أس تي عُذر آوڻ ڪيا

٤. علي محمد ڇڏ مام مسلاتي، نُور حضور ۾ پائي ڏس جهاتي
بره ٻيڇي آ ڪسڻ جي ڪاتي، عشق جي آگ أجهاوڻ ڪيا

Scanned by CamScanner

طالب توڪل بابا پٺاڻ

توڪل علي (اصل نالو گل محمد) ولد تيغ علي پٺاڻ. اصل وينل حيدرآباد دکن. پهريان سنيوهڻ شريف ۾ رهيا بعد ۾ ٻڪار آيا. هڪ دفعو توڪل فقير ۽ ڀاٽس (سندس ڀاءُ) شربت علي فقير، ڏنل شاهه جي ميلي تي آيا آتان داتا فيض درياءَ جي ڇهري کين مستيءَ ۾ آندو ۽ 30 ورهيه داتا جي دربار ۾ اچي رهيو. داتا کيس ديوانِ توڪل يعني فقراءَ جي حساب ڪتاب جو مُختيار سڏيندو هو. فولاد علي فقير شر کيس پاڪ فقير چوندو هو. پاڻ ١٣٧٧هه کان اڳ وصال ڪري ويا ۽ مدفون جهنڊو جلباڻي لڳ هالاڻي (نوابشاهه) ۾ آهن. ٩ ذي الحج ميلو ٿيندو اٿس. ظفر علي فقير هيسباڻي مٿس قبو جوڙايو ۽ ان کان پوءِ رمضان مشوري روضو جوڙايو. فقير جو وڏو بياض آهي، نموني خاطر هڪ بيت ۽ هڪ ڪلام ڏجي ٿو.

توڪل بابا پنهنجي داتا ۾ اهڙو مخمور هو جو سندس ڪلام پڙهبو ته ڄڻڪ داتا جو آهي ۽ نالي واري مصرع مان ڄاڻ پوندي ته اهو توڪل بابا جو آهي.

بيت

عاشق ويا اوڏانهن جاتي جاءِ ناهي دم
بيرنگ بحر بقا ۾ وڃي غازي ٿيڙا گم

جاتي هم رهيو نه تم **توڪل** ٻولي ناهِ ٻن جي.

ڪافي روپ ڪلياڻ

١. آهيان مان منصور سيج سُوري آه ساز منهنجو
دم انا الحق آهي منهنجو، سدا رهون مي مخمور
من خدايم آه ماڳ مُنهنجو
٢. جوش جباري آهي جاري، بيخود آهيان چڪچور
عرش متي آه آغاز منهنجو
٣. دائم آه ميخانه منهنجو، نانهن ڪيم منظور
بحر اعظم آه اواگهه منهنجو
٤. **توڪل** نالو پرت ڪيو منهنجو، آهيان نُور حضور
قُم باذني آه پرواز منهنجو

طالب غلام حيدر فقير رند

فقير صاحب جو ان بند هُيو. ظاهري اکيون بند هُيون، ڇٽڪ هڏائون پيڃرو هو. "ذت ذماڙي سومرا آڻ ۽ کاءُ" فقراءَ جي سوا پهر سير تي ٻڌل هو. داتا سائين جو ايڏو قرب هُين جو فرمائيندا هُيا تہ تو سان "رت ۽ پت" جو رشتو آهي. هڪ دفعو هزهائينس مير علي نواز ٽالپر اچي جاگير لاءِ عرض ڪَيُن، فقير فرمايو تہ اسان جي ننگر مان تون خود ڪاٺي رهيو آهين، مجبور ڪرڻ تي هڪ روپيہ ڪنيائون. هاٺي پويان قرار فقير هڪ سُهڻي صورت هو. ميلو ۴ صفر تي ٿئي ٿو.

بابا ميرل فقير جاگيرائي

داتا فيض ڏرياهه پنهنجي سموري ڪلام ۾ خاص طالب بابا ميرل جو نالو وڏو آهي. غمدل فقير بابا ميرل جي وصال وقت ”وصال نامي“ ۾ لکيو آهي ته:-

سو ايڪاهٺ سال ۾، واندو نه دم وصال ۾
هر دم حياتي حال ۾ واصل وصل ويساهه جو
ٽيهه ثاني هو جمادل، ٽيرنهن سو ٽيهتر هليل
هن دارالفنا کان بدل، ساڪن بقا ٿيو شاهه جو

غمدل فقير جي ”وصال نامي“ موجب بابا ميرل جي عمر 161 سال هئي. روايت آهي ته جڏهن بابا ميرل جاگيرائي درگاهه حضرت انباهه تي آيو ته ان وقت داتا فيض درياهه جي عمر 25 سالن جي لڳ ڀڳ هئي ۽ بابا ميرل جي عمر اٽڪل 93 سال هئي. چون ٿا ته داتا فيض درياهه جي خاص راز سبب ڪيس داتا جو معشوق سڏيو ويندو هو. داتا فيض درياهه جي حوالي سان روايت مشهور آهي ته داتا جن فرمايو ته، ”جيڪو به ميرل کي بابو ميرل نه چوندو تنهنجي رزق مان ٽڪرو گهٽبو رهندو“. داتا فيض درياهه جن درگاهه جي لوڙهي کان ٻاهر نه نڪرندا هئا. ان ڪري فقراهه جو سلار بابو ميرل هوندو هو.

سندس مزار ڪنڊڙيءَ لڳ روهڙي تعلقي ۾ آهي. هر سال ٽيهه جماد الثاني تي سندس درگاهه ۾ ميلو لڳندو آهي.

بابا ميرل فقير جا طالب

سردار امام بخش جتوئي، مير حسين علي ٽالپر ٽنده علي آباد، مير ولي محمد ٽالپر ٽنڊو علي آباد، ڪمال فقير ينگر پنو عاقل. عبدالستار فقير لوهر نئون ديرو، علي حسن فقير جيهو سالار نئون ديرو. مائي حوا لاشارڻ ڪنڊڙي. تان فقير لولائي- ٻڊو. دان فقير ۽ سانولو فقير لولائي ڪنڊڙي. ابيچند مستي خان، پير ڏنو، رستم فقير (درياه) وارث فقير، چڻنچل (صوفن فقير) ۽ هادي بخش فقير سڀ جاگيرائي (لڳ ڪنڊڙي). مير علي مراد خان سندراڻي. دڙي (ڪنڊڪوٽ) اشرف فقير سندراڻي دڙي عبدالله بلوچستان. لال بخش قمبراڻي غوٺپور.

سيد حاجي پير محمد شاه جي زندگي ۽ ان وقت جا فقير

سائين سيد حاجي پير محمد شاه بن سيد حاجي شاه جيلاني مولا علي ڪرم الله وجه جي ٣٨ پيڙهي ۽ قادري طريقي جي باني شيخ محي الدين عبدالقادر جيلاني بغدادي جي ٢٦ پيڙهي ۾ صوفي القادري ٿيا. سندن وڏا عراق کان ايران اچي اُتان اُچ شريف رهي هت الباهه شريف، پهتا. پاڻ جڏهن حج جي لاء ويا ته پويان حاويلي تي رياضت لاء ١. پيلو فقير ماڇي (گهوٽڪي) ۽ جام ٻيهنسي فقير قنداري ڇڏي ويا. (اهي فقير درگاهه ۾ دفن ٿيل آهن). پاڻ پيرن پيادي حج لاء ويا ۽ اتي ستَ حج پڙهيائون. پويان پيرسن والده کين دعائون ڪندي رهندي هئي. آخر عربستان کان واپس اچڻ کان پوءِ نئوشهري فيروز ۾ مولانا مخدوم شاهه نصير الدين جي بعيت ڪري اُتي گهوڙن جي ڪُڙهه ۾ رياضت ڪرڻ لڳو. ايتري رياضت ڪيائون جو کين پنهنجي ذات جو به خيال نه رهيو. ليث مرشد شاه نصير الدين کين شادي ڪري پنهنجي حويلي تي رهڻ جو اَمُر ڪيو. پاڻ الباهه اچي شادي ڪيائون ۽ والده جي خدمت ۾ گذارڻ لڳا. کين ٽي فرزند ١. سيد تاج محمد شاهه. ٢.فيض محمد شاهه. ٣. جان محمد شاهه. جڏهن ٽينگر ولي شاه نصير الدين جي ديدار لاء نئوشهري پهتا ته مرشد شهزادن کي ڏسي ٻئي نمبر شهزاده سيد فيض محمد شاهه لاء بشارت ڏني ته هي ٽينگر مادرزاد ولي آهي حياتي اٿس ته بلڙي شاه وارو طبل وڄائيندو. وڌيڪ ٽينگر لاء فرمايائون ته اسان جي عشق جو سرو سامان هي آهي ۽ وري اچڻ جو احتياج نه ٿيندو.

شاهه نصير الدين بن پير عبدالغني بن شهاب الدين، نقشبندي شيخ احمد بن عبد الاحد فاروقي (لقب امام رباني) سرهندي جي اولاد مان هيا. پير عبدالغني جا طالب خوش خير محمد، عثمان فقير سانگي، دولهه درياهه خان ۽ نشان علي ناميارا ٿيا. حاجي سيد پير محمد شاه، محمد هدايت علي تارڪ نجفي، مُرهن فقير ۽ غلام شاه هتڙيءَ وارو شاه نصير الدين جا طالب هُيا.

Scanned by CamScanner

سائين سيد تاج محمد شاهہ اول

سائين تاج محمد شاه جن پير محمد شاه جا وڏا فرزند هئا. پنهنجي ورد وظيفي ۽ ايڪانيت ۾ مشغول رهيا. هڪ دفعي صوفياڻي لباس ۾ ڳوٽ ڪاهي پهتا. (ڳوٽ ڪاهي الباه جي ويجهو آهي). اُتي مولوي تاج محمود امروٽي سان ملاقات ٿين. مولوي صاحب چيو تہ پاڻ ٻئي هڪ نالي وارا آهيون پر هي ڪهڙو حال وَسلو آهي. سائين تاج محمد جن فرمايو تہ هلو انباهہ انهيءَ حال خيال وارو مرد ڏسو.

فيض درياهہ جن مجرد رهيا. پنهنجي وڏي ڀاءُ تاج محمد شاهہ کي شادي ڪرڻ لاءِ چيائون ۽ فرمايائون تہ توهان مان گل پيدا ٿيندو جنهن کي اسان رنگ لائينداسين. تاج محمد سائين مان سيد پير محمد. شاهہ عرف بگن شاهہ اول- پيدا ٿيا.

سائين بگن شاهہ اول عرف بابا پير شاه جو دؤرو

سائين بگن شاه اول، داتا فيض درياءَ جي وقت ۾ سائين تاج محمد شاه کي تولد ٿيا. داتا فرمائيندو هو تہ بابا اچي ويا. ان ڪري ڏاڏو قرب ڏيندا هُين. ننڍپڻ ۾ ئي ڪين درگاهہ جو مالڪ بنايائون. سائين بگن اول ننڍپڻ ۾ ٻاهر مال جي سانگي ويندا هُيا تہ مال بہ چَرڻ ڇڏي ٻاهران حلقو هڻي بيهي يا ويهي رهندا هُيا. سائين بگن شاه درگاهہ ڏي اچي تہ مال بہ پويان لڳو ايندو هو. سائين بگن شاه لوڙهي ۾ ئي رهيا تہ داتا ولايت علي شاه بہ جنم ٻاتو. ڀڳت ڪنور رام گهڻو ايندو هُين. پاڻ فرمائيندا هُيا تہ "سواءِ الله جي ٻيو ڪجهہ ناهي".

* * *

جهد جفائون

لوڙهي ۾ رهي رياضت ۾ شامل رهيا. دم ۽ ذڪر جي ڪاهَ هوندي هُين اوجاڳي جا شائق هيا. ويراڳ سندن خوراڪ هئي. صلح، صفائي ۽ ترڪ شيوو هُين، سُواليءَ جو سوال پورو ڪندا هُيا. سوا پهر سير تي گذران هون ۽ غريبن تي مهربان هُيا. سندن گفتار ۽ رفتار من موهيندڙ هئي. درگاهه جي لڳ زمين تي جريب ملين جتي پاڻ کوهه کٽايائون.

سهڻي صورت

قداور، ڀُورا، تمام سُهڻا ۽ پوشاڪ سادي ۾ سادي پهريندا هُيا. مُنهن تي ڪٻي پاسي آسو هوندو هُين. راڳ ڏاڍو ڳائيندا هُيا.

آخري سفر

سائين بگن شاه اول وصال ۱۸ ذي الحج ۱۳۴۵هہ ۾ ڪيو. پويان گادي داتا ولايت علي شاه جي حوالي رهي، جيڪو سندن وڏو ڀاءُ ڪامل شاه مست هو. مست ۽ اُنجو نينگر سائين جان محمد شاه دوم به وصال ڪري ويا. ميلو بگن شاهہ اول جو ۱۷ ذي الحج کان ۳ روز ٿيندو آهي.

سائين بگن شاهہ اول جا طالب

ضلع شڪارپور: داتا ولايت علي شاهہ انباهہ شريف. علي مراد فقير مهر انباهہ شريف. مِٺو فقير مهر انباهہ شريف. هادي چنہ فقير جاگيراڻي لڳ انباهہ. لعلڻ فقير لباڻو انباهہ شريف. وڌڻ مل مست انباهہ شريف. پيرل ٻرين لولائي ٻَڊو. ڏمچر فقير لولائي ٻڊو. آئي سڦوران (صفن) پنهوار.

ضلع لاڙڪاڻو: پائي گهنشامداس لاڙڪاڻو. ساڌ گيلا رام باقراڻي. سليمان فقير دايو لاڙڪاڻو. فقير محمد فقير شيخ لاڙڪاڻو.

ضلع سکر: صِدق علي فقير لاکو گهوٽڪي. لۏنگ فقير لاشاري لڳ ڪنڊڙي. بهاول فقير لاشاري لڳ ڪنڊڙي. جيوڻ فقير لولائي لڳ ڪنڊڙي. مير علي ڏنو ٽالپر بنده علي آباد- ڪنڊرا. سردار علي شاهہ وينجهڪو بڪار نارو.

ضلع خيرپور: نانگو فقير سيهڙ- خيرپور. سيد گنبل شاه نارو حال ڪوٽ ڏجي. نيشان علي فقير- راضي ديرو ڪمبٽ. علي بخش فقير کهڙو ڦلو سيال ڪمبٽ.

ضلع جيڪب آباد: مي دل فقير سُندراني غوثپور جيڪب آباد.

---

*. لۏنگ ۽ بهاول فقير لاشاري چير جامي سان اٽ ٺي پهر وڃڻ لڳي هُيا. لۏنگ فقير ج
ڪلام بہ اڳلي صفحي تي ڏجي ٿو. سندن ميلو ۲۹ جمادلثانيّ تي ٿيندو آهي.

**. سخي گنبل شاه جا ميلا (۱) ۲۵ ربيع الثاني کان ۳ روز ڦاڙهيارو نارو
(۲) ڪوٽ ڏجي بنگلہ ۱۱ ذي الحج کان ۳ روز ٿئي ٿو. مهر علي فقير پ
شيواداري وصال ڪري ويو آهي.

كلام لونگ فقير لاشاري

ڪافي

مان ڏسان ٿو مان ڏسجان ٿو، مان ڪيان ٿو بات بيان

۱. ”ڪُن“ ڪمايم ڪعبہ ڦاهيم، ”فيڪُون“ ۾ ٻيٺي ٻڻايم
جوڙي وينس سارو جهان

۲. ”الست بربڪم قالو“ ڪمايم ظاهر پنهنجي ذات ڪيڙم
مٿي ڪيڙم پنهنجو مان

۳. ”وَ هُوَ معڪم اينما ڪنتم“ پنهنجي پاڻيم لاتم ڏام ڏوم
عرب مان ايران

۴. لؤنگ لا ٿي موجودي هر جاءِ آهي منهنجي مسجودي
شاهي آهي منهنجو شان

پيرل پرين جي گفتار

اٺ ئي پهر چير جامون سان نچندو هو. ڪيس ڪجلو بہ چوند اهُيا. هڪ دفعہ ٻڍو جو زميندار عيسائي اچي ڪاوڙيس تہ فقير مان الله ٿو چوائي. ڪيس گهرائي ناشائستہ الفاظ ڳالهايائين مثلاً ڳڌھ، فقير وراڻيو ڳڌ الله سان، هُن وري ڪُتو ڪوٺيس، فقير وراڻيو قرب الله جو. هُن چيس ڪيڇر، فقير فرمايو تہ قائم الله سان ۽ وري هن ڀڙوو ڪوٺيس، فقير فرمايو تہ ڀڙ الله سان اُهو زميندار پشيمان ٿيو ۽ سدائين فقير تي راز هوندو هُيس.

ڪلام پيرل پرين

محبت معنيٰ، معنيٰ محبت مِڙوئي آهيان مان الله
مان الله ملڪ سمايُس هر شئي اندر راز ٿي آيس، اول آخر آءٌ الله ”الست بربڪم قالو بليٰ“ ”ونحن اقرب“ ويڪ تجليٰ، لاثاني لا الله لا لاثاني لا صفائي موج منصوري مٿين سِر آئي، تهدل تنها تان الله تهدل تنها توڙئون آهيان هر شئي مٿان حڪم هلايان، مست مولائي مان الله مست مولائي محڪم ميرل پاڻ پيدا ٿيو پاڻ مٿون پيرل حاضر ناظر، هان الله

Scanned by CamScanner

توحيد

حضرت داتا فيض درياهه ۽ حضرت بلي شاهه جي ڪلام ۾ هڪجهڙائي

داتا فيض درياهه جن جي مشهور ڪافي "قلندري خطاب" ۾ پاڻ پنهنجون، وصفون ۽ منزلون بيان ڪيون اٿائون.

؎ قلندري ته خطاب منصوري راه منهنجو
عشق عبيد الله وارو، شمسي شوق شتاب قم باذني آه ساهه منهنجو
حسيني آهي حال منهنجو، جنيدي ته جواب، بايزيدي آه بقاء منهنجو
ادهمي آهي عشق منهنجو، بلي شاهي باب، اجميري آه ارواح منهنجو
ملڪ غوثي آهي ميرل منهنجو، فريدي شاه فيضياب، شاه لطيفي آه لقاء منهنجو

مٿي ذڪل ڪافيءَ ۾ داتا جا خطاب ۽ روح جو رايو انهن عشاقن ڏنهن آهي. سيئي وصفون منهنجي سائين ڪي سونهن ٿيون مگر سندن مرشد شاه نصير الدين ڪين نندپڻ ۾ ئي "بلي شاه" جو لقب عطا فرمايو هو. ان ڏس ۾ لازمي آهي ته پنهي درويشن جي ڪلام ڪي پاڻ ۾ ملائي ڏسجي.

خدا وارن درويشن الله سان ايتري محبت ڪئي جو هر ذري ۾ ڪين سچي محبوب معبود جو جلوو نظر آين. اهو سمجهي، ڏنائون ته جيڪو ڪائنات جو خلقيندڙ آهي، اهو ئي هر شئي ۾ سمايل آهي. آهي عشاق هر لمحي مست ۽ بيخود آهن اهي ئي توحيد پرست آهن، اهي ئي موحد آهن. داتا فيض درياهه سائين جن جي ڪافي آهي.

سائين تنهنجي محبت ڪيو مستان مونکي
سائين تنهنجي درد ڪيو آ ديوان مونکي
سهڻا تنهنجو حسن آهي حيرت
تنهن حسن حيرت ڪيو آ حيران مونکي.

حضرت بلهي شاه جن الهيءَ ڪيفيت ۾ مشاهدي کي بيان ڪندي فرمائن ٿا؛

پردہ کس تون راکھی دا، کیون اوہلے بہہ بہہ جھاکی دا
پھلوں آپے ساجن ساجھیے دا، ھن دسنا ایں سبق نمازے دا
ھن آیا آپ نظارے نوں، وچ لیلیٰ بن بن جھاکی دا
کتے بلھیؒ نام دھرایا اے، وچ اوہلا رکھیا خاکی دا

داتا فيض درياهؒ طالب کي توحيد جو سبق ڏيندي فرمائن ٿا.

اڄ تہ سيڃاڻ سِر کي، ڪونهي ڪو تہ صباح يار
سوا تنهنجي ٻيو ناهِ ڪو، ڪاٿي ٿي ٻيو الله يار

حضرت بلهي شاهہ بہ فرمائن ٿا تہ هر گهٽ تون ئي تون آن. جٽ ڪٽ تنهنجو نوري نظارو آهي. فرمائن ٿا تہ،

آپ سنیں تے آپ سناویں، آپے گاویں آپ بجاویں
ہتھوں قول سرود سناویں، اناالحق دی تار ہلاویں
سولی تے منصور چڑھاویں.

مرشد جي مام:

هن الله جي راهہ ۾ مرشد جي ذات آهي جيڪا الله سان وصال ڪرائڻ واري آهي. عاشقن مرشد جي مام کي پروڙي پرواز ڪيو آهي. پاڻ سڃاڻڻ وارو هڪ ئي نقطو حاصل ڪيائون. داتا سائين فرمائن ٿا.

مرشد مونکي مام ڏني، گيت اناالحق تا ڳايون
يال پلي جا تا پايون
راتيون ڏينهان تا رڙيون، سوز گداز ۾ تا سڙيون
انا هُوجو تا سبق پڙهون، پورب ۾ وڃي پيا آهيون
هي مرشد وارو خاص نقطو آهي پاڻ سڃاڻي سڀ ۾ پاڻ ۾ حق

حضرت بلهي شاه فرمائن ٿا تہ،

Scanned by CamScanner

اک نقطہ یار پڑھایا اے
ع غ دی ھکا صورت، نقطی شور مچایا اے
بلہے شوہ دی ذات نہ کائی میں شوہ عنایت پایا اے.

جهڙي طرح عين غين جي صورت ساڳي آهي ۽ نقطي جو فرق آ اهڙي طرح مرشد ۽ الله ۾ بہ اهو فرق آهي تہ مرشد انساني صورت ۾ سامهون آهي. ظاهر دي وچ هادي مرشد، باطن دي وچ الله.

رانجها جوڳي بن آيا:

سرمست قلندر داتا فيض درياهہ جي ڪلام جو بنياد اناالحق جي سبق پڙهڻ، سولي چڙهڻ، سچ چوڻ تي رکيل آهي. هونئن بہ تصوف جو روح اناالحق چوڻ آهي. جيستائين حقيقت بيان نہ ڪبي تيستائين الله طرفان ڪابہ موٽ ڪونہ ملندي. جنهن طالب ۾ الاهي اوصاف عيان ٿين ٿا اهو ئي منزل ماڻي سگهي ٿو. عشاقن سواء الله جي ڪنهن کي بہ ڏنو ڪونهي انهن اهو راز پروڙي ورتو آهي تہ رانجهو ظاهر ۾ جوڳي باطن ۾ تخت هزاري جو مالڪ آهي. هو پنهنجي پاڻ کي عيان ڪرڻ لاء صورت جو سير ڪري ٿو.

داتا سائين جن فرمائن ٿا،

ماهی محرم مینوں رمزان لاوندا ھی
لاوندا لاوندا پیلا گیت اناالحق ڳاوندا هئی

حضرت بلي شاه فرمائن ٿا،

رانجھا جوگیئڑا بن آیا، واہ انگ رچایا

حضرت داتا سائين فرمائن ٿا

میں ماھی ماھی میڈا ھور نھیں کا جدائی
حاضر ناظر ماھی وسدا مینوں نیڑی سدائی
سو عاشق اگں سہاوندا ھئی

Scanned by CamScanner

حضرت بلھي سائين فرمائن ٿا.

رانجھا رانجھا کردی نی میں آپے رانجھا ہوئی

بلھي سائين جوڳي جي سڃاڻپ ڪرائيندي فرمائن ٿا

ایس جوگی دی کیھ نشانی، کن وچ مندراں گل وچ گانی
صورت اسدی یوسف ثانی، ایس الفئوں احد بنایا

داتا سائين جن فرمائن ٿا.

ایسا کو جوگی آیا، پورب دیس والا
ویکھ یتی مین حیران رھیاں جلوہ عین جمالا
موج سیتی ماھی مرلی وجیداں پاکی کنیں کڑولا وارا

عشق جي باھہ:

العشق نارٌ يحرق ماسوالله

عشق جي باھہ سواءِ الله جي هر شئي کي ساڙي ڇڏي ٿي. عشاق آئي پهر ان الاهي عشق جي باھہ ۾ سڙن ٿا. حضرت داتا سائين خود فرمائين ٿا ته،

عشق آهي آڙاھہ خليلي، صوفي ۾ تنهن سڙجي

يا

لاڳ عجب عشق لائي، ويو آ خطرا ڪلئي ڪاٽي
العشق هو الله، عشق اهو الله آهي

عشق جي باھہ عشاقن کي بيخود ٿي ڪري. بيخود جي بحر کي داتا سائين بيان ڪن ٿا

سِريءَ جي سودي تي ساقي سرڪ ٿو ڏئي
خود کان بيخود ڪيون وئيون نيه تو نئي
انهيءَ مني جي مئخاني ۾ ساڳيو سر تو ٿئي.

جيڪي الله جي ذات جو ظهورو هر فرد ۾ ڏسن ٿا. اهي مذهب ملت، دين ڌرم، ڪفر، اسلام، ملڪ ۽ قوم جي اختلافن کان مٿاهان ٿين ٿا. حضرت داتا سائين جن فرمائن ٿا.

نا مئن هندو نا مسلمان
لوڪ دا ڪيتم ڪيها نقصان
نا مئن شيعا نا مني سني
عشق اسان ڏا امام

حضرت بلهي سائين جن فرمائن ٿا؛

هندو نهيں، نه مسلمان
سني نهين هم شيعا
صلح ڪل ڪا مارگ ليا

جيڪي سائين جو سوجهرو سيني ۾ ڏسن ٿا اهي سڀ سان صلح ڪن ٿا. جيڪي عاشق دوئي جي دام کي ٽوڙي، عشق ازل جو جام پيئن ٿا اهي، اهي بيخود ٿين ٿا. جيڪو عاشق محبوب ۾ فنا ڪائي ٿو وڃي ته پوءِ اهو عاشق پنهنجي الڳ هستي ۾ واپس نٿو وري. بلهي سائين جن فرمايو ته،

آپ اشارا اکه دا ڪيتا، تان مدهوا، منصور نے پيتا
سولی چڑھ کی درشن ڪيتا، هوئيے عشق ڪمال

داتا سائين؛

مرجان ٻاهه ٻره جي ساڙي
مرجان چوٽ عشق جي چاڙهي.

ان پريم جي پنڌ جي باري ۾ سائين بلهي شاهه فرمائن ٿا ته.

اب هم گم هوئے پريم نگر کے شهر
اپني آپ کو سودهه رهے هين
نه سر هاته نه پير
بلهي شاه دوهي جهانين
ڪوئي نه وسدا غير.

داتا سائين جن فرمائن ٿا.

وسري ويون پيون وايون
باتون عجب عشق پڙايون

حضرت بلهي شاه فرمائن ٿا.

بلها کيهہ جانا ميں کون
نہ عربی نہ لاهوری، نہ مئن هندي شهر نگوری
نہ هوندو نہ ترک پشوری نہ ميں رهندا وچ ندون
نہ ميں بهيد مذهب دا پايا، نہ ميں آدم حوا دا جايا.

داتا فيض درياه فرمائن ٿا.

دين مذاهب ڇڏاسي ٻوڙائي
قرآن ڪتاب سيني لوڙهائي
متي عرشين خيال اڏاري
پير پرت ۾ پاياسي.

الله جي محبت:

ڪامل فقير فرمائن ٿا تہ انسان هن دنيا ۾ ڇٺو ڪنيو ٻڌل آهي. ان جو هن دنيا جي شين کان آزاد ٿيڻ ڏاڍو مشڪل آهي. مناڻ تي ويٺل ماکي جي مک اڏارڻ ڪانسواءِ نہ اڏرندي آهي. اهڙي طرح انسان کي جيستائين عشق جي چوٽ نٿي لڳي تيستائين هو الله جي ذات ڏانهن متوجهہ نٿو ٿئي. انسان جي هن دنيا کان نجات صرف الله جي يادگيريءَ ۽ ان کي اثبات ڪرڻ ۾ آهي. جڏهن موليٰ جي محبت اثر ڪري ٿي تہ انساني ٻنڌڻ ڇڙي پون ٿا. جنهن دل ۾ الاهي عشق جي چڻنگ نٿي ڏکي تيستائين ان انسان جي اندر ۾ خدا جي وصال جي محبت بيدار نہ ٿي ٿئي. داتا سائين فرمائن ٿا.

دل درد ڪيني آ ديواني
حق جان مان ٿيس مستاني

يا

ويو آ جوش جگر کي ڪاٽي، بارش بره جي آئي
آتش عشق جي وٺي آ وکوڙي، جو مونسان ڪني آ ياري لائي
ڏاڍي بات بره جي باري، جند جان سڙي وئي ساري

هن عشق جي درد کي بيان ڪندي حضرت بلهي شاه فرمائن ٿا.

اک رانجھا مینوں لوڑیندا
نی میں لگا عشق اولڑا، روز ازل دا
وچ کرھائی تل تل پاوے، تلیاں نوں چا تلدا
تیر جگر وچ لگا عشقوں، ہلایاں بھی نہیں ہلدا.

مرڻ کان اڳ مرڻ

اولياء الله جا جن کي الله جو خوف ۽ محبت آهي اهي موتو مر جيئڻ ٿا. انهن کي لافاني زندگي عطا ٿئي ٿي. اهي محبوب اڳيان فنا ٿي بق جي منزل ماڻي وڃن ٿا. اهي لاخوف ٿي چون ٿا.

ميرل موتو مري ته جيلسي عرش کان لنگهي اڳي ويلسي

الله جي محبت ۾ پاڻ کي قتل ڪرڻ جي باري ۾ داتا سائين فرمائين ٿا:

موتوا قبلل انت موتوا، قرب ڪيچي لئي ڪڙهجي
موتوا قبلل وعدو وحدت جو واپار
موتوا قبلل انت موتوا، جي ڳالھ دل سان لائين
اصلي احوال ٻ مٿن هو.

حضرت بلهي شاه فرمائن ٿا:

عشق جنہاں دی ہڈیں پیندا
سوئی نر جیوت مرجاندا
جس تے عشق ایہہ آیا اے
اوہ بی بس کر وکھلایا اے

Scanned by CamScanner

طالب جيستائين پنهنجو وس نٿو ڇڏي تيستائين فقيري واري پوڙي چڙهڻ ڏاڍي ڏکي آهي. بلهي شاه فرمائن ٿا.

کراں نصیحت وڈی کوئی، جی سن کر دل تے لاویں گا
موئے تاں روز حشر اُٹھن عاشق نہ مرجاویں گا
جی مریں مرن توں پھلوں، مرنے دا ٹُل پاویں گا.

لاکي لوئي:

فقيرائي حال کي ٻنهي عشاقن ساراهيو آهي. ان حال فقيري پائڻ جي تلقين کن ٿا. حضرت بلهي شاهہ فرمائن ٿا تہ،

چٹی چادر سٹ کڑیئے، پھن فقیراں لوئی
چٹی چادر داغ لگیسی، لوئی داغ نہ کوئی

مطلب تہ دنيا واري سفيد لباس (لبيس) کي داغ لڳي سگهي ٿو، مگر روحانيت سان رڱيل لوئي (رڱيل دل) کي ڪوبہ داغ نٿو لڳي سگهي.

داتا سائين جن فراق جي ڪيفيت بيان ڪندي پنهنجي درد جو احوال ڏيندي فرمائن ٿا،

جڏهن پور پون ٿا دلبر تنهنجا تڏهن رهبر ويهان روئي
چيم تہ حال چوان ڪنهن کي روئي
ڪين لاهين ها ڪڏهن دلبر تون لالڻ لاکي لوئي

مرشد طالب کي ان رنگ ۾ رنگي ٿو جنهن ۾ طالب کي مرشد جي صورت ۾ الله جي جهلڪ نظر اچي ٿي.

داتا سائين فرمائن ٿا،

وچ ميخاني ميرل سائين
اسان ڳوڙهي رنگ رچيالسي

Scanned by CamScanner

حضرت بلھي شاھ فرمائن ٿا تہ،

جو رنگ رنگيا گوڑھا رنگيا
مرشد والي لالي او يار
موتو قبل ان تموتو، موئي نوں پھر جوالين او يار

دسوان دئار - ڏھون دروازو

جيڪڏھن انساني وجود ئي اصل مڪو يا ڪعبو آھي تہ ان ۾ محبوب جي تلاش ڪيئن ۽ ڪٿي ڪجي. ڪامل فقير بلھي شاھ ۽ داتا سائين سمجھائن ٿا تہ جسم جي گھر کي نَوَ دروازہ (ٻہ اکيون، ٻہ ڪن، نڪ جا ٻہ سوراخ، وات ۽ حاجت جا ٻہ سوراخ) دنيا ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ آھن. مگر دسوان دئار، باطن ۾ روحاني مقامات جي طرف ڪاڻندو آھي. اھو ڏھون دروازو ئي روح جو صدر مقام آھي. روح ان مقام کان ھيٺ لھي نَون دروازن جي ذريعي جسم ۽ دنيا ۾ ٻڌل آھي. نون دروازن جي ذريعي ٻاھر جي طرف پکڙيل روح حواسن جي لذتن جو غلام ٿي ويو آھي. ھي محبوب جي مقام ۽ ان جي وصال جي سرور کان ناواقف آھي. ھي عشاق ٻڌائن ٿا تہ روح کي ڏھين دروازي جي ڄاڻ نٿي پوي جتي محبوب رھي ٿو.

بلھي شاھ فرمائي ٿو تہ؛

اس ويڑھی دی نَو دروازے دسوان گپت رکھائی
اوس لگی دی ميں سار نہ جاناں، جھاں آوے پیا جاتی

عشاق چون ٿا تہ روح جسم جي اونداھي غار مان ٻاھر نڪري ٿو تڏھن وڃي نئين دنيا ۾ داخل ٿئي ٿو. جيستائين طالب جو روح جسماني سراء (جسم جو اکين جي ھيٺ وارو حصو) مان ٻاھر يا مٿي نٿو نڪري تيستائين حقيقت جي گھٽي ۾ داخل نٿو ٿي سگھي. ھن مسئلي کي سمجھائيندي فيض درياھ فرمائن ٿا تہ،

ڪر ڪايا کون جدا جنري جيءُ، نڪري ديهي ڪان ٻاهر ٿيءُ
سچي گروهه جو سبد ماني، ماڻ بقا وارو ان پنه وِيءُ
دسوين دئاري ۾ تاري لاتون، آٿي پنڌ پريم جو هيءُ
پاڻ پڇائج پانهنجو ميان، آديسي آنهه وليءُ
نه پنه پڳتي ڪر تون ميرل، ڇڏي ڪام ڪروڌ جو رولو ريءُ

اکين جي پويان ڏهين دئار کان نڪري هڪ حسين دنيا قائم آهي. ان ۾ بي شمار روحاني دولت ڀري پئي آهي. آتان کان ٿيندو حقيقي محبوب جي مقام ڏانهن رستو وڃي ٿو.

محبوب کي ڏسڻ واري اک يعني هن پوشيده دروازي کي پيرن پيغمبرن ۽ ڪامل فقيرن بيروني اک، ٽئين اک ۽ غيبي اک ڪري بيان ڪيو آهي.

بلھے شاه اسان تين دکھ نهيں
پر ويکس واری اک نهيں
تائيون جان جدائی سهندی اے.

* *

داتا فيض درياه جو ڪلام

/داتا جو پاڪ صاف ڪلام رب جو الهام ۽ همه اوست حال ج
سچو سنيهو آهي ، هن ڪلام ۾ تصوف جي رمزن ۽ رازن کي بيباڪي سا
بيان ڪيو ويو آهي. هن ۾ ذات حق جي طلب، وطن ورڻ جي سڪ ۽ م
دنيا کي ترڪ ڪرڻ جو ذڪر آهي. حق جي طالب کي گهڙي گهڙي م
مشورا ۽ صلاحون ڏنيون ويون آهن ته آئي پنهنجي رب سان رهاڻ ڪر ۽ ا
جي تلاش کان سواءِ دل ۾ ڪابه محبت نه رک. پنهنجو پاڻ سڃاڻ اناالحـ
جو نعرو ماري هميشه واري زندگي حاصل ڪر.

ترڪ وجود ته واصل آهين.

هن ڪلام ۾ سواءِ الله جي عشق جي ٻيو ڪوبه ذڪر ڪونه آه
نه ڪنهن کي گهٽ وَڌِ چيو ويو آهي نه ڪا ڪنهن جي شڪوه شڪايه
ڪئي وئي آهي. جيڪو به بيان آهي سو خالص خدائي خيال جو ترڪوجو
جو، سڀ رشتا ۽ واسطا ٽوڙڻ جو.

ڪلام جي ترتيب:

داتاجي ڪلام جي ترتيب محمد هدايت علي تارڪ نجفي ج
نسخي واري ڏني وئي آهي، ڇو ته ٻين فقيرن جي اتاريل قلمي نسخن ۾ عر
۽ پارسي عبارتن ۾ ڪيتريون ئي غلطيون هيون، فقيرن مان پڇا ڳاڇا ڪر
تي خبر پئي ته علامه نجفي وارو نسخو، فقير عبدالمالڪ بجارا
(ڪنڌڪوٽ) وٽ موجود آهي. جتان اهو نسخو فوٽو اسٽيٽ جي صورت
دستياب ٿيو. جيڪو ڪٿي اچي پڙهيم ۽ سوديم ته ٻين سيني قلمي نسخ
کان بهتر ۽ درست نظر آيو. ان ڪانپوءِ بسم الله ڪئي ۽ هڪ لفظ به ضا
نه ڪندي سمورو نسخو حرف بحرف ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ڪرايو ويو.

ڪلام جو وچور:

داتا فيض درياه جي ڪلام جو ذڪر ڪندي محمد هدايت ع
نجفي جن فيض درياه جي احوال ۾ لکن ٿا.
سڏس ڪلام هيستائين يعني ۱۹۳۴ع تائين ڪنهن طالب يا مر

ڳڙ ڪون ڪيو هو. تنهنڪري هن مسڪين محمد هدايت علي فقير قوم تونيه وينل رالڪ لالو فقير تونيه تعلقو وارھ ضلع لاڙڪاڻي جي ڪي سندس هن ڪلام کي ڳڙ ڪري ڇپائڻ جو خيال دامنگير ٿيو. تنهنڪري سندس فقيرن وٽان جيڪو ڪلام حاصل ٿيو سو هن رسالي ۾ درج ڪيو ويو آهي. معلوم هجي تہ ڪافين ڏوهيڙن ۽ جهولڻ کان سواءِ سيد صاحب جو هڪ "فراق نامون" بہ آهي جيڪو زليخا جي سُر تي آهي. فقير صاحب رسالي ۾ آيل مڪتوبن جو ذڪر ڪونہ ڪيو آهي. مذڪوره مڪتوبن تي غور ڪجي ٿو تہ لفظن جو ورجاءُ گهڻو آيل آهي تنهن هوندي بہ انهن ۾ تاثير ضرور آهي. هي مڪتوبا تارڪ فقير بہ پنهنجي ترتيب ۾ شامل ڪيا آهن تنهنڪر يهي ڪلام بہ داتا فيض درياھ جو ئي آهي.

هن رسالي ۾ ڪُل ڪافيون ۱۰۳ (هڪ سئو ٽي) آهن، تن مان روپ آسا جون ۵ ڪافيون ۽ هڪ ڪافي روپ آسا گجري، چار ڪافيون روپ ڏناسري مان، ٽي ڪافيون روپ بلاولي مون، ٻہ ڪافيون روپ، سارنگ جون آهن. روپ سورٺ مان ۵ ڪافيون. ۱۱ ڪافيون روپ ڀيروي ۾ چيل آهن. هن روپ ۾ هڪ پارسي غزل، قول اناالحق مي گويم آهي. ٦ ڪافيون روپ تلنگ، روپ بروو ۾ ۸ ڪافيون، ۱۲ ڪافيون روپ جهنگلو جون، مشهور روپ جوڳ مان ۸ ڪافيون. روپ پيلو ۾ ٻہ ڪافيون، چار ڪافيون روپ ڪسوري، ۴ ڪافيون روپ ڪونسيو ۾ آهن. ڪوهياري روپ مان ۸ ڪافيون، روپ بنس ۾ چار، پارسي غزل آيل آهن. ۵ ڪافيون روپ پهاڙي مان، ست ڪافيون روپ ڪاريهر مان. روپ ڪلياڻ ۾ ۴ ڪافيون، جنهن مان هڪ عدد پارسي غزل "نہ من دور هويا...." آهي. ٻہ ڪافيون ڏيئي "ڏيئي پنيور کي باهيون ۽ ويل اها ئي وهواه" بنا روپ جي درج ٿيل آهن. هي ٻہ ڪافيون ٻين نسخن ۾ روپ مانجهہ جوڳ ۾ لکيل آهن مون بہ هي ٻہ ڪافيون روپ مانجهہ جوڳ ۾ ڏنيون آهن. سيني ڪافين مان ۱۲ ڪافيون سرائڪي ۾ چيل آهن. ڪافين کان پوءِ "فراق نامون" ۳۷ صفحن تي مشتمل آهي. جهولڻن جو تعداد ۱۲ آهي. ٽي ڏوهيڙا، تن مان هڪ "همہ اوست" جي رنگ ۾ چيل آهي. هن ۾ اندازً ۵۴ ڪافيا آيل آهن. مڪتوبہ اول روپ ڪنيات ۷ صفحن تي لکيل آهي. مڪتوب ٻيو روپ ڪوهياري ٻن صفحن ۽ مڪتوب ٽيون روپ جوڳ ڏهن صفحن تي مشتمل آهي.

Scanned by CamScanner

سنواريندڙ طرفان رسالي ۾ ڪجهه واڌارا:

١. صوفي اصطلاحن ۽ لفظن تي انگ ڏئي هيٺ فوٽ نوٽ (حاشيه) ۾ ان انگ تي صرف لفظ جي معنيٰ لکي وئي آهي.

٢. پارسي غزل کي سنڌي ترجمي سان پيش ڪيو ويو آهي.

٣. داتا فيض درياه جي والد سائين پير محمد شاه داتا جي وڏي ڀاءُ تاج محمد (اول) ۽ پير محمد عرف بگن شاه (اول) جو مختصر احوال ڏنو ويو آهي. داتا فيض درياه جي سائين بگن شاه (اول) جي طالبن جا ضلعي وار نالا ۽ ڪجهه طالبن جو مختصر احوال ۽ ڪجهه ڪلام نموني طور ڏنو ويو آهي. هنن احوالن لکڻ ۾ مرحوم سائين صوفي قربان علي ”قربان“ (ڪتاب صوفي ساڃاه جو ليکڪ) جي لکيل نوٽن ۽ احوالن مان استفادو ڪيم.

هادي پاڪ الله شهنشاهہ

صوفياڻو راڳ (ڀڳتي): هن درگاهہ جو اصل ڪان اڄ تائين اصول آهي تہ ويراڳ (ڀڳتي) يعني صوفياڻو راڳ ڳائيندا ۽ ٻڌندا آهن. هونئن بہ ڀڳتي (صوفياڻو راڳ) جي معنيٰ آهي الله جي عبادت ۽ ثنا ڪرڻ. الفي ۽ ڇير جامي وارا فقير سندن خاص خادم هوندا آهن. جتي بہ دعوت يا ميلي تي ويندا آهن، ڳائي وڄائي وڃي لهندا آهن. اچڻ جو ويراڳ ۽ چڙهائي ڪرڻ وقت بہ ڀڳتي پڙهندا آهن. گرو چيلا يعني مرشد ۽ طالب گڏجي صوفياڻو ڪلام چوندا (ڳائيندا) آهن.

سائين جن جو فرمان آهي تہ هو طالبن کي ذڪر جو جنهن ڳچيءَ ۾ نہ وجهندا آهن بلڪہ انهن کي ذڪر کان آزاد ڪري مالڪ حقيقي جي حسن جي مشاهدي ڪرڻ جي تلقين ڪندا آهن ۽ مهر نظر سان نوازي طالبن کي سڀ منزلون طئي ڪرائيندا آهن. دلبر مونکي ديد نماء ڪانهي رهڻ جي جاءِ. هتي ادب ۽ هيڪڙائي جو قانون آهي، ننڍا وڏا پاڻ ۾ ڀيرين پئي ملندا آهن. گڏيل ڀڳتي ڳائڻ ڪانسواءِ هر هڪ (سَنگ) ٽولي وارا پنهنجي ڪافي ۾ ويهي ورہ جو ويراڳ ڪندا آهن. هڪ ٽوليءَ حق ڪئي تہ ٻئي ٽولي ويراڳ شروع ڪندي آهي. اهڙيطرح ڏينهن رات ويراڳي ويراڳ ڳائيندا آهن. هن طالب جي تار وڃڻ ڪري طالبن کي پنهنجي وجود جي پروڙ (خبر) ڪانہ پوندي آهي.

ڌمــال: ميلي جي ڏينهن ۾ روزانو شام جو ڌمال هنئي ويندي آهي. ڌمال وقت مرشد سامهون ويهندو آهي ۽ فقير حلقو ٻڌي دُهل شرنايين تي مداح (اٺين سُرَ) پڙهندا آهن. پهرين مصرع پوري ٿيڻ کان پوءِ وري ٻي مصرع شروع ٿيندي آهي.

اهڙي طرح فقير ڌمال پوري ٿيڻ ڪانپوءِ گڏ مدح پڙهندڙ سائينءَ جي نينگرن کي ڀيرين پئي دعا وٺندا آهن- ۽ سامهون ويٺل مرشد جي قدم بوسي ڪندي ڪيس سڪ جو سجدو ڪندا آهن.

Scanned by CamScanner

ڪٿر نفسي

فقيراڻي حال جو مقصد:

١. ڪنن ۾ ڪنڊل ان ڪري پائبا آهن ته جيئن ڪن غير گلا ٻڌڻ ڪا
بچيل رهن.

٢. ڳچيءَ ۾ ڪنٺو ان ڪر پيائبو آهي ته جيئن سر نوڙيل هجي.

٣. هٿ جا ڪولابا ان ڪري پائبا آهن ته جيئن هٿ ظلم ڪان بچي.

۴. طالبن کي سوا پهر جو (سير) به ڪٿر نفسي لاءِ ڪرائبو آهي.

ڪنهن طالب جو نفس سرڪش هوندو ته ڪيس ڪنٺا ڪولا پارائبا آهن. جيڪڏهن اجا به نفس نه مڙيو ته ڪيس چڙا ۽ ڇيرون پرائ آهن، چڙن ۽ ڇيرن ڪان پوءِ به من جي نفس خودي ڏيکاري ته "دل پاڪ" ان کي "سڱا پادر" پارايا ويندا آهن. ان ڪانپوءِ سندس نفس وڃي هنيلائ ڇڏي هيڻاهين ۽ نياز نوڙت واري راه اختيار ڪندو آهي. اڄ تائين ڪي فقير پنهنجو پاڻ کي تلقين ڏئي مختلف روپ بنائيندا آهن.

نوٽ: ڇير ٻڌڻ سان ماڻهو مدهوش ٿيندو آهي ۽ سُر تال ٻڌڻ سان فقيرن کي وجد طاري ٿي ويندو آهي.

هتان جي فقيرن جو پاڻ ۾ ملڻ جو انداز:

هتان جي فقيرن جي ملڻ جو انداز عجب آهي، فقير جيئن ئي مرشد جي ڪچهري ۾ قدم بوسيءَ لاءِ ايندا ته "هوُ حق" يا "حق موجود" چوند آهن. مرشد به کين حق محبوب سائين چئي جواب ڏيندو آهي. اچڻ وارا فقير مرشد سان ملڻ ڪانپوءِ ويٺل فقيرن کي پيرين پئي ۽ هٿ چمي ملندا آهن. ان ڪانپوءِ مرشد جي امر سان ويهي ساڻس حال احوال پيش ڪندا آهن.

هر هڪ فقير ٻئي کي "حق" لفظ چئي سڏيندو آهي، اڳلو به سڏ مان سمجهي ويندو آهي ته ڪيس سڏيو ٿو وڃي مطلب ته هر طرف ڪان، حق

موجود جا هوڪارا، ٻهاري، موج، بيخودي ۽ ٻئي پيان جا منظر نظر ايندا آهن. مشاهدو ڪرڻ واري کي اهڙي بهشتي ۽ بقاء واري منظر ڏسڻ سان يقينن حيرت لڳندي آهي. هتان جا سائين ۽ طالب گهڻو ڪري "مان" جو لفظ گفتگو ۾ استعمال نه ڪندا آهن. "مان" جي جڳهه تي "اسان" لفظ چوندا آهن. سائين جن حال احوال ڪندي چوندا آهن ته فقيرن يا ڦلاٽي وٽ وياسي ته تنهنجي ڏاڍي عزت ۽ آدر ڀاءُ ڪيائين. يا حال احوال ڪندي مخاطب ٿي چوندا آهن ته، "تنهنجا قرب". يا "هادي جا قرب"، فقير "تون" لفظ هن ڪري استعمال ڪندا آهن ته سڀ تون آهين مان نه آهيان.

مئن نهين سب تو.

ميرل جو ميخانو:

داتا سائين جن هر هڪ ڪلام ۾ ميخانو ڳايو آهي. "اهو ميخانو ميرل تي نيهن سندو نائي. ماڳ ميخاني جا ميرل سائين مختيار آهيون".

محبت جو ميخانو پنهنجي هادي جو ميخانو، الله جي محبت جو ميخانو سر ثابت ڪرڻ وارو ميخانو، پاڻ سڃاڻڻ وارو ميخانو، تار طلب وارو ميخانو، "ميرل جي ميخاني تي ٿي آ جام نوشان نوشي"

ميرل جي ميخاني تي اڳيان فقير سُڪي جا مٽ ۽ ٿپ پيري هيءَ ٻانگ چوند اهئا. پرين پيرل لولائي هي. هيئين ڀنگ جي بانگ هن طرح چوندو هو، جيڪا پارسي لفظن ۾ چيل آهي:

ڀنگ بخور، ڀنگ بخور، ڀنگ بخور ڀنگ
يا قدح باده گل رنگ بخور ڀنگ
اين نه خوري آو نه خوري ته گوشهٔ مسجد
رنج بخور سنگ بخور ڀنگ
و ثقاهم ربهم شراباً طهورا اسيرين
ڏي تجلي تي تجلو چئي هادي همدم همه اوست.

* *

Scanned by CamScanner

ڳوٺ "انباهہ" تي نالو ڪيئن پيو

انباهہ شريف چڪ ٽائون ڪاميٽي ضلع شڪارپور جي اتر ۾ ٽوري پنڌ تي سنڌو درياهہ جهلي بند جي اولهہ ۾ آهي. درياهہ جي وَٽ سان "ٻوريٽ" نالي وڻاڻ تي مالهو مال ويهاريندا هئا. ان جا ڪي گهڻي ياڻ ۽ وڻاڻ جي ڪري "هالباهہ" انبوه (ڍڳ) نالو پئجي ويو. ويتر فيض درياهہ جي عشق رنگ لاتو. انبوه مان صورتخطي بدلجي "هنباهہ" لفظ دهيو. ان مان "انباه" لفظ جڙيسو. جنهن پنيان هن ڳوٺ جو هاڻي نالو "انباهہ شريف" آهي. تعلقو لکي ضل شڪارپور سنڌ.

بسم الله الرحمن الرحيم

”شجرو“

شجره نسب داتا فيض درياه سائين

حضرت عبدالمطلب ابن ابو طالب ابن مولا علي كرم الله وجه ابن حضرت امام حسن ابن حسن مثنيٰ ابن عبد الله محسن ابن موسيٰ ثالث ابن عبدالله ثاني ابن دائود ابن محمد روحي ابن عمر زاهد ابن عبدالله ابن موسيٰ ابن ابو صالح شاه ابن سيد عبدالقادر جيلاني ابن عبدالرزاق شاه ابن ابوبكر شاه ابن تاج الدين شاه ابن احمد الدين شاه ابن بهاءُ الدين شاه ابن حسين شاه ابن زكريا شاه ابن شرف الدين شاه ابن يوسف شاه ابن علاؤالدين شاه ابن قاسم الدين شاه ابن تاج الدين شاه ابن عبدالوهاب شاه ابن عبدالقادر شاه ابن الله يار شاه ابن عبدالوهاب شاه ابن محمد شاه ابن محمد يوسف شاه ابن محمد شاه ابن محمد باقر شاه ابن عبداللطيف شاه ابن فتح علي شاه ابن حاجي شاه ابن سيد پير شاه ابن تاج محمد شاه ابن داتا بگن شاه اول ابن شاه ولايت ابن بگن شاه دوم ابن جان محمد شاه سوم.

الصلواة والسلام اعليٰ محمدن المصطفيٰ و آله

اول كلمه لا اله الا الله آدم صفي الله

آخر كلمه لا اله الا الله محمد رسول الله ﷺ

شجره نسل سید پیر شاه آغاز شد آگاه کرده


سید پیر شاه
سید تاج محمد شاه اول
سید بګن شاه (اول)
فیض محمد شاه
وچون ريء شادي
جان محمد شاه
لنډو جوالي پر وصال کړي ويو
سید کامل شاه
سائين جان محمد
بي اولاد وصال کړي ويو
سید شاه ولايت
سید بګن شاه (دوم)
جان محمد شاه (سوم)
کامل شاه (دوم)
شیر محمد شاه
فتح درياه
ثمر علي شاه
تاج محمد شاه (دوم
ولايت شاه (دوم)
شهنشاه
میران شاه
عبدالقادر شاه
حق موجود شاه
صفت علي شاه

انا الحق انت الحق هو الحق ثبت الحق

الله

رسالو داتا شاهہ فيض درياه

هي رسالو فيض جو پيالو حقيقت جو حوالو معرفت جو مقالو جنهن جو مصنف جناب رشادت مآب قدسي خطاب ذي اڪتساب با انتساب فالق حجاب سيد السادات رفيع الدرجات شفيع العرصات وارث دستار مالڪ خرقہ ۽ برقعہ پير پيران مير ميران غوث الاعظم دستگير محي الدين شيخ عبدالقادر جيلاني حسني حسيني ثم بغدادي سيد العاشقين سند الطالبين سراج السالڪين شمس العارفين قمرالواصلين نورالمتقين سرّالساجدين زهدالزاهدين طورالڪاملين فائض فيض مصطفوي نورديده مرتضوي لمعات الفقرفخري والفقرمني عالي جائيگاه بلند پائگاه فقر جي سند تي شاه ڪج ڪلاه حقيقت آگاه الوهيت دستگاه هويت نگاه رندانہ راه عارف بالله مظهر الله **سيد فيض الله فيض درياه داتا فيض محمد شاه** قدس الله سره العزيز مالڪ درگاه چڪ هانباه، تعلقہ سکر ضلع سکر ملڪ سنڌ.

رانڪ لعلو ٢٥ تاريخ سيپٽمبر سنہ١٩٣٤ع
مطابق ١٥ جمادي الثاني سنہ ١٣٥٢ع ڏينهن اڱار
راقم محمد هدايت علي المتخلص تارڪ قوم تونيہ فقير.

احوال سيّد فيض درياهہ جو

سيد فيض محمد شاه عرف شاه فيض ۽ فيض درياه ولد سيد پير شا سادات جيلانيءَ مون هو. سندس والد سيد پير شاه كيترا حج كيا هوا. نيڻ خدا جي طلب ۾، نوشهره فيروز ۾ مخدوم مولانا شاه نصير الدين قدس سرهٗ كان تلقين حاصل كيائين گهوڙن جي كڙهہ ۾، مرشد جي گهوڙن جي خدمت كرڻ لڳو. اُتي ايتري رياضت كيائين ، جو حضرت مخدوم صاحب مولانا شاه نصير الدين جن فرمائيندا ها تہ هن سيد پنهنجي ذات وساري ڇڏي آهي. آخر شاه صاحب موصوف كي مرشد راضي ٿي امر كيو تہ سيد صاحب اوهان هاڻي شادي بہ كيو، ۽ وحي جاءِ نشين ٿيو. سيد سڳوري ميان پير شاه عرض كيوت ، ساري عمر اوهانجي در تي بسر كيم، هاڻي پڌر ٿيو آهيان، چو ٿا در تان كڍو؟ مخدوم حضرت شاه نصير الدين فرمايو ت تنهنجي كمائي قبول آهي، مگر وڃي شادي كر، جو تون مان قطب وق جو پيدا ٿيندو. تنهن تي سيد پير شاه پنهنجي جاءِ تي آيو، ۽ شادي كيائين جنهن مان ٽي فرزند پيدا ٿيس. وڏو سيد تاج محمد شاه وچون سيد فيض محمد شاه، ننڍو سيد جان محمد شاه، پوءِ حضرت شاهہ نصير الدين تن نينگر ڏٺا. ۽ وچين سيد فيض محمد شاه جي نالي فرمايائين تہ جي هن صاحبزادي جي عمر آهي، تہ بلا شاه وارو طبل وڄائيندو. پوءِ ٿيو بہ ائين ج **سيد فيض محمد شاه** ولي مادرزاد هو. ننڍپڻ منجهس درويشي خيا موجود هوا. پهرين علم پڙهڻ جو خيال ٿيس، جنهنكري سيد ڏنل شاهہ ويٺل ڳوٺ عظمت تعلقہ سكر ضلع سكر جي كان، جو حضرت شاه نصير الدين ج طالب هو ۽ ولي كامل هو. ان كان علم پڙهيا، ۽ سنڌي پارسي علم كا ماهر ٿيو. پوءِ باطنيءَ خيال ۾ مشغول ٿيو. جنهن ۾ ايتري ترقي كيائين ج ورهن جا وره كائڻ، ڳالهائڻ ۽ ننڊ كان تارك رهيو. رات ڏينهن انهي وحدت ۾ غرق هو. محويت ۽ استغراق جو حال منس ڏاڍو هو. نيٺ كر ورهن كان پوءِ، مجذوبيءَ جي حالت كان سالكائي ڏي وريو. ۽ جنهن تي مستيءَ جي وقت ديد كندو هو تہ اهو ماڻهو هكدم بيخود ٿي ويندو هو

انهيءَ ڪري ڪيترن ماڻهن کي مست ڪيائين. ڏاڍو فقراءُ ونس ٿيو. سالڪائيءَ واري وقت ۾ شعر به چيا اٿس. جنهن ۾ پنهنجي خاص طالب بابا ميرل جو نالو وڌو اٿس، ميرل فقير سندس خاص طالب به هو، ۽ معشوق به هو. فقير موصوف جاگيراڻي بلوچ آهي. روحل فقير واريءَ ڪنڊڙيءَ جي پرسان تعلقہ روهڙيءَ ۾ رهندو آهي. سيد فيض محمد شاهہ ساري ڪمر لوڙهي ۾ گذاريو، ٻاهر نڪري سير سفر نہ ڪيا ۽ شادي ڪانہ ڪيائين، مجُرد رهيو، قلندر وقت جو هو. آخر ننڍيءَ عمر ۾ وفات ڪيائين. سندس وفات جو سال تيرهن سو پنجويهہ يا تيرنهن سو ستاويهہ آهي مهينو شوال تاريخ ١١ ڪاٺونس پوءِ سندس گاديءَ تي، وڏي ڀاڻس، سيد تاج محمد شاهہ جو پٽ سيد پير شاه عرف بگن شاه وهارياءُ. سيد فيض محمد شاه جي درگاه چڪ شهر جي پرسان ڳوٺ هانباه تعلقہ سکر ضلع سکر ۾ آهي. اتي هر سال ١١ تاريخ شوال جي کان وٺي، ٽي ڏينهن ميڙو لڳندو آهي، جنهنکي فيض درياه جو ميڙو چوندا آهن. سندس ڪلام هيستائين ڪنهن طالب يا مريد گڏ نہ ڪيو هو، تنهنڪري هن مسڪين محمد هدايت علي فقير قوم تونيہ ويٽل ڳوٺ رانڪ لعلو فقير تونيہ تعلقہ واره ضلع لاڙڪاڻہ جي ڪي، سندس هن ڪلام گڏ ڪري ڇاپائڻ جو خيال دا منگير ٿيو، تنهن ڪري سندس فقيرن مون جيڪو ڪلام حاصل ٿيو، سو هن رسالي ۾ درج ڪيو آهي. معلوم هجي تہ ڪافيون جهولڻن کان سواءِ، سيد صاحب جو هڪ فراقنامون بہ آهي، جو زليخا جي سر تي آهي، مگر هن ۾ سخندانن کي البت ڪمي بيشي وزن قافيه جي نظر ايندي. مگر هن تي گرفت لازم نہ ٿيندي، جو هي ڪلام حالي آهي نہ قالي

حق را نظر بہ حال بودنه بہ قيل قال، براشهد توخندهٖ زندا سهد بلال
جئن جو ڪن جو ڪلڻ بہ خواري، ڪن جا وڻ بہ وروه.

درويشن ڪاملن جو ڪلام هر طرح منظور آهي، اميد تہ رند مشرب ناظرين هي رسالو پڙهي خوش ٿيندا ۽ گڏ ڪندڙ کي دعا ڪندا.

فقط رانڪ لعلو فقير تونيہ

نياز مند محمد هدايت علي فقير صوفي ولد الهداد فقير صوفي

كافيون

Scanned by CamScanner

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

داستان ڪلام سراسر الهام حضرت محبوب سبحاني غوث صمداني
قطب رباني مظهر ذات الله شاهنشاه داتا فيض الله فيض درياه
عرف سيد فيض محمد شاه جيلاني صاحب
درگاه حضرت هانباه شريف قدس الله سرهٗ العزيز.

ڪافيون روپ آسامون

هتؤن ها[1]ج هجڻ جي ڇڏ ميان، اتي لاحد[2] ڏي عاشق لڏ ميان.
١ دل پنهنجيءَ کي دلبر سائين، اڏيا اوڏهن اڏ ميان.
٢ سر سڄاڻ تہ ساڳو آهين، ناهين ڪنهن جي[3] هڏ ميان.
٣ فاذڪروني اذڪر[4]ڪم ميان، يار سڄڻ کي سڏ ميان.
٤ ماڳ ميخانہ[6] جي **ميرل** سائين، خيال پنهنجي کي گڏ ميان.

ڪافي روپ آسا

ڪامي[7] سوريءَ جي مٿي چڙهجي، باب بيخوديءَ[8] جو پڙهجي.
١ عشق آهي آڙاه[9] خليلي، صوفي تنهن ۾ سڙجي.
٢ فاذڪروني اذڪرڪم ميان، راتيو ڏينهان رڙجي.
٣ موتوا[10] قبل لانت موتو، قرب ڪيچيءَ ليءَ ڪڙهجي.
٤ محويت[11] ڪان **ميرل** سائين، مور نہ عاشق مڙجي.

---

١. هوڏ – ضد. ٢. جنهن جي ڪابہ حد نہ هجي. ٣. هرگز – مُورُ.
٤. توهان مونکي ياد ڪريو تہ مان توهان کي ياد ڪريان. ٥. جاءِ. ٦. شراب خانو
٧. وڃي. ٨. پاڻ نہ هجڻ. ٩. اهو باه جو آڙاهہ جنهن ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام
کي اڇلايو ويو هو. ١٠. مرڻ کان اول مَرِ (قرآن) پاڻ کي الله جي ذات ۾ [illegible] ڪرڻ.

ڪاف روپ آسا

هوڏهون[۱] هلئي[۲] اسلام کان، اسان ڪفر ۾ ڪاهي آيا سي
۱ سچي[۳] ستگر بات بتائي، انهد واري ڦوڪ سٽائي
اندر ٻاهر هڪ هيڪائي، جٺيا تلڪ لڳاياسي
۲ دين مذاهب ڇڏياسي ٻوڙائي، قرآن ڪتاب سيئي لوڙهائي
متي عرشين پنهنجا خيال اڏائي، پير پرت منجهه پاياسي[۴]
۳ رمز[۵] رنديءَ[۶] جو ورتو سي چارو، ناس[۷] ڪيوسي هي جڳت[۸] سارو
اناالحق[۹] جو ماري نعرو، سوريءَ[۱۰] سر چڙهاياسي
۴ جام[۱۱] پريم جو ساقي[۱۲] پلايو، ترڪ[۱۳] ڪيو سي ڪايا[۱۴] جو ڪايو
الانسان[۱۵] سي نور سمايو، **ميرل** ڪيل[۱۶] ڪلاياسي

ڪافي روپ آسا

وسري ويون ٻيون سڀ وايون، باتيون عجب عشق ٻڌايون
۱ عشق عقاب[۱۷] ميان خيال منهنجي ڪي، وجي چنبن منجهه چايون[۱۸]
۲ درد ڳداز[۱۹] ميان سر منهنجي تي الله، سوز ستي سرواهيون[۲۰]
۳ نانگا[۲۱] مليا وو ميان ناٿ[۲۲] پنهنجي ڪي، جوڳي جڏي پنهنجون جايون
۴ ماڳ ميخانه جي ميان **ميرل** سائين، ڪامل[۲۳] تي وچ ڪاهيون

---

۱. ديس امن. ۲. اچي. ۳. سچي مرشد. ۴. پاتاسي. ۵. اشارو. ۶. فقيري قلندري. ۷. ختم. ۸. دنيا – جهان. ۹. مان الله. ۱۰. لوهه جي ٿهيل ڦاسي جنهن ۾ لوهه جا نيرا ۽ ڪُنڍيا لڳل هجن. ۱۱. محبت جو پيالو. ۱۲. شراب پيارينڊڙ (ڪامل مرشد). ۱۳. ڇڏي ڏيڻ. ۱۴. بسم. ۱۵. اشارو ته انسان الله جو الله انسان جو ڳجهه آهي. ۱۶. تماشو – [illegible]ورو. ۱۷. وڏو باز. ۱۸. ڪنيون – ڪنپيون. ۱۹. ڳاراٿو. ۲۰. ڪوڙڪيون. ۲۱. آزاد. ۲۲. [illegible]ي– وڏو جوڳي. ۲۳. پورو هوشيار.

ڪافي روپ آسا

ذي سالڪائي[1] ڪي ٻن وو، خيال مجذوبي[2] ڪجاڻ ڪن وو
۱. لا[3] ڪري تون اڏام عرشين، وڃ تون ديس[4] امن وو
۲. انا[5] الحق جو ماري نعرو، سدائي رهه صحن[6] وو
۳. بنا عهد[7] الله جي وو، ڪانه رڪج ٻي ڪا مڻ[8] وو
۴. ماڳ مئخانه جي **ميرل** سائين، سدائي رهه وطن وو

ڪافي روپ آسا گجري

* مرجان[9] باه بره جي ساڙي، مرجان چوٽ عشق جي چاڙهي.
۱. موتوا قبل[10] لان تموتوا، قرب ڪيچيءَ جو ڪاڙهي.
۲. فاذڪروني اذڪرڪم، پرت پنهل ٿو پاڙي.
۳. انا الحق جو دل منهنجي ڪي، آتش[11] ٿي سبق پاڙي.
۴. ماڳ ميخانه جي **ميرل** سائين، وحدت[12] ٿي وڃي واڙي.

.اهو شخص جيڪو عبادت گذار به هجي ۽ دنيادار به.
. خدا جي محبت ۾ شوق ٿيڻ. مستي. ۳. نه- نڪي. ۴. سلامتي. ۵. مان حق آهيان
حضرت حسين بن حلاج جو نعرو). ٦. ٻاڻ وَٽ. ۷. وعدو پاڙڻ. ۸. عام ما[illegible]ن جي
لاح. ۹. ٻلي جان. ۱۰. مرڻ کان اڳ مَرو. ۱۱. باهه. ۱۲. هيڪڙائي.

ڪافيون روپ ڌناسري

وائي[1] اها ٿن وات، سامي[2] آهن سخن[3] سچارا.
۱. فاذڪروني اذڪرڪم ميان، تن اها ٿن تات[4]،
۲. دونهان آديسن مٿي ڏکايا، نانهن[5] ڪري ٿيا اثبات[6].
۳. عاشق ويڙا اوڏهن ڪامي، جاتي ذات نڪائي صفات.
۴. وڃي لٿا سي سمونڊ تي، اهو نور[7] پسي تجلات.
۵. موٽي وڃ تون ماڳ تي ميرل، اها ترڪ ڪري جسمات[8].

ڪافي روپ ڌناسري

ڏاڍو ڏک جو بار، آيو سر منهنجي تي سرتيون.
۱. العشق[9] هوالله وو، جذبو[10] جوش جبار.
۲. موتواقبلل و عدو واحد، وحدت جو واپار.
۳. العشق نار يحرق[11] ماسوي الله، دليريءَ ديدار.
۴. الست بربڪم[12] قالوا بلي، الستي[13] اسرار.
۵. اهو مٺخانو ميرل سائين، دم انا الحق اقرار[14].

---

۱. ڳالهه. ذڪر. ۲. جوڳي. ۳. وعدي جا سچا. ۴. يادگيرو - لڄ. ۵. نفي. ۶. ثابت
۷. روشني. ۸. انساني جسم. ۹. عشق اهو الله آ. ۱۰. مستي - شوق. ۱۱. عشق ج
باهه الله کانسواءِ سڀ کي ساڙي ڇڏي ٿي. ۱۲. ناهيان ڇا مان توهان جو ربُ چيان
هائو. (قرآن). ۱۳. قدرتي راز. ۱۴. زبان سان چوڻ.

ڪافي روپ ڌناسري

اڳي ڪريان ٿو بقاءِ[١]، پنهنجو قاب[٢] قوسين ڪؤن.
١. ترڪ ڪيان ٿو لميقول[٣] ڪي، اڳي ڪيان ٿو استماع[۴]
پنهنجو دار[٥]دارين ڪؤن.
٢. اناالحق جو ٿو ماريان نعرو، اڳي ڪيان ٿو پڙلاءُ[٦]
پنهنجو دن هن ربن[٧] ڪؤن.
٣. رمشان[٨] ٿو وري راه[٩] ازلي، اڳي ڪيان ٿو لقاءُ[١٠]
پنهنجو قرب ڪونين[١١] ڪؤن.
۴. وڃان ٿو ميرل مئخاني، اڳي ڪيان ٿو وداع[١٢]
پنهنجو حج حرمين[١٣] ڪؤن.

ڪافي روپ ڌناسري

اهو ماڳ مڪان، هن جي نظر وڃي روشن ڪيو
١. هن بنان اهو ملڪ ويراني[١۴]، هي وڃي آتي ٿيو پيدائي[١٥]
لاهوت[١٦] لامڪان.
٢. طير[١٧] يطير من الحق ايهو، هو الحق انا الحق نامي پيو
عرش ڪؤن متي اشيان.
٣. سبحاني[١٨] ما اعظم شاني، الانساني راز رباني.
قلزم بي ته ڪران.
۴. **ميرل** سائين اهو ماڳ معلم، همت هادي شاه فيض مسلم
مدامي ميخان.

هميشگي. ٢. ٻن ڪمانن جو ملڻ (معراج ڏي اشارو). ٣. نه چوڻ ڪي ڇڏيان يعني
ان ٿو. ۴. ٻڌڻ. ٥. ٻنهي جهانن ڪؤن. ٦. ڪونج-پڙاڏو- غوغا. ٧. ڏينهن رات.
وڃان ٿو. ٩. اهو رستو جيڪو ڪائنات کان اڳ ۾ هو. ١٠. نظارو. ١١. ٻنهي
ابانن. ١٢. وڇوڙو-جدائي. ١٣. مڪو مدينو. ١۴. سڃ. ١٥. پيدا ٿيو. ١٦. ذات
يءُ جو عالم جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو درجو حاصل ٿئي ٿو. ١٧. هرهڪ
الله جي حڪم سان اڏري ٿو. ١٨. پاڪ آهي پنهنجي ذات ڪيڏو نه پنهنجو شان
ي. (با يزيد بسطامي رحه جو نعرو). ١٩. اونهو سمنڊ- فيض جو درياهه.

ڪافيون روپ بلاولي

سامي ويچارا، وڃن هليا پورب[1] پار ڏي.
١. ناه ڪيون نڪتا وڃن، سامي سونهارا.
٢. آديسن[2] جا عرش تي، آهن اوتارا[3].
٣. دم دم مارن دليون دلاور[4]، انا الحق جا نعرا.
٤. بيخوديءَ[5] جي بحر ۾، تار ترن اوپارا.
٥. طالب ترڪي هليا، عقل جا تہ ستارا.
٦. موتوا قبل جي پنڊ جا، ڀڏيون سي تہ اشارا.
٧. ماڳ مئخانہ جا **ميرل** سائين، آهن صوفي سوپارا[6].

ڪافي روپ بلاولي

هلئون چلئون پنهنجي ماڳ ملڪ تي، ڇا ڪيون هت ويه
١. بنا پنهنجي ماڳ ملڪ جي، هت آهيون پرڏيه[7]
٢. الست بربڪم قالوا بلي، جو رمز انهيءَ دلي ريه[8]
٣. وڃون اڏامي اصل پنهنجي تي، وڃي ٽيون ڏيهہ پنهنجي ۾ ڏيه
٤. ماڳ مئخانہ جي **ميرل** سائين، هاڻي ڳالهہ ڪيون وري ڪيه

---

١. اوير ۽ ا[illegible]ر جي ڪنڊ جتان وڻندڙ هوا گهلندي آهي. ٢. جرڳين. ٣. آستانا. ٤. دل
٥. مستي- [illegible]ا حالت جنهن ۾ طالب پنهنجو پاڻ کي بہ وساري ويهي ٿو. ٦. ڪٽندڙ.
٧. پرديسي. [illegible]. ڏتاري.

ڪافي روپ بلاولي

ميـنـون عـبـد[١] نـہ پـاويـن، جوش جلال بـہ مـٺـن هـون.

١. من خدايم[٢] وو ميان من خدايم الا، جي رمز[٣] اما دل سّان راهين[۴]
قـادر ڪـمـال بـہ مـٺـن هـون.

٢. وحدت ولايت[۵] آهي روشن منهنجي، جي مٿي قدم اناوين
بـاقـي بـحـال بـہ مـٺـن هـو.

٣. موتوا قبلل وو الت موتوا ميان، جي ڳالهہ اما دلسين لائين
اصلي[٦] احوال بـہ مـٺـن هـون.

۴. سانگي[٧] پنهنجي ني پاڻ آيو آهيان هتڙي، جي تون جهاتي پاوين
نـور جمـال بـہ مـٺـن هـون.

۵. سواء منهنجي ناه ڪو الله بيو ڪاٿهين، جي سوريءَ سر سنباهين[٨]
وصل[٩] وصـال بـہ مـٺـن هـون.

٦. مٺن شراب، مٺن جام سارو ميخالو آه منهنجو، جي تون پاڻ وڃائين
ڪيف ڪلال بـہ مـٺـن هـون.

٧. دم[١٠] منصوري آهي **ميرل** منهنجو الا، جي سارا سر سماوين
خود خيـال بـہ مـٺـن هـون.

---

٢. مان خدا ها خدا. ٣. مامر – اشارو. ۴. هنڌائين. ۵. هيڪڙائي وارو ملڪ. ٦. بنيادي سرمايو. مال دولت. ٧. پنهنجي تماشي. ٨. سر ڏين جي تياري. شادي جي تياري جو سامان. ٩. الاهي ميل ميلاپ. ١٠. پيهي وڃڻ.

ڪافيون روپ سارنگ

مڻن باران[١] هوئي ري مولي

برهه بقاءِ ٻہ سارا مڻن هون، عرش متي اشيان هوئي ري
١. وچ چمڪارا سارا مڻن هون، تجلا تي تجلان هوئي ري
٢. ڪيف[٢] قدح ڪلال[٣] ٻہ مڻن هون، پرت والا پيمان[٤] هوئي ري
٣. اناالحق حق عشق ٻہ مڻن هون، لاحد لا مڪان هوئي ري
٤. باب بيخود بيشڪ مڻن هون، ترڪ زمين آسمان هوئي ري
٥. فيض فياض[٥] ٻہ سارا مڻن هون، نيهن نشر[٦] نيشان هوئي ري
٦. يشرب[٧] جام تي ساقي ٻہ مڻن هون، **ميرل** سر ميخانہ هوئي ري

ڪافي روپ سارنگ

ڪفر نڪو اسلام سنيان، صبح نڪوئي شام سنيان
دوئي[٨] نڪوئي دام[٩] سنيان، خاص نڪوئي عام سنيان
جاءِ نڪوئي مقام سنيان، سر سمجھہ تون پنهنجو سارو
١. حضرت عشق ارباب[١٠] ۾ رهہ، بيخوديءَ جي باب ۾ ڪہ
ڪپ دوئي جو دام سنيان، اناالحق جو ماري نعرو
٢. تي برخيز[١١] تون مرد ميانون[١٢]، اڳي تيءَ لنگهي آسمانون
بيخود جو پيءُ جام سنيان، هن وجود جو ڪري ڏي وسارو
٣. ترڪ وجود تہ واصل آهين، رهبر ربوبي[١٣] تہ ڪامل آهين
اهو اتي تہ انجام[١٤] سنيان، لامڪان ۾ اڏنئين اوتارو
٤. محو تي تون **ميرل** سائين، جاڏهون آيو آهين وچ تون اوڏاهين
ٻڌي موتوا وارو[١٥] ڪلام سنيان، وطن وڃڻ جو ڪر تون وارو

---

١. مينهن - برسات. ٢. خمار، شراب جو وڏو پيالو. ٣. شراب وڪڻندڙ جنهن جي
سان ٿڪ لهي وڃي. ٤. پيالو. ٥. علم ڏيڻ وارو سخي. ٦. ٻڌائڻ وارو. ٧. پيئڻ وارو
پيالو. ٨. ٻيائي - دو بينائي. ٩. ڦاهي. ١٠. رب جو جمع. ١١. اٿ نڪر. ١٢.
حسمنون. ١٣. الله وارو. ١٤. نتيجو ١٥. جلدي - تڪڙ.

ڪافيون روپ سورٺ

ڪپ سري ڪه يار، الا دم دير توکي نه جڳائي
۱. ڏي تون راز تي تون راضي، ادا ڙي مڱڻهار[1]
۲. ڏي پيالو شهادت جو، جڏي دل جيار
۳. ڇڏائج دوئي جي دام کون، ڳڙهه ڏاهي ڏي گرنار[2]
۴. متي هن ميرل جي، هڻ ڪا حيدري ذوالفقار

ڪافي روپ سورٺ

ڏاڍي عشق آهي آفات[3]، ونجيندا ڪليءَ بات ميان
۱. جنهن سر آوي موج[4] جڳاوي، يڪدم سوريءَ تي سر چڙهاوي
ڪهندا هي ريءِ[5] ڪات، پؤندا هي جڏان جهات ميان
۲. عشق خون جگر دا کاوندا هي، اگڻ آکر جنهندي ڦيرڙا پاؤنداهي
ترڪ ڪري طاعات[6]، ماضي ڪري مصلحات[7] ميان
۳. عشق منصوري دا منصب[8] پائينداهي، من خدايم آپ فرمائينداهي
حق حق وائي وات، ٻي نه اليندا هي لات ميان
۴. عشق ميرل موتو قبل مريندا هي، متي افلاڪين[9] قدم ڌريندا[10] هي
ترڪ ڪري چا صفات، ڏسيندا تڏان هين ذات[11] ميان

---

۱. پينو. ۲. ملڪ جو نالو. ۳. آفت جو جمع- تڪليفون - مصيبتون. ۴. چاڙهه. ۵. کانسواءِ. ۶. عبادتون. ۷. صلاحون. ۸. مرتبو. ۹. آسمانن تي. ۱۰. رکي ٿو. ۱۱.حقيقت.

ڪافي روپ سورٺ

ٿيو آءِ راضي مڱڻهار، قتل هويا روبرو[١]
١. پيجل ويهي تند ٻرائي[٢]، لاڳ لاحد جي جنهن مون سان لائي
طالب وڄائي تار، وصل هويا سُوبسُر[٣]
٢. طالب ويهي هنيون ترانو، برخيز[٤] منجهان ٿيو پرت پيمانو
پنهنجو نيهن ڪيائين نروار، قرب هو يا ڪوبڪر[٥]
٣. عاشق ويهي آواز ڪيڙو، نعرو اناالحق آغاز ٿيڙو
لاحد ڪيائين للڪار[٦] هڪل هوئي هوبهو
٤. جام پريم جو ساقيءَ پياريو، رب[٧] ارنيءَ جو **ميرل** درس پڪاري
روشن نور ٿيو انوار، طلب هوئي جوبج[٨]

ڪافي روپ سورٺ

/ ڪٿن ڪريون ڪاڏي وڃون، اسان جٺري مرڻ مڃون
١. ڪري هٿ سقيلو[٩] لا الا الله جو، ڪٽي سر پنهنجي تي سيڃون[١٠]
٢. هيءَ جا پت هجڻ جي، سا تہ پورا ڪري ڀيون
٣. ٻاري ٻارڻ[١١] عشق جو، تنهن ۾ پختا ٿي تہ پچؤن
٤. پنهنجي ديس بقاؤ تي، ڪٽي رمزن ساڻ رؤن[١٢]
٥. وچ ميخانہ جي **ميرل** سائين، ڪٽي ڳوڙهي[١٣] رنگ رچؤن

---

١. اڪيان. ٢. تار وڄائي. ٣. هر طرف. ۴. نڪري وڃڻ. ۵. گهڻي گهڻي. ٦. ڪاهہ. ٧. منهنجا رب مونکي ديدار ڪراءِ. ٨. جاءِ بجاءِ. ٩. ڪات. ١٠. وهايون. ١١. آڙاهہ. ١٢. وڃون. ١[illegible]. گهاٽي گهري.

ڪافي روپ سورٺ

پڌو يارو بات ٻره جي بيشڪ آه ٻهاري وو
من خدايم مام ملي آه اناالحق حق واري وو
١. حال[1] حلاجي حاصل تيڙو جوشئون جوش جباري وو
منصوريءَ جو ماريم نعرو ڪري سوريءَ تي سرداري وو
٢. شوق شراب شتاب[2] پيتو مون ساڻي آه خيال خماري وو
بيخوديءَ جي باب ۾ سو ته ٻره ڪئي بيداري[3] وو
٣. عشق حيات[4] قديمي آهي اوهين طالب ڪيو تڪراري[5] وو
پوءِ مرڻ جو ناهي تهن ۾ اها ڳالهه اٿو اظهاري[6] وو
٤. مام پروڙي **ميرل** سائين ڪر جذبو پنهنجو جاري وو
سر سچائي پانهنجو تون قادر ره قهاري وو

ڪافي روپ پيروي

قاڙي جُبو[7] پوءِ يار پڌر، تڏهن نور ايندءِ حق پاڪ نظر
١. بنا اناالحق هجڻ جي، ٻي ڪانه ڪجاڻءِ ڪا پُر[8].
٢. بنا عشق الله جي، ڪانه اٿي ڪيا وَر
٣. الست بربڪم قالوا بلي، پورو ايهو پنهنجو ٻول[9] ڪر
٤. قادر تي تون ڪاه اوڏاهين، وچ **ميرل** ميخانه جي در.

---

[1] حضرت منصور رحہ واري حالت. [2] تيز. [3] هوشياري. [4] زنده. [5] ورجاڻ [6] چٽي - سچي. [7] انساني لباس. [8] پيو ڪو ڪم. [9] وعدو.

ڪافي روپ پيروي

اسان لکي ته ڪالي اڙنداسي، وڃي چاڙهه[1] بره جي تي چڙهنداسي
١. اناالحق جو درس دائما، ساڻ خوشيءَ جي پڙهنداسي
٢. عشق سندي آڙاه ۾ ميان، صاف صفا تي سڙنداسي
٣. وڙه[2] واري واٽ تي، راتيون ڏينهان رڙنداسي
٤. قهار جبار اجل ڪان، مور نه ميرل مڙنداسي

ڪافي روپ پيروي

اسان رند[3] رهبر مست آهيون، بيشڪ بيخود ڪمربست آهيون
١. مرغ يگانا آهيون شاهي، بيرنگ اسانجي آهه بادشاهي
سري سر آهيون نور الاهي، جذبو جام جلالت جست[4] آهيون
٢. عرش متي آشيان اسانجو، بره بقاءُ آهي يگان اسانجو
مدامي آهه ميخانه اسانجو، وحدت وي[5] ولايت است آهيون
٣. سبحاني ما اعظم شاني، الانساني سر سبحاني
فاذڪروني آهه نام نشاني، حاضر حال همت هادي هست[6] آهيون
٤. رهبر آهيون راز ازلي، واحد وحدت ۾ آهيون وصلي
ذات مقدس[9] آهيون اصلي، خالص خدائي سخت آهيون.
٥. علم الاهي تا فرمايون، هاج هجڻ جي ڪل تا وڃايون
ڳيت اناالحق هڪ تا ڳايون، طالب توهين تون سان تسب آهيون
٦. اناالحق آهه خيال اسانجو، انت الحق آهي احوال اسانجو
ثبت الحق آهه وصال اسانجو، هو الحق سان چست هيون
٧. بره بقاءُ آهه اسان جي امامت، نور ازل آهي اسان جي ولايت
ميرل اسانجو ماڳ مدامت، عين صوفي صاف الست آهيون

---

١. همت - طاقت. ٢. عشق - درد - فراق. ٣. اهو شخص جيڪو ڏسڻ ۾ ملامت جي
لائق هجي ۽ باطن ۾ سٺو هجي. ٤. متوالا. ٥. چکڻ ۽ ڪشش ڪرڻ وارو. ٦. لڪي ڏيڻ
وارو. ٧. وحدت جو واپار. ٨. موجود. ٩. پاڪ.

ڪافي روپ پيروي

اسان عام خام تي دام ناهيون بحر بيرنگ[1] سر اصلي نور آهيون
۱. شهسوار[2] آهيون شهانا[3]، مرغ يڪدل آهيون يڪانا
خود بخود ٿا رهون توانا[4]، ذات قدسي حق پرپور آهيون
۲. لا مڪان آهي اسان جو اوتارو، دائم وي آه وحدت وارو
اناالحق جو چوڻ اشارو، قول انهيءَ ۾ ڪو قصور ناهيون
۳. اناالحق آهي خطاب[5] اسانجو، نيهن سدا آهي نواب اسانجو
بره آهي بي حساب اسانجو، سچ صفائي ۾ وهلور[6] آهيون
۴. **ميرل** آهيون مست ميثاقي[7]، عشق اسانجو آهي عشاقي
واحد احد ٿا رهون باقي، وچ ميخاني مخمور[8] آهيون.

ڪافي روپ پيروي

چڳا ڪيتائي وي يار دل نيتي ئي، سرڪي صفائي دي سانون ڏتي ئي
۱. ڪول[9] اسان ڏي هادي ، رهبر عشق چا متا ئي.
۲. روح ميڏي کون رهبر سائين، سڪدي نال چا سيتائي[10]
۳. خرقہ اسان ڏا وچ وحدت دي، ڳوڙهي رنگ چا رتائي
۴. سبق اناالحق دا يار پيارا، آپي آپ چا آتائي
۵. وچ ميخانہ دي **ميرل** سائين، پر پيالا چا پيتائي.

---

١. ڪوبہ رنگ نہ. ٢. وڏا سوار. ٣. بادشاهہ. ۴. طاقتور. ٥. واعظ. ٦. ويڳاڻو–بيزار–هٽ ڇُهڻ ڪان پري. ٧. اصلي عاشق. ٨. نشي ۾ چُور. ٩. گلا. ١٠. سبيوئي.

Scanned by CamScanner

ڪافي روپ پيروي

اسان صوفي صفا سردار آهيون، دم اناالحق اقرار آهيون
١. نيهن جي نوبت وڄي ٿي اسانجي، تيز طلب جي تار آهيون
٢. منُ[١] خدايم موج اسانجي، قربدار قهار آهيون
٣. ڳالهہ اسانجي پڇندين ڪهڙي، جذبي دار جبار آهيون
٤. حضرت حسين حلاجي وانگي، سر مٿي برُدار[٢] آهيون
٥. آهيون هادي حق جا رهبر، عشق سندا اوتار آهيون
٦. احدُيت[٣] جي عشق ڪان، دم جدا نا ڌار آهيون
٧. ماڳ ميخانہ جا دائما، **ميرل** سائين مختار آهيون.

ڪافي روپ پيروي

اسان نڪي تہ هتڙي ايندا سي، نڪي تہ ڪاڏهن ويندا سي
١. نقاب انساني ڇڏيو سي لاهي، نڪي تہ پيهر پائيندا سين
٢. جاٽي هواسي تاٽي آهيون، نڪي تہ مرندا جمندا سي
٣. خلقيل وجود ڇڏيو سي وڃائي، نڪي عبد احد ۾ ٿيندا سي
٤. نزُول[٤] منجهارون وياسي مٿي عروُج[٥] ڪري، نڪي جمڻ ۾ جمندا سي
٥. **ميرل** نالو نانُهن[٦] ڪيوسي، نڪي هوند ۾ هوندا سي.

---

١. مان خدا آهيان، ٢. سوريءَ تي، ٣. هيڪڙائي، ۴. هيٺاهين، ٥. مٿي، ٦. ٺلهي

Scanned by CamScanner

ڪافي روپ پيروي

ڇڏ ترڪي عام جي ڄاڻ ڪي، هادي هو حق ڪري ڏس تون پاڪي
١. سرسري پنهنجو جي تون سڃاڻين، ايري وٺ مهراڻ[1] پاڻ ڪي
٢. هوالحق اناالحق چئي ڪري، وٺ اصل جي امڃاڻ[2] ڪي
٣. فقر بقاءِ تنهنجو آهي قديمي، وٺ صفائي جي سڃاڻ ڪي
۴. ماڳ ميخانہ جو جي ميرل ماڻين، وٺ بيخوديءَ جي وٿاڻ[3] ڪي

ڪافي روپ پيروي

اسان فڪر فنا ۾ ناهيون، اسان بحر بقا ۾ آهيون
١. روشن ذات ڏي آهي ساري، وه وه ڪلي آءِ بيحد بهاري
دائم دل آءِ لقاءِ[4] واري، ڳيت اناالحق ڏا ڳايون
٢. عرش اُڏامي ڏا سر سڃاڻون، ڄاڻ الست جو ڏا اصل ڄاڻون
جوءِ بيرنگ[5] جي ڏا وڃي ماڻيون، لاڳ لاحد جي ڏا لايون
٣. بره اسانجي ڪيئي بيداري[6] وه وه ڏي آه خيال خماري
قائم ڳالهہ آهي وحدت واري، جو پير پرت منجهہ ڏا پايون
۴. ماڳ ميخانہ جو اڻون ميرل حاصل، واحد وحدت ۾ آهيون واصل
خالص خيال اڻون ڪامل، پول[7] نتا پيو ڪو پايون.

---

١. وڏو سمنڊ. ٢. نشان. ٣. جاء. ۴. نظارو. ۵. جنهن جو ڪوبہ رنگ نہ هجي.
٦. هوشياري. ٧. پُل - گمان.

ڪافي روپ پيروي

سائين تنهنجي محبت ڪيو آ مستان[1] مونکي،
سائين تنهنجي درد ڪيو آهي ديوان[2] مونکي.

١. سهڻا سائين تنهنجو آهي هي حسن حيرت،
تنهن حسن حيرت ڪيو آهي حيران مونکي.

٢. سهڻا سائين تنهنجو آهي وره ويراڳ[3]،
تنهن وره ويراڳ ڪيو آهي ويران مونکي.

٣. سهڻا سائين تنهنجو آهي بره باري،
تنهن بره باري ڪيو آهي بيران مونکي.

٤. سهڻا سائين تنهنجو آهي فيض ميرل،
تنهن فيض ميرل ڪيو آهي ميخان مونکي.

---

١. مست. ٢. چريو. ٣. وڇوڙو الله جي راهه ۾ ملندڙ سختيون.

ڪافي پارسي روپ پيروي

قول انا الحق مي گويم، خودرا خود مي جست جويم
مان الله جو نعرو هڻان ٿو، پاڻ کي پاڻ ڏسندڙ ڳولي ڳولهيان ٿو
برخيز از ميانم بالا عرش روم، خود را شناس خودمي خود راخود مي بينم
وجودئون نڪري عرش ويڃان ٿو، پاڻ کي پاڻ سڃاڻي پاڻ ڏلم
عاشق شيدا مجروح دل افگارام، مست مجنون مفتون بيدل بودم
مان خالص عاشق قتيل دل آهيان، مان خالص عاشق بغير دل آهيان
درين ولايت لاهوت لامڪان رسيدم، حاجت ديگر نيست من خود بماندم
ان لاهوت لا مڪان واري بادشاهي ۾ پهتم، ٻيو ڪو ڪم ناهي
سوئي ميخانہ مدام **ميرل** شدم، واحد واحد يڪ بيڪ ماندم
هميشہ واري ميخاني ڏي ٿيم، واحد احد هڪ ٿي ٿي رهيم

ڪافي روپ تلنگ

سَري جي سودي تي، ساقي سُرڪ ٿو ڏئي
١. عاشق لاٿيون سانگو[1] سرجو، مرڪيون پڪ ٿو پئي
٢. خود[2] ڪون بيخد ڪيون، ورتيون نيهن ٿو نئي
٣. آواز انا الحق جو دليون ٿو اچي، شرط پائڻ جي لئي
٤. انهيءَ مئ[3] جي ميخانہ ۾، ساڳيو سر ٿو ٿئي
٥. موتوا قبل لانت موتوا، **ميرل** مري ٿو جئي

---

١. آسرو. ٢. پاڻ ڪان. ٣. عشق جو شراب.

Scanned by CamScanner

ڪافي روپ تلنگ

سيني منهنجي ۾ تہ سدا نور[1] ٿو ٻري
اندر ۾ اماءِ عشق جو سينا طور[2] ٿو ٻري
عرش ڪرش آسمان زمين سڀو نور ٿو ٻري
١. پنهنجي بره بقاءِ لئي، ساري سڪ ٿو سري
٢. لامڪان کان نازل ٿي ڪري، قادر قدم ٿو ڌري
٣. اهو ميخانو **ميرل** ڪي، ڏس محو[3] ٿو ڪري

ڪافي روپ تلنگ

هيءَ دل ذوق[4] سان هلي، تہ انهيءَ ماڳ نٿي ملي
١. ٻنان ذوق شوق جي، اتي ڪائي ڪانہ رلي
٢. رکي جوش جبار جو، ڪيائين روشن خفي[5] جلي
٣. هادي هدايت حق ڪري، مونکي اها ڳالهہ سلي
۴. **ميرل** ميخانہ پنهنجي جي، ملي بيہ ڳلي.

---

١. روشني. ٢. طور سينا جبل جنهن تي موسيٰ عليہ السلام، الله سان ڪلام ڪندو هو. ٣. گم. ۴. خوشي. ۵. ڳجهو ۽ ظاهر ذڪر ڪرڻ. (الطيفن جا نالا).

ڪافي روپ تلنگ

پيالو بيخوديءَ جو پيجي، موتواقبلل سو مري جيجي

١. جيڪي الست اصلي هئڙين، ساڳو سر اهوئي ٽيجي
٢. پنهنجي بره بقاء تي ميان، خيال سارو ئي ليجي
٣. سجاني ما اعظم شاني، ساري سبق چئيجي
۴. وچ ميخانہ **ميرل** سائين، قائم قدم ڏريجي[1]

ڪافي روپ تلنگ

پهلون[2] پاڻ ڪون جدائي ڪر تون، هڪڙو خيال الهہ جو ڌر تون
١. لا مظهر[3] وٽ منهن آئينو، پنهنجي ابتدائي[4] ڪر تون
٢. موتوا واري موج ۾، پهلون سرفدائي[5] ڪر تون
٣. اصلي سڃاڻي پانهنجو، پنهنجي هتون ادائي ڪر تون
۴. پاڻ ڪون وڃڻ آه پاڻ سڃاڻڻ، اهو راه هدائي[6] ڪر تون
۵. ماڳ ميخانہ جي **ميرل** سائين، پنهنجي سڪ سدائي ڪر تون.

* *

---

١. رڪجي. ٢. پهريون. ٣. پيو ڪوبہ ظاهر ناهي. ۴. شروعات. ۵. سر جي قرباني.
٦. هدايت واري راهہ.

Scanned by CamScanner

ڪافي روپ تلنگ

ماهي[1] محرم مينون رمزان لاونداهي
لاوندا لاوندا پلا ڳيت اناالحق ڳاونداهي

۱. مئن ماهيدي ماهي ميڏا اورنهين ڪا جدائي
حاضر[2] ناظر ماهي وسندا مينون نيڻين[3] سدائي
سو عاشق اڳڻ سهاوندا[4] هي.

۲. تخت هزارون[5] رانجهن آيا ماهي ميڏي سانگي
نال نماڻي نينهڙا لاتس[6] آکي پنهل وانگي
سو بيشڪ مينون ياونداهي.

۳. ايس بين رانجهن دي آهي ترڪيندي گمراهي
بيخود بين وڄيندا ماهي خيال ڪر ڪي شاهي
سو ڦوڪڻ ڦوڪ سناونداهي.

۴. ڏوهين جهان ڪون ڇوڙ ڏتر هڪ ماهي مينون ياڻا[7]
هادي مهدي مولي مڪمل انهنڪون ڪرڪي ڇاڻا
سو عاشق عرشئون آونداهي.

۵. نال محبت مرلي چاتس ويکو پرت پيارا
شاه شهنشاه آها اڪبر صاحب تخت هزارا
سوبره دي بين بجاونداهي

٦. مئن نماڻي ملهه[8] وڪاڻي ماهي ميڏا سائين
عشق ماهيدا من وچ ميڏي پلنديان بره ديان باهين
سو جوشئون جوش جلاؤنداهي

---

۱. چنڊ جهڙو محبوب (مرشد). ۲. موجود ڏسندڙ. ۳. ويجهو. ۴. سونهين.
۵. رانجهن تخت هزارو ڇڏي جوڳي ٿيو. ٦. پيار تو ڪري. ۷. وٺي ٿو. ۸. زرخريد ٿيا

٧. بيشڪ تخت هزارا آها اهندا ماڳ مدامي
عشقئون آپني آپي دلبر آپ ڪريندا امامي
سو پرير جام پلاوندامي.

٨. انور منور مطهر ماهي مستو مست خيالي
ذات مقدس لم[1] يزلي قائم قرب ڪمالي
سو اپنا شان وڌاوندامي

٩. **ميرل** اهو ماهي مولي رهبر آهي جائي،
ترڪ سيال[2] تي، ڪر طالب ڳهن تون بره بقائي
پيچي عاشق اپر اڏاوندامي.

---

١. لازوال. ٢. رشتيدار. هير سيالڻ (سيال ذات) هئي.

ڪافيون روپ بروو

آهيان مون تہ حيات[1]، بحر بقا آهي ماڳ منهنجو

١. قادر قديم تہ قائم آهيان، ناهيان مون تہ ممات[2]
سنج صفائي آهي سهاڳ[3] منهنجو

٢. اناالحق جو تو ماريان نعرو، لاجو هٿ تہ ڪات
لاحد آهي[4] لاڳ منهنجو

٣. خضري[5] آهي خيال منهنجو عشق عجب اوقات[6]
ثابوتي[7] آهي سياڳ منهنجو

٤. ميرل مولي آهيان مسلم[8]، ميخانہ مطمئنات[9]
بيخودي آهي ياڳ منهنجو

---

١. زنده. ٢. مثل. ٣. سينگار. ۴. محصول. ۵. حضرت خضر عليه سلام وارو زنده خيال. ٦. وقت جو جمع. ٧. ثابت رهڻ. ٨. سلامت. ٩. اطمنان- تسلي.

ڪافي روپ بروو

قلندري[1] تہ خطاب[2]، منصوري آهي راه منهنجو
١. عشق عبيد الله وارو، شمسي[3] شوق شتاب
قمر باذني[4] آه ساه منهنجو
٢. حسيني آه حال منهنجو، جنيدي[5] تہ جواب
با يزيدي[6] آه بقاء منهنجو
٣. ادهمي[7] آهي عشق منهنجو، بلا شاهي باب
اجميري[8] آه ارواح منهنجو
٤. ملڪ غوثي[9] آهي ميرل منهنجو، فريدي[10] شاه فيضآب
شاه لطيفي آه لقاءُ منهنجو

ڪافي روپ بروو

ڪر ڪايا[11] ڪون جدا جٺري جيءَ، نڪري ديهي ڪان ٻاهر تيءَ
١. سچي گروءَ جو سبد[12] ماني، ماڻ بقا وارو ان[13] ڀي ويءَ
٢. دسوين[14] دئاري ۾ تاڙي لاتون، اٿي پنڌ پريم جو هيءَ
٣. پاڻ پڇاڻج پانهنجو ميان، آديسي آنهہ وليءَ
٤. نريوءَ[15] ڀڳتي ڪر تون ميرل، ڇڏي ڏي ڪام[16] ڪروڌ جو رولو[17] ريءَ

---

١. فقيري. ٢. وعظ. ٣. شاهہ شمس تبريز ٤. اُٿ منهنجي حڪم سان (تبريز جو نعرو) ٥. حضرت جنيد بغدادي جو جواب ليسڪ ولا. ٦. با يزيد بسطامي. ٧. ابو بن ادهم جنهن بادشاهي ڇڏي فقيري ٻاتي. ٨. سيد علي رضا شاه – بلا شاه جنهن ڇير مٺي هون– حضرت معين الدين چشتي رحہ وارو روح. ٩. غوث بهاول حق. ١٠. شاه فريد الدين گنج شڪر– يڪائيءَ وارو نظارو. ١١. انساني جسم. ١٢. مرشد جو ذڪر. ١٣. خلاصو علائقو. ١٤. نوَ دروازا انساني جسم وارا ڏهون دوار آهي تارون– جوڳي، پنهنجي روح کي نَوَن دروازن مان ڪڍي ڏهين دروازي تي پهچائيندا آهن. ١٥. بنا ڊپ جي عبادت ڪرڻ. ١٦. نفساني خواهشون ۽ ڪاوڙ. ١٧. جهيڙو جهنجهٽ.

كافي روپ بروو

اتي تہ لڙكيل ٿيءُ، پاڻ پنهنجو سچو سارو

١. بيرنگ بحر عميق ولايت ۾، اتي تہ اٽكيل ٿيءُ
هن وجود جو كري ڏي وسارو

٢. لوح[١] قلم كون اڳتي، اُتي تہ مليل ٿيءُ
انا الحق جو ماري نعرو

٣. حق حقيقي توهين تون آنءِ، اتي تہ بيٺل ٿيءُ
صوفي آهين سدا سويارو

۴. بيخودي جي باب ۾ خود، اُتي تہ پهتل ٿيءُ
هتؤن تري وڃ تون اويارو

۵. عرش وڃي ٿي آشياني، اتي تہ اڏيل ٿيءُ
لامكان[٢] تي وجهہ نئين اوتارو

٦. ميرل محوّيت[٣] جي ماڳ[۴] سان، سدائي رليل ٿيءُ
موتوا[۵] قبلل سمجهي اشارو

◆

---

١. لكڻ واري پٽي ۽ قلم جنهن تي هر شئي لكيل آهي. ٢. كوبہ مكان نہ هجي.
٣. پاڻ كي الله ۾ گم كرڻ. ۴. جاءِ. ۵. مرڻ كان اڳ مرڻ.

ڪافي روپ بروو

آءُ قاصد[1] ڏي خبر ڪري، آيا ڪين ايندا اچڻ ۾ آهن
١. جلدي پهچاءِ پانڌي پيغام پرين کي، وڃ تون اوڏهن وري
هليا ڪين هلندا هلڻ ۾ آهن
٢. دير نہ ڪري هڪ دم جي، نت ويندس آءُ مري
چڙهيا ڪين چڙهندا چڙهڻ ۾ آهن.
٣. سڌ درد منهنجي جي توڪي، ڏس ڏي دل جي ڪولي دري
مليا ڪين ملندا ملڻ آهن
٤. ميرل هن مسڪين کي، ڏئي ويا سڪ جي سري
وريا ڪين ورندا ورڻ ۾ آهن

ڪافي روپ بروو

دل درد ڪئي ديواني، حق جاني مون تيس مستاني
١. ويس ورڻ[2] ڪون ناهيان ورڻ جي، بره آئي باراني[3]
٢. ڳجهي رمز ڳجهي ڳجهہ واري، پرين لايو پريشاني
٣. تجلو تاب چٽو ٿيو ظاهر، نّاه[4] منجهون نوراني
٤. جبو پهري جانب آيو، الله نانءُ انساني
٥. ميرل سان پرين ڪر ڪا ملڻ جي، تنهنجي لنونءُ ڪيو لاثاني[5]

---

١. پيغام پهچائڻ وارو. ٢. موٽڻ. ٣. برسات. ۴. نفي. ٥. بينظير.

ڪافي روپ بروو

شل غيب[1] ۾ هوندين غار، دل دعا ڪري ٿي سڄڻ وري توڪي
۱. ورندين ڪين وجود من ڏي، عاشق هوندين اظهار[2]
۲. رهندين يگانو ديس پنهنجي تي، وٽ نہ هوندءِ وار
۳. قم باذنيءَ جي امر[3] سان، طالب هوندين تڪرار
۴. هولون[4] ڪما هو في الازل، الستي اسرار.
۵. ماڳ ميخانہ جي **ميرل** سائين، نسنگ[5] هوندين نروار

ڪافي روپ بروو

تون تہ آهين مرغ[6] هوائي، هٿ ڪر پنهنجي بادشاهي
۱. تون تہ اڏري ڪر اشيانو، وٽ لاحد لامڪانو
پنهنجو غيب ۾ ڪر گذرانو، اها رهت پنهنجي ڪر جائي
۲. تون تہ پنج قفس[7] واري دام ڪي، وٽ موتو واريءَ مام ڪي
تون تہ ڇڏ صبح وري شام ڪي، پس يڪي نور صفائي
۳. تون تہ خيال ڏي پنهنجو سارو، تون ڪر وجود وسارو
پنهنجو اتي تہ اڏنيئي اوتارو، اهو بره اٿي تہ بقائي
۴. **ميرل** ٿي لاثاني ساڳو سر آهين سبحاني
حق انور نور نوراني، تو ۾ خيال آيو تہ خدائي

---

۱. جنهن کي ظاهري اک نہ ڏسي سگهي. ۲. ظاهر- چٽو. ۳. حڪم.
۴. اهو پهرين آهي جهڙي طرح ازلي ابتدا ۾ هو. ۵. اڪيلو. ٦. هوا ۾ اڏندڙ پکي.
۷. انساني پڃرو.

ڪافيون روپ جمنگلو

ڪڏهن جوڳي ايندا منهنجي جوءِ[1] ۾، رهبر ٽيندا اچي روءِ[2] ۾

١. مرليءَ سان من منائي ويا منهنجو خيال سارو ٿي آهي تن جو
سالم ٽيندا چي سوءِ[3] ۾

٢. روز شب ويٺي ڪريان پڪارون، آديسن جا راهه نهاريون
ڪامل ٽيندا اچي ڪوءِ[4] ۾

٣. رند بهادر باڪا آهن، ڳيت اناالحق حق تا ڳائن
همت ڏيندا چي هوءِ[5] ۾

٤. **ميرل** سان اچي نِنگ نباهيندا، پلا پنهنجا پال پلائيندا
بيخود ڪندا اچي بوءِ[6] ۾

---

١. تَرُ. ٢. آمهون سامهون. ٣. ان طرف ۾. ٤. ڪهڙي ۾. ٥. هاڪ. ٦. خوشبوءِ.

ڪافي روپ جهنگلو

ويو آه جوش جگر کي، ڪائي، بارش[1] بره جي آئي

۱. اندر منهنجو اڌ ٽيو آهي، ٻي بات ناهي ڪائي
انهيءَ سوز[2] گداز ۾، سر ڏئي ڪيان ٿو ادائي

۲. بنا ديس وطن پنهنجي جي، هتڙي رهڻ آهي تہ ڪچائي
وساري تہ وجود هن کي، ثابت ڪيان ٿو سچائي

۳. ڏکن مونکي هي ڏيہ ڏيکاريو، هاديءَ رهبر رمز رلائي
مٿي عرش عظيم کون ميان، رمين ٿيان ٿو راهي

۴. آتش عشق جي وئي آه وکوڙي، جو مون سان ڪئي آه يار يلائي
مٿي معراج ميخانہ جي، ٿيان ٿو مرغ هوائي

۵. **ميرل** موتوا ماتر مون تي، آيو سارو سر خدائي
اناالحق جو ماري نعرو، ڏيان ٿو عشق اوگاهي[3].

---

۱. وزن. ۲. ڳرڻ- سڙڻ. ۳. گواهي کي عام ماڻهو اوگاهي چوند آهن تجاهل العارف آهي

ڪافي روپ جهنگلو

ڏاڍي ٻات ٻره جي ٻاري، جند. جان سڙي وڃي آه ساري

١. انا الحق جي چوڻ جي، ڏاڍي آهي دل کي ٻهاري
٢. لا تقنطوا[1] من رحمة الله، ٽڪا[2] آه تنهنجي تاري
٣. سر ڏيڻ جي يار ساقيءَ کي، آهي اسانجي انتظاري
٤. ارنيءَ[3] واري اولاس[4] آهي، آهي دم دم درد پڪاري
٥. انهيءَ دوستي واري دام ۾، ڦاٿي آه دلڙي ويچاري
٦. اها آيت عشق جي، مونکي حضرت شاه هاڪاري[5]
٧. مٿي عرش وڃڻ جو، مونکي جذبو آهه جباري
٨. العشق[6] نار يحرق ماسوي الله، اها آيت آهي اظهاري
٩. ميرل هن مسڪين کي، تنهنجي درسن جي درڪاري[7]

◆

---

١. الله تعاليٰ جي رحمت مان نا اميد نه ٿيو. ٢. جياپو. ٣. منهنجا رب مونکي ديدار ڪراءِ. ٤. سِڪ – پياس. ٥. پڙهائي. ٦. عشق جي باهه الله کانسواءِ هر شئي کي ساڙي ڇڏي ٿي. ٧. ضرورت.

ڪافي روپ جهنگلو

ڏاڍي بحر[1] فراق ۾ پياسي، ڪامي وس ڪان ٻيوس ٿياسي
١. ٻڌي شملو[2] شوق جو، هٿون همت ڪري ته هلياسي
٢. اندر ٻاهر بحريڪو ٿيو، اسان آڏري عرشين وياسي
٣. آيون ويريون[3] وحدانيت جون، اسان جوش منجهه جلياسي
٤. بيرنگ بحر عميق سان، اسان رهبر ٿي ته رلياسي
٥. قرب سڄائي قلزم[4] جو، تهن ۾ طالب ٿي ته ترياسي
٦. سبحاني ما اعظم شاني، اسان اهڙا قول ڪياسي
٧. ماڳ ميخاني جي **ميرل** سائين، اسان ڪاهون ڪاه وياسي.

ڪافي روپ جهنگلو

ڪنهن ڇوهيءَ ڇوليءَ نياسين، ڪنهن تڪڙي واءُ وياسين
ڪامي پورب منجهه پياسين
١. مهند اسانجي مرسل ٿيڙو، اسان لانگها سپ ته لنگهياسين
٢. آيو اوٿر[6] اصل پيدا ٿيو، اسان مرڻ ڪان ته ڇٽاسين
٣. موج اسانکي بيخود ڪيڙو، اسان موتوا مري ته جياسين
٤. ڪٽي ڪوهو خيال جو ميان، اسان هتڙون پڳه[7] پٽياسين
٥. ڏٿي ساندارو[8] سڪ جو، اسان تختا تهبارون[9] ڪياسين
٦. بحراعظم[10] آه ٻي بات ڪانهي، تهن ۾ **ميرل** نئين ته ملياسين

---

١. جدائي وارو سمنڊ. ٢. ڇڳ. ٣. موجون ڇوليون. ٤. سمنڊ جو نالو. ٥. اڳيان.
٦. گرم عشق جي هوا- تير طوفان. ٧. اها نوڙي جنهن سان ٻيڙي کي لنگر سان ٻڌ
آهي. ٨. ڏکر ڏين. ٩. تختا ويڙهياسي. ١٠. وڏي ڪان وڏو سمنڊ.

ڪافي روپ جهنگلو

آهيون رند رهبر غازي، ڪيڏون بيشڪ بره جي بازي
۱. بيرنگ بحر عميق ۾ ميان، اسان آهيون درس[1] درازي
۲. هاج هجڻ جي ناهي ڪائي، قبل لکو آه ماضي
۳. منصوري آهي باب اسان جو، آهيون انا الحق آوازي
۴. بيخودي آهي باب اسانجو، وحدت جا آهيون واعظي
۵. سنجَ صفائي آهي سالم اسانجي، ساري سا سرفرازي[2]
۶. مٿي عرش عظيم کون ميان، سڪ جي ڪريون ٿا شهبازي[3]
۷. **ميرل** ميخاني ماڳ سان، پنهنجي دل ڪريون ٿا تازي

ڪافي روپ جهنگلو

هت ڪونهي اوڏهن هلبو، ڀي ناهي ڀولي اندر ۾
۱. پينر هن پنيور ڪون، پاڻ پنهنجو ڪٿي پلبو
۲. اڳي ڪن[4] فيڪون ڪون، روح پنهنجو ڪٿي رلبو
۳. ڀاري ڀارڻ عشق جو، جوشن ۾ جلبو
۴. ترڪي لوح قلم کي، چال انهيءَ ڪٿي چلبو
۵. محو ٿي تون **ميرل** سائين، ميخاني ۾ ملبو

---

[1] ڪفر سان جنگ ڪرڻ وارو فوجي. [2] طاقتور. [3] اڏامر.
[4] الله جو امر (ٿي ته ٿي پئي).

ڪافي روپ جهنگلو

مٿي تہ أڏاڻو باز، ڪپي تہ مرادان[1] ڪليءَ

۱. بيخوديءَ جي بحر ۾، شوق ٿيو شهباز
۲. اچي پيدا اندرون ٿيو، انا الحق جو آواز
۳. ثابت نيهن نفي ڪيو، ويو تہ هجڻ جو ساز
۴. ميرل هن مسڪين تي، ٿيو تہ الاهي راز

ڪافي روپ جهنگلو

هن تہ پکيءَ جو واهيرو[2]، مٿي آهي عرش عظيم ڪؤن

۱. اڳي ڪن فيڪون ڪان، سندس آهي آکيرو
۲. لا مڪان ڪان نازل ٿي ڪري، دلير ڪيو آهہ ديرو
۳. بيشڪ بحر بقاء ۾، ماڳ سندس آهي ويرو
۴. ميرل ميخاني جو، اهو تہ اٿي پيرو[3]

---

۱. مقصد. ۲. آکيرو. ۳. رستو.

ڪافي روپ جهنگلو

هلو تہ هلون پنهنجي ڪيچ تي ڪاهي، وو هن تہ پنيور ۾ اسانجو چاهي
۱. جاڏهون آيا آهيون وڃڻون اوڏاهين، سچي ستگر[۱] ائين چيوآهي
۲. پول[۲] پرم کي ساڙي ٻاري، لاٿاني ٿيون لاڳاپا لاهي
۳. دز ڪري ڊيهيءَ کي عرش اڏامون، اصل اسانجو اهو ائين آهي
۴. سچ ننگري آهي وستي[۳] اسانجي، عرش نڪو اڀ[۴] ذرو زمين ناهي
۵. **ميرل** سائين مام اها ٿي، طالب الله جو ڪو ڪو آهي.

ڪافي روپ جهنگلو

اڄ تہ سجاڻ سرڪي، ڪونهي ڪو تہ صباح يار
۱. سوا تنهنجي ٻيو ناه ڪو، ڪاٿي ٿي ٻيو الله يار
۲. عرش اوڏام تون عشق سان، لا ڪزي لا الٰه يار
۳. بيخوديءَ جي بحر ۾، ڪونهي ڪو تہ اماءِ[۵] يار
۴. **ميرل** انهيءَ موج ۾ ڪونهي ارض وَ[۶] سماءِ يار.

ڪافي روپ جهنگلو

هادي مورا لعل وي، الا هڻ ڪيوين ڪرون
۱. آگيا بار بره دا باري، انهندي سڪ سرون
۲. اصل سجاڻي اپنا آپي، اوپر عرش ترؤن
۳. انا الحق دا مارڪي نعرا، ڪاهي سوريءَ جي سر چڙهؤن
۴. وچ ميخانہ جي **ميرل** سائين، قائم قدم ڌرون

---

۱. سچي مرشد. ۲. وهم وسوسا. ۳. رهائش. ۴. آسمان. ۵. پاڻي.
۶. زمين آسمان.

ڪافيون روپ جوڳ

عشق شوق شهادت، اهو احوال[1] مون تي آيو

١. اقتلوا في[2] حب ذات الله، قديمي ڪلامت
واحد وصال[3] مون تي آيو.

٢. سر ڏيڻ جي يار سڄڻ کي، سا ٿي منهنجي سخاوت
جو جذبو[4] جلال مون تي آيو.

٣. موتوا قبل لان[5] تموتوا، ساري روشن[6] ولايت
جو نور جمال[7] مون تي آيو

٤. اڳي ڪن[8] فيڪون ڪون، منهنجي ٿي آه امامت
قرب[9] ڪمال مون تي آيو

٥. سبحاني[10] ما اعظم شاني، بره بقاءُ[11] مدامت،
خاص[12] خيال مون تي آيو

٦. ماڳ ميخانه جي، **ميرل** سائين، صوفي صحيح سلامت
ڪيف[13] ڪلال[14] مون تي آيو

---

١. ذاتي احوال نبي ڪانسواءِ سڀ تي حاوي هوندا آهن. ٢. الله جي محبت ۾ پاڻ کي قتل ڪرڻ. ٣. الله جو ميلاپ. ٤. صوفين جو مرتبو. ٥. مرڻ کان اڳ مرڻ. ٦. بادشاهي ملڪ. ٧. حسن. ٨. الله تعاليٰ جو حڪم چيائڻ تي پئه ته ٿي پيو. ٩. بيحد محبت. ١٠. مان پاڪ آهيان منهنجو ڪيڏو شان آهي. ١١. هميشگي. ١٢. اصلي خيال. ١٣. نشو، خمار. ١٤. پراڻو شراب پيارينڊڙ.

ڪافيون روپ مانجهه جوڳ

ڪامل[1] ڪاڻ الله، روز[2] شب جلندا ويا
رمز انهيءَ رلندا ويا

۱. جوڳين پنهنجي جوءِ[3] سڃاتي، جوشڻون پائي ڏنڙون جهاتي
ٿيڙا ڪامل ڪيائون ڪاه، سچ صفائي سلندا ويا

۲. اناالحق جا ماري نعرا، الٽا ويڙا عرش[4] اوپارا
لا ڪري لا الله، همت سان هلندا ويا

۳. ترڪ ڪيائون هيءَ جسماتي، ذات ٿيا وڃي عين ذاتي[5]
اصل چئي الا الله، پرت انهيءَ پلندا ويا

۴. قتل[6] سندي ڪار ڪيائون، سوريءَ تي وڃي سر ڏنائون
ڪري صدقو ساه پساه، خوشيءَ مون ڪلندا ويا

۵. توڪل[7] جي ترهي تي چڙهيا، ثابوتيءَ[8] جا سبق پڙهيا
اهڙا سندن ويساه[9]، جو ميڙل[10] سان ملندا ويا

* * *

---

۱. پهتل، پورو ۲. ڏينهن رات. ۳. اصل ملڪ. ۴. جاڏهون آيا اوڏانهن ويا. ۵. خود حقيقت ۶. پاڻ پنهنجي نفس کي ماريائون. ۷. الله جو آسرو. ۸. ثابت رهڻ. ۹. عقيدا. ۱۰. الله سان.

ڪافي روپ جوڳ

ح اسين آهيون لامڪاني[1]، ماڳ[2] اسان جو آهي ميخانو[3]

١. پاڻ سڃاڻون ٿا پاڪ، سر آهيون سبحاني[4]
٢. سر الاهي آهيون ذاتي[5]، ناهيون خلق جهاني[6]
٣. عشق اناالحق[7] ڳيت ٿا ڳايون، آدم ناهيون انساني
۴. رمز رنديءَ[8] سان آهي ريجهه[9] اسانجي، رهبر آهيون رازداني[10]
۵. فيض اسان جو آهي اظهر[11]، اسين آهيون نور نوراني
٦. بيخودي آهي باب[12] اسان جو، جو ترڪ آهيون جسماني
٧. اصل الست[13] ازل آهيون، ناهيون زمين آسماني
٨. ماڳ ميخانه جي **ميرل** سائين، جام پيون جاوداني[14]

ڪافي روپ جوڳ

انا الحق جو نعرو، عاشق هڻ همت سان

١. موتوا قبل لان تموتوا، مٿي تري اوپارو
٢. لا الله الا[15] الله ڪري، وجوداً ويسارو
٣. من خدايم من خدايم، عاشق ڪري اشارو
۴. سبحاني ما اعظم شاني، بحر وٺي بقا وارو
۵. ماڳ ميخانه جي **ميرل** سائين، اڏي ويه نئين اوتارو

---

[1] جتي ڪابه رهائش نه هجي. [2] دنيا مانجهادي جو ماڳ آهي. [3] الاهي محبت وارو شراب خانو. [4] پاڪ الله [5] حقيقي. [6] هي دنيا ۽ ان ۾ رهندڙ مخلوق. [7] مان حق آهيان. [8] فقيري رنگ. [9] محبت. [10] ڳجهه کي ڄاڻندڙ. [11] چٽو. [12] سبق. [13] ڪائنات جڙن کان اڳ وارو وعدو. [14] هميشه زنده رهڻ. [15] ناهي ڪوبه الله سواءِ هڪ الله جي (قرآن).

ڪافي روپ مانجهہ جوڳ

ڏئي پنيور ڪئي باه، راتيون ڏينهان ڪاه
١. بنان جوش[1] جولان جي، تاه نہ پيو ڪو تاه
٢. حب[2] الوطن من الايمان، سڪ سڳو مٿي ساه
٣. لاڳاپا[3] هن لوڪ[4] جا، لا[5] ڪري سڀ لاه
۴. موڻي وچ تون **ميرل** ميخاني، رمز روحي[6] دل راه

ڪافي روپ مانجهہ جوڳ

اوڏهن هلڻا چلڻا ٿيا، هتون تہ لڏڻا ڇڏڻا ٿيا
هڪدم رهڻا هت ديس پرايا، هڪدم رهڻا هت جيڻ اجايا
١. فاذكروني[7] اذكركم، ڳاه اهين وچ ڳلڻا ٿيا
سر ڏي پيچي آ رهڻ سجايا
٢. العشق[8] ناراً يحرق ماسوي لله، جوش اهين وچ جلڻا ٿيا
بار بره دا برسر آيا
٣. موتوا قبلل انت موتوا، پرت اهين وچ روح پلڻا ٿيا
ترڪ ڪرڻ آهن پيا سڀ رايا
۴. ماڳ ميخانہ جي **ميرل** سائين، واڳان ورائي هڻ ولڻا ٿيا.
هادي[9] حق حق ايوين فرمايا

* *

---

١. اُبرڻ، ڪهوڙي وانگر ڊوڙڻ ڦرڻ. ٢. وطن جي سڪ ايمان آهي. ٣. رشتا. ۴. هي دنيا. ۵. ناه ٦. دل کي روحانيت جي راه وٺاء. ٧. توهان مونکي ياد ڪيو تہ مان توهان کي ياد ڪريان. ٨. عشق جي باه سواء الله جي سڀ کي ساڙي ٿي. ٩. هدايت ڪرڻ وارو.

ڪافي روپ مانجهه جوڳ

مرشد مام[1] ڏني ڳيت انا الحق تا ڳايون،
ڳيت انا الحق تا ڪايون ڀال[2] ڀلي جا ڀايون
۱. داخل سچ جي ٿياهيون، حد ڪان لاحد وياهيون
پکيءَ[3] وچي پرت جي پيا هيون، ڳالهه ڪهڙي ٻي ٻڌايون
۲. الائي ڪٿي وچي اڙيا آهيون، ٻنهي ڏيهَنِ کون تڙيا آهيون
پنا پرت جا پڙهيا آهيون، ورق ڪهڙا ٻيا ورايون
۳. راتيون ڏينهان تا رڙئون، سوزگداز ۾ تا سڙئون
اناهو[4] جو تا سبق پڙهون، پورن ۾ وچي پيا آهيون
۴. ڦٽيا فراقن آهيون، ڦاهي **فيض** جي پيا آهيون
ميرل مست ٿيا هيون، غيب ۾ تا گهاريون

ڪافي روپ مانجهه جوڳ

لٽي آهيان جوڳي ويا جا دولائي، مان سان ويا مام ملائي
رليءَ سان ويا رمز رلائي، لائي ويا گهائي ويا
۱. پاڻ پيٺهي ويا پورب ۾، وو سر ويا سمجهائي
۲. آءٌ نه جيندس اُن ريءَ، وو مان سان ويا منڊ[6] چلائي
۳. مرليون سرليون ناد نفيلان[7]، وو ويراڳي[8] ويا وڃائي
۴. ڇڏي مڙهيون[9] اڄ تون اوڏانهن، ائين ويا فرمائي
۵. موٽي وچ تون ماڳ تي **ميرل**، تن جو ڪو ڀال[10] ڀلائي

---

۱. اشارو. ۲. تورا. ۳. ڪُٽي. ۴. مان اهو آهيان. ۵. ڳهري. ۶. جادو. ۷. سَرهي جانور جا سنگ جيڪي فقير وڃائيندا آهن. ۸. الله وارا. ۹. جهوپڙيون. ۱۰. تورا ميڇي.

ڪافي روپ مانجهه جوڳ

ڏيئي پنيور کي ٻاهيون، ڪامل ٿي ڪيچ ڪاهيون
١. حب الوطن[1] من الايمان، سڪ سڄو مٿي ساهيون
٢. موتوا قبل لان تموتوا، رمز اها دل راهيون
٣. اناالحق جو ماري نعرو، سوري سر سلهايون
٤. مام پروڙي **ميرل** سائين، لاڳاپا سڀ لاهيون

ڪافي

ويل[2] اها ٿي واهه واهه، نعرو ماريو نينهن[3] جو،
١. پنهنجي ديس[4] بقاو ٿي، ڪامل ڪيو اوهان ڪاه[5] ڪاه
٢. ڪونه رهندو ڪو اتي، اوهين سڪ جي ڪيو ساه ساه
٣. وڃو اڏامي عرش ٿي، ڇڏيو هت هجڻ[6] جا ٿاه ٿاه
٤. بنا احد[7] الله جي، ٻي ڪانه اٿو ڪا راه راه
٥. ترڪ وجود ولايت[8] واصل، اها اٿين اٿو آگاه[9] آگاه
٦. سر ڏئي ٿيو اوهان سرها[10]، **ميرل** ميخانه جي شاه شاه

---

[1] وطن جي حب ايمان آهي. [2] وقت، گهڙي. [3] عشق جو. [4] هميشه وارو ملڪ.
[5] ملڻ. [6] خودي، وڏائي. [7] سواءِ هڪ الله. [8] فقيري درجو حاصل ڪرڻ.
[9] ڏس. [10] خوش.

ڪافيون روپ پيلو

وڃ پکي وري واهيري[1] تي، متي عرش اَڏام
پاڻ ڪري قتلعام

۱. ترڪ وجود ڪي وو ماهي محرم وي ميان، آهين تون ته امام
۲. ڪن[2] لمڪون ڪون وو ڪڻ تون منزل ڪي وو، تنهنجو آهي عشق[3] علام
۳. بحر بقا آهي وو تنهنجو لم[4] يزلي وو، قديمي ته مقام[5]
۴. وحده واحده[6] وو لاشريڪ له وو، اهو ونج اسلام
۵. لوح قلم ڪي وو طئي[7] ڪر طالب وو اهو اٿي ته انجام[8]
۶. محويت جو وو ميرل سائين وو، بيخود ٿي پيءُ جام

ڪافي روپ پيلو

ڪوئي ڪونہ رهيو، پڙو[9] تڏهن پرينءَ جو پيو
۱. برخيز از[10] ميانون، متي خيال ويو
۲. انا الحق جو وو مار تون نعرو، ائين يار چيو
۳. بيرنگ بحر وو عميق سان، رهبر روح ٿيو
۴. وڃ ميخاني ميرل سائين، دائم خيال جيو

* *

---

۱. آکيرو. ۲. لڪي ته لڪي ويٺي. ۳. وڏو ڇتو. ۴. لازوال. ۵. جاءِ. ۶. الله هڪ آهي جنهن جو ڪوبه شريڪ ناهي. ۷. حاصل. ۸. مقصد. ۹. پار پتو.
۱۰. جسم مان نڪري وڃ.

ڪافيون روپ ڪسوري

عشق اسانون چا بيسر[1] ڪيتا، خوف رجا[2] جا سيو نيهن[3] ليا

۱. نيهن اسانجي ماريو نعرو، اذني[4] اذني ڪري اشارو
متي هليو آهي عرش اويارو، ڳالهه ڳولي سي ڳجهه جي اهيا

۲. مرغ[5] آهيون لامڪاني، عرش ڪون متي ٿا رهون آشياني
سير اسانجو آهي سبحاني[6]، لاحد ۾ ٿا پايون ليا

۳. غرض[7] دل ڪي ناهي ڪائي، اصل سڃاڻي پنهنجو ڪريون ٿا ادائي[8]
بيشڪ آهيون مرغ هوائي، سدائي رهون ٿا خمار ۾ ڪيا

۴. **ميرل** جيئري مري ته جياسي، عرش ڪون لنگهي وڃي اڳي ته ٿياسي
ملڪ انهيءَ ڪاهي ته پياسي، سر ساڳي آهيون ناهيون ڪي ٻيا

ڪافي روپ ڪسوري

۱. دلبر مونکي ديد نماء[9]، هت ڪانهي رهڻ جي جاءِ
۲. آءُ ساقي[10] مونکي ڏئي پيالو، سارو سر سمجهاءِ
۳. بيرنگ بحر عميق سان، منهنجو روح رلاءِ
۴. بره بقاء مدامت ڏي، همت ساڻ هلاءِ
۵. برخيز[11] ڪن مارا زخود، مونکي ماڳ پڄاءِ
۶. سوئي مسڪين[12] بنگري، رهبر رو بگشاءِ[13]
۷. ماڳ ميخاني جي مولي سائين، هن **ميرل** ڪي ته ملاءِ

---

[1] ڪٿي بنا سر جي ڪيو. [2] خوف ۽ اميد. [3] ختم ڪيا. [4] اِن منهنجي حڪم سان شاه شمس جو نعرو. [5] پکي. [6] پاڪ الله وارو. [7] چنتا- لالچ. [8] هوائي.
[9] مهر نظر. [10] مرشد [11] اسان کي پاڻ مان ڪڍي بيوخد ڪر. [12] اسان مسڪين ڏي نظر ڪريو. [13] منهن مبارڪ کول.

ڪافي روپ ڪسوري

لکين لتيا تو دلبر سائين، هاڻي مونکي پي ڪهايءِ[1]
ڪوڙين ڪنا تو ڪريم سائين
١. ڏئي سبق اناالحق جو، سوريءَ سر چاڙهايءِ
٢. اگڻ مون مسڪين جي، پير اچي پايءِ[2]
٣. مڪان ڪون نازل ٿي ڪري، عشق اهو آيءِ
٤. اهو ميخانہ **ميرل** تي نيهن سندر نايءِ[3]

ڪافي روپ ڪسوري

لڳو لا غرض[4] سان لاشڪ[5]، نماڻيءَ جو وهنيل[6] ناتو[7]
١. سوين ٻهڪڻ[8] اڳيون ٻانها، انهيءَ دستور[9] ديوانا[10]
وسائي ويا يار آستانا، لکي جن لوڪ ڪان لاتو
٢. ڳوليان ٿولهيان جانب جوئي، اگڻ آيو سڄڻ سوئي
وهان رانجهن اڳيون روئي، ڳچيءَ ڳل پاند[11] مون پاتو
٣. چوي **شاه فيض** عاشق آهيون نيزي پاسي سر نوائي ڏيون
سچيءَ محبت ۾ آهيون، جڏهن سردار سڃاتو

---

[1] زخمي ڪيئي. [2] رکيئي. [3] هاريئي. [4] بي پرواهه. [5] بيشڪ. [6] رشتي ۾ آندل لاڳاپو. [7] رشتو. [8] گهڻن صفتن وارو. [9] قانون. [10] پاڳل - مستانو. [11] جهولي

ڪافيون روپ ڪونسيو

يار زورآور[1] ظلم ڪرين ٿو، هنيون ڪان[2] وجهين ٿو ڪيري وو
١. نيڻ سڄڻ تنهنجا آهو[3] اربيلا، سي تہ ڏسين نہ فقير ڏي ڦيري وو
٢. يار چلائي وئين چوٽ جون چشمان[4]، سو تہ دلبر آءُ منهنجي ديري وو
٣. جوش جلايم جندڙي، چر چراٽي[5] ڇيري
۴. ميرل ڪي پرين مست جو ڪيڙئي، سو تہ يار سڄڻ پيءُ پيري

ڪافي روپ ڪونسيو

هاڻي هن پنيور[6] مون، منهنجو ٿيڙو هالاڻو[7]
١. پشي[8] حال نڌر[9] جو، ريءَ ريڏو راڻو
٢. ڪيچيءَ ڏنم قرب جو، اهو اوراڻو[10]
٣. اڇي عشق ايل ڪيو، سوز ساماڻو[11]
۴. بيشڪ بحر بقاو تي، اٿم لاڏاڻو[12]
۵. ميرل ميخانہ پانهنجي، عاشق وڪاڻو

---

١. طاقتور - ڏاڍو. ٢. اکيون. ٣. هرڻي جي اکين جهڙا. ۴. اکيون. ۵. تير باهہ.
٦. هي دنيا. ٧. هلڻ- وڃڻ. ٨. ڏسي - جاچي. ٩. نڌڻڪي. ١٠. لولي. ١١. پيدا ٿيو.
١٢. لڏي وڃڻ.

ڪافي روپ ڪونسيو

يار ڪيچ ويو مونکي هلڻ پيو
هتؤن ڇڏڻ پيو هاڙهي هلڻ پيو

١. ڪيچيءَ سندي قرب تي، وري ولڻ[١] پيو
٢. پير پنيءَ پنهل جي، روح رلڻ[٢] پيو
٣. ٻاري[٣] ٻارڻ عشق جو، جيئري جلڻ پيو
٤. موٽي ميخاني ۾، ميرل ملڻ پيو

ڪافي روپ ڪونسيو

قسم آهي الله جو آهي يڪي[٤] ڪين[٥]
اول آخر ڪين ظاهر باطن ڪين

١. ڪاٿي مشرب[٦] مذهب ڪنهنجا، ڪاٿي آهن دين
٢. فنا دَر[٧] فاني آهي، ڪاٿي حبش چين
٣. بنا قلزم[٨] ڪين جي، ٻولي ٻولج ٻئي[٩] نه
٤. ميرل کي هن ماڳ جي، سچي هاديءَ ڪئي تلقين[١٠]

---

١. موٽڻ. ٢. ملائڻ. ٣. عشق جو آڙاهه. ٤. ساندهه. ٥. وحدت جو اٿڪت سمنڊ. ٦. طريقا. ٧. فاني تي فاني. ٨. وحدت جو سمنڊ. ٩. ٻي ڪا ٻه نه. ١٠. نصيحت

ڪافيون روپ ڪوهياري

هتڙي پکيڙو[1] آهي اداسي[2]، آهي ديس انهيءَ جو واسي[3]
۱. مرغ هوائي آهه بيشڪ، نا داسن جُو[4] داسي
۲. پکي آهه جڳت[5] آد جو، ناهي نفسي[6] ناسي
۳. اکنڊ[7] سندس آشيان آ، شن[8] جو آهي سناسي[9]
۴. **ميرل** موالي[10] تو سندو پريم جو آهي پياسي

ڪافي روپ ڪوهياري

توريءَ ڪانهي[11] واه، رهبر هن تہ رليءَ جي
۱. طالب آهيان تو سندو، محب ميثا[12] قاءُ
۲. آجو[13] ڪر منهنجي خيال کي، نظر ڪر ڪا نگاه
۳. ڇڏائج منهنجي دل کون سرتين جي تہ صلاح
۴. **ميرل** هن مسڪين جي، سُولي[14] ڪج تون راه

ڪافي روپ ڪوهياري

لونءِ[15] لونءِ ۾ لوڙي[16] لائي ويا، جانب جوت[17] جاڳائي ويا
۱. ونحن اقرب[18] ويجهڙو، برهين بات بتائي ويا
۲. مرليون سرليون ناد نفيلون، ويراڳي تہ وڄائي ويا
۳. شاه فيض سائين فيض رسايو، ناچو عشق نچائي ويا
۴. پاڻ پيهي ويا پورب ۾، لاحد[19]. خيال لڏائي ويا
۵. **ميرل** مون مارئيچن[20]، گهورن[21] سان دل گهائي ويا

---

۱. روح. ۲. مايوس- وياڪل. ۳. رهاڪو. ۴. ڄاڻهي جو ڄاڻو. ۵. شروعات جو (ڪن فيڪون). ۶. نفس وارو فنا ڪيندڙ. ۷. اهو هنڌ جتي امن ۽ سڪون هجي. ۸. عشاقي صوفين جي منزل جتي بلڪل خاموشي ڇانيل هجي ٿي. ۹. گرو. تارڪ فقير. ۱۰. موالي جو جمع- مددگار دوست. ۱۱. آسرو. ۱۲. اصل اقرار وارو ڏينهن. ۱۳. ڇڏاءِ آزاد ڪر. ۱۴. سنئي سڄائي. ۱۵. وار وار ۾. ۱۶. لهي. ۱۷. سوجهرو- ڏيئو ٻاري. ۱۸ الله ساه جي رڳ کان ويجهو آهي. ۱۹. جنهن جي ڪا به حد نه هجي. ظاهري معنيٰ مارواڙ جا رهاڪو. ۲۱. ڏيهن- اکين.

ڪافي روپ ڪوهياري

محب ماروئڙا ميان، ماڙ[١] ڪندا منهنجي ماڙ ڪندا، ايندم اباڻا

١. لڏي ويا لاحد ڏي، ڏاها[٢] ڏوٽيڙا وو
وهن پٽن[٣] تي اڏي پاٽا[٤]

٢. رهت جن جي رڄ پر، اصل آديسيڙا وو
مست[٥] ميثاقي اوهي وتن وڪاڻا

٣. سدا رهن ٽا سڄ پر، جانب جوڳيڙا وو
مونکي تن جا اڇي سور ساماڻا[٦]

٤. واصل[٧] آهن وش[٨] سان، صوفي ساميڙا[٩] وو
نڌر ڪي نيندا رهبر راڻا

٥. داهون ڪيان ٽي درد مون، جوشن ڪيون آهن جاڙان[١٠] وو
حال حلاجيءَ[١١] مون ٿيا جذب جؤلاڻا

٦. شائق[١٢] آهن پنهنجي شوق جا، سالم[١٣] سانگيڙا[١٤] وو
طالب الله جا ساه ڪي سيباڻا[١٥]

٧. **ميرل** ويا ميخانہ تي، خالص[١٦] ڪتيڙا وو
ڪيون تہ مهاڙ[١٧] اوڏهن ڏيان تي اوراڻا[١٨]

---

١. مَهر، ٻاجهہ. ٢. سماڻا، ذاتَ تي ڳذر ڪرڻ وارا. ٣. واري جي دڙن. ۴. پونڪا. ۵. الست کان مست. ٦. پيدا ٿيا. ٧. پهتل- پرتل. ٨. وسندي. ٩. صوفي فقير جيڪي ڪمڙو ڪپڙا اوڍيندا آهن. ١٠. جٺ، ظلم، ڏاڍ. ١١. حضرت منصور رح جي حالت وارا. ١٢.شوق رکندڙ. ١٣. سلامت. ١۴. عارضي طور مال ڪاهي وَسَنوَ ڏي ويندڙ لاڏائو. ١۵. پسند آيا. ١٦. لڄ اصلي- راهڪ. ١٧. منهن. ١٨. مياروڻ.

ڪافيون پارسي روپ بنس

منم مستم ڪہ در بيخود جمال الله بودستم
مان مست آهيان جو بيخوديءَ[۱] جي جهان ۾، الله جي سونهن[۲] آهيان

۱. منم مرغر بحر ازلي، ڪمال الله بودستم
مان پڪي آهيان هميشہ واري سمنڊ جو، الله جو ڪمال آهيان

۲. منم منور انور مطهر، خيال الله بودستم
مان پاڻ روشن نور هيم، الله جو ارادو آهيان

۳. منم در وادئي ايمن، خصال الله بودستم
بي خوف واري واديءَ[۳] ۾ آهيان، الله جا گڻ آهيان

۴. منم منصور نعره حق، جلال الله بودستم
مان منصور آهيان حق جو نعرو هڻندڙ، الله جي عظمت[۴] آهيان

۵. منم محرم بميخانہ، وصال الله بودستم
مان شراب خاني جو رازدان هيم، الله تعاليٰ سان ملندڙ آهيان

۶. منم بيرنگ بحر باقي، مثال الله بودستم
مان بي رونق سمنڊ باقي هيم، الله وانگر آهيان

۷. منم ميرل ڪہ در مولي، مقال الله بودستم
مان ميرل آهيان جو سرداريءَ[۵] ۾، الله جو قول آهيان

---

۱. پاڻ نہ هجڻ. ۲. حسن. ۳. خاص جاءِ. ۴. شان. ۵. اڳوائيءَ ۾

Scanned by CamScanner

ڪافي روپ بنس

منم شهباز[1] با شهباز پر انداز، هادي حال مي باشم ڪہ يحيٰ يارمي باشم
مان شهبازن جو شهباز پريل خماريل، حال جو هادي ۽ يحيٰ جو يار آهيان
١. طريقہ قادري هستم، صوفي اسرار مي باشم
قادري طريقو رکندڙ آهيان، صوفي[2] جا راز آهيان
٢. منم موتوا قبل گويم، ڪہ هادي هشيار مي باشم
مان چيو همر[3] مرڻ کان اڳ مرو، جو مان عقلمند رهبر آهيان
٣. مريدم من محي الدين، در ڪهسار مي باشم
مان محي الدين جو مريد آهيان، جو پٿر واري ڪوٽ ۾ محفوظ آهيان
۴. منم **ميرل** بہ ميخانہ، نام نروار مي باشم
مان شراب خاني ۾ **ميرل** آهيان، جو ناليوارو ظاهر آهيان

ڪافي[4] روپ بنس

منم رندم ڪہ راز حق، مست مدام بودستم
مان آزاد الله تعاليٰ جو راز آهيان، مان هميشہ مخمور رهندو آهيان
١. منم ساقي شراب عشق، ڪہ جذبہ جام بودستم
مان عشق جي شراب جو پيالو پياريندڙ آهيان
جو مان عشق جي پيالي ڪي وٺندڙ آهيان
٢. منم مهدي شدم پيدا، راهي عشق امام بودستم
مان هدايت ڪرڻ وارو ٿي پيدا ٿيو آهيان
جو مان عشق جي رستي جو اڳواڻ آهيان
٣. منم **شاه فيض شاهنشاه**، **ميرل** نام بودستم
مان **شاه فيض شاهنشاه** آهيان، منهنجو نالو **ميرل** آهي

---

١. وڏو باز. ٢. صاف - الله جا ڳولائو. ٣. قرآن جي آيت. ۴. ڳجهہ.

ڪافي روپ بنس

منم رندم ڪه در راهي، شاه شهنشاه بودستم
مان آزاد بي قيد حق[1] جي رستي ۾، بادشاهن جو بادشاه آهيان
۱. منم دل جان دل داور، دائم درگاه بودستم
مان انصاف واري دل رکندڙ آهيان، جو هميشه دربار ۾ آهيان
۲. منم پريم پيمانه، ڪه وجه الله بودستم
مان عشق جو پيالو آهيان، جو الله جو منهن آهيان
۳. منم هادي هدايت حق، ڪه روشن راه بودستم
مان حق جي هدايت ڪندڙ آهيان، جو مان روشن رستو آهيان
۴. منم معشوق لم يزلي، ڪه سر الله بودستم
مان لازوال معشوق آهيان، جو الله جو راز آهيان
۵. منم **ميرل** مدامي حق، ڪه بي پرواه بودستم
مان **ميرل** هميشه حق جو طالب[2]، جو آزاد خيال آهيان

* *

. الله سائين. ۲. طلب رڪندڙ - سيڪڙو.

ڪافيون روپ پهاڙي

لاڳ[1] اچي عشق لائي، ويو خطرا ڪلئي ڪائي
۱. اڳ قاب قوسين[2] ڪون، چشم سڄڻ چمڪائي
۲. قل هو الله[3] احد الله، ڏنئن پنهنجي پاڻ واڌائي[4]
۳. علم[5] لدني عشق پڙهايو، تي آءِ سالم سڄ صفائي
۴. **ميرل** بنا مولي پاڪ جي، وسري وئي سڀ وائي

ڪافي روپ پهاڙي

نيهن نسياني[6] اچي پيدا ڪئي، تي آءِ ڪل فراموشي[7]
۱. وطن واهيرو ياد هو مونکي، پرت وڃائي منهنجي پرده[8] پوشي
۲. درد ديوانو ڪيو آهي مونکي، تي آءِ حاصل بيهوشي[9]
۳. منطق[10] الطير گفتم[11]، شد گوش باگوشي[12]
۴. **ميرل** جي ميخاني تي، تي آءِ جام نوشانوشي[13]

---

۱. لوري - محبت. ۲. معراج واري حالت. ۳. چئه الله هڪ آهي. ۴. خوشخبري. ۵. ا
علم جيڪو سکڻ کانسواءِ ملي الله طرفان يا الهام ذريعي حاصل ٿئي. ۶. هڪ مر
جو نالو ويسارو. ۷. ويسارو. ۸. لڪُ- ڍَڪُ. ۹. بنا هوش حواس جي. ۱۰. هڪ ڪتا
جو نالو جيڪو مشهور صوفي شيخ عطار رح جو لکيل نصيحت ڀريو. ۱۱. چوان ٿ
۱۲. ڪن سان. ۱۳. پيمان - وارو واري.

ڪافي روپ پهاڙي

ايسا[1] ڪو جوڳي[2] آيا، پورب[3] ديس والا
ويکڻ[4] سيتي مئن حيران رهيان، جلوه عين[5] جمالا
١. موج سيتي ماهي مرلي وڄيندا، پاڪي ڪنين ڪڙولا والا
رمتا موندي[6] منداتا تنها، مست الهه والا
٢. رهبر مجسي رمزان لايان، ميڏا ياڳا قيد[7] ڪشالا
اڏ[8] اڏ جاتي هون مئن اوپر[9]، مئن هون بيخود[10] بيشڪ بالا[11]
٣. ڪيا ڪهون ري ڪيا ڪهون مئن، جو حسن ماهي[12] دا افضل عالي[13]
تاب[14] اوسي ڪا ويکه ڪران هڻ، هويا نرگس[15] خجل[16] خجالا
٤. فيض رساني هاديءَ ڪيتي، نه ته **ميرل** هويا ته آبالا[17]
همدم هادي حاضر[18] ناظر، ٻهون[19] هويا خوشحالا[20]

ڪافي روپ پهاڙي

ويڪو برهي ڪي بانولي[21]، ڪون قتل هويا
١. ڪسني انا الحق بلايا، ڪون اصل هويا
٢. ڪسني آپ پڇاڻه[22] آپي، ڪون وصل[23] هويا
٣. ڪنسي بحر[24] اواڳهه ٻولايا، ڪون ازل[25] هويا
٤. ڪسني ميخانه بلايا[26]، ڪون **ميرل** هويا

---

١. اهڙو ڪو. ٢. فقير. ٣. اوڀر وارو. ٤. ڏسڻ. ٥. حسن- سونهن. ٦. پنهنجي خيال وارو-اڪيلو. ٧. تڪليفون. ٨. اڏري اڏري. ٩. مٿي. ١٠. مست. ١١. مٿاهون. ١٢. چنڊ جهڙو. ١٣. مٿاهون. ١٤. حسن، روشني،تپش. ١٥. گل جو نالو. ١٦. شرمائي پوڻجي وڃڻ. ١٧. ميٺو - سادو. ١٨. هجڻ وارو ڏسڻ وارو. ١٩. تمام گهڻو. ٢٠. خوش باش. ٢١. ترائي. ٢٢. پاڻ سڃاتو. ٢٣. ميلاپ. ٢٤. اونهو سمنڊ. ٢٥. اڳوارو. ٢٦. سڏايو

ڪافي روپ پهاڙي

بار بره دا برسر[1] آيا، جوشان وچ جليندیان مڻن
١. اناالحق دا مارکي نعرا، سوليءِ سر سلهيندیان[2] مڻن
٢. بيخودي دي باب وچ، نال همت دي هليندیان مڻن
٣. وچ بحر بيرنگ والي، اپنا روح رلينديان[3] مڻن
٤. وچ ميخانه دي **ميرل** سائين، دائم مدام مليندیان مڻن

ڪافيون روپ ڪاريهر

هر ٽيي آسمان ۾، تنهنجو چاهي هر جهان ۾
١. نفي[4] ناسوت ڪري وڃ نڪري، ره وڃي لامڪان ۾
٢. رمت پنهنجي اوڏهين، بيشڪ سڄ بيابان ۾
٣. موتوا قبلل انت موتوا، ڦولهي[5][6] ڏسو فرقان ۾
٤. **ميرل** مام[7] پروڙي ساري، ڏي سجده ميخانه ۾

ڪافي روپ ڪاريهر

آهيان مان پکوان، ڪونهي ڪو تنهن ۾ شڪ گمان
١. نانڪ مان هان ڪبير مان هان، مان ڪشن مان ڪان
٢. هري مان هان هريچند مان هان، مان ڳرو[8] مان گيان[9]
٣. ڪاٿي يار پڙهان ٿو پوٿيون[10]، ڪاٿي پڙهان ٿو قرآن
٤. مرجان[11] سوريءِ تي چاڙهن مونکي، سوره[12] آهيان سلطان
٥. سوين سوين نالا آهن منهنجا، **ميرل** سائين سبحان[13].

---

١. سرَ تي. ٢. قبولڻ. ٣. هميشه. ٤. هر جهان کي ڇڏ. ٥. ڳولي. ٦. قرآن شريف.
٧. اشَارو سمجهي. ٨. مرشد – هادي. ٩. علم-ذڪر. ١٠. هندن جو ڪتاب.
١١. پلي جان. ١٢. دلير. ١٣. بادشاه. ١٤. پاڪ الله.

ڪافي روپ ڪاريهر

بحر[1] بقا ڏي هلي آه، دل منهنجي دوست سان رلي[2] آه
١. طلب[3] تشنگي آهي اسانکي، اها اوسات[4] مونکي اصلي آه
٢. بنان مولي پاڪ جي، ساري پنيور ڪان پلي آه
٣. هادي هدايت حق ڪري، اها ڳالهہ مونکي سلي آه
٤. **ميرل** اها مام پڙوڙي[6]، ميخانہ ۾ ملي آه

ڪافي روپ ڪاريهر

اسين آهيون شاهنشاهہ[7]، ماڳ ماڻيون[8] ٿا ملڪ بقا جو
١. ذات حق جي ٿا اصل سڃاڻون، اسين آهيون سر الله
٢. بيرنگ آهي بقاءُ اسانجو، اسين آهيون در رسول الله
٣. عرش اڏامي ٿا سر سڃاڻون، اسين آهيون بي پرواه
٤. نانوءُ سڏاير مهدي[9] **ميرل**، اسين آهيون خود ويساه

---

١. هميشگي واري سمنڊ ڏي. ٢. ملي آ. ٣. سڪ پياس. ۴. اڄ. ۵. سنکي. ٦. جاڻي
٧. بادشاهن جا بادشاهہ. ٨. حاصل ڪريون ٿا. ٩. جنهن ڪان هدايت ملي.

ڪافي روپ ڪاريهر

پنهنجي خيال ڪريئر[۱] ڪي، مٿي عرش اوڏاريون اڏار
۱. بنا عرش وڃڻ جي، ٻي وائي سڀ واريون وار
۲. سعيو[۲] ڪري سچ انهيءَ جو، هي تہ وجود وساريون وسار
۳. موتوا واريءَ موج ۾، طالب طلب ڪي تاريون تار
۴. بي خوديءَ جي بحر ۾، پاڻ اياريون آيار[۳]
۵. بقاء ازل ڪي ميان، صوفي سنياريون سنيار
۶. طرف ميخانہ جي **ميرل** سائين، نظر ڪري تہ نهاريون نهار

ڪافي روپ ڪاريهر

عاشق پنهنجي خيال ڪي، مٿي عرش اماٿيون اماڻ[۴] .۱
فاذڪروني[۵] اذڪرڪم، روح وحدت ۾ واٿيون واڻ
موتوا واريءَ موج ۾، همت ڪر ڪا هاڻ
هوالحق[۶] اناالحق چئي ڪري، رهہ اصل جي اهڃاڻ[۷] .۲
ان الله يشا[۸] مرڪم، پاڻ نہ اوڏو[۹] آڻ
رائت[۱۰] ربي بعين ربي، ڪانهي توڪي ڪاڻ .۳
اذاتم[۱۱] الفقر فهو الله، وٺ سچ صفائيءَ جي ڪاڻ
هولون ڪما[۱۲] هو في الازل، ريجهي ڪر تون رهاڻ ۴
يهد الله لنوره[۱۳] من يشاء، وجي موج الهي ماڻ
سرسري ساڳو ئي آن **ميرل**، طرف ميخانہ جي تاڻ

---

۱. سنو خيال. ۲ تياري. ۳. مٿي هلاءِ. ۴. موڪل. ۵. مونکي ياد ڪريو تہ مان توهان کي ياد ڪريان. ٦. اهو حق مان آهيان. ۷. نشان. ۸. بيشڪ اوهانکي حڪم ڪري ٿو. ۹. سامهون ضد. ۱۰. مون پنهنجي رب کي اکين سان ڏٺو. ۱۱. فقر سان رهڻ الله سان رهڻ آهي. ۱۲. اهو ئي آهي جيئن ابتدا ۾ هو. ۱۳. الله پنهنجي نور سان جنهن کي گهري هدايت ڪري.

ڪافي روپ ڪاريهر

نا مئن هندو نا مسلمان، لوڪ[1] دا ڪيتر ڪيها نقصان
١. نا مئن بدري نا مئن بخاري، عشق اسان ڏا امام
٢. نا مئن شيعا نا مئن سني، قول[2] اسان ڏا قرآن
٣. نا مئن اسمي نا مئن جسمي، لا[3] اساڏا مڪان
۴. **ميرل** ميران ڏي سڏيران[4]، آپ[5] ڪڙا انسان

ڪافيون روپ ڪلياڻ

اصل[6] تنهنجو آه اهو اشيان[7]، جاتي زمين نڪو آسمان
لا مظهر[8] آه تنهنجي مستي، نوُرون نور نشان
١. اڳي تہ ڪن فيڪون ڪون هل، جو تنهنجو آءِ مڪان
جز[9] هستيءَ جي اُها جاءِ آهي، لاهوت لا مڪان
٢. هي وجود ڪونهي ڪو اتهين، بحر آه بي[10] ڪران
خود را شناس[11] تہ تون خود آهين، برخيز[12] از ميان
٣. پنهنجو بره بقا پس لم يزلي[13]، مدامي ميخان
سر[14] انداز ڪر تنهن ۾ عاشق، پڇي ٿي پروان
۴. موٽي وچ تون ماڳ تي **ميرل**، پاڻ ڪري قربان
موتوا قبلل ان تموتوا، پڏي فرمودو[15] فرقان

---

١. ماڻهن جو- دنيا جو. ٢. چوڻ. ٣. ناهه. ۴. هوشياري. ۵. پاڻ الله. ٦. حقيقت
٧. آستان. ٨. پيو ڪوري ظاهر ناهي سواءِ الله جي. ٩. هجڻ جو نشان. ١٠. اڻکٽ.
١١. پاڻ کي سڃاڻ. ١٢. جسم مان نڪر. ١٣. لازوال. ١۴. سِر اُڇل.
١۵. قرآن جو حڪم.

ڪافي روپ ڪلياڻ

آهي اواڪههُ[1] يارو هي قلزم بي ڪران
ناهي ڪنڌي ڪا بحر الهيءَ جي پهري آيو بي بيان
ناهي نهايت[2] ماڳ الهيءَ جي بحر آهه بي پايان[3]
۱. ترڪ وجود ولايت واصل، نفيءَ[4] سان نسيان[5]
لا الله الا الله الاهو، سبحاني ما اعظم شان
۲. طرفة حال[6] بي حالي تجلا، نورون نور نشان
خود ڪان بيخود مالدن دائم، سر ساڳو سبحان
۳. استغراقي[7] آهه هدايت، اهو ائين احسان
بشرق[8] تجلا روشن انور، باريندن[9] باران
۴. خرقا[10] صاف صفا ڪر وحدت، ديدن لا مڪان
بڪير نور ازلي **ميرل**، مدامي ميخانه

ڪافي روپ ٽنيڻ

ديد اها دلجي دليريءَ آهي درياهه
پرين ڪنڌي ڪانڪا آهي سانده سي درياهه
۱. ميثاقي[11] منهنجو ميهر آهي، لاهوتي لقاءَ[12]
۲. اڃي تو بيچون[13] مون، پرينءَ جو پڙلاءَ[14]
۳. بيرنگ بحر عميق ۾، ڪونهي ڪو اماءَ[15]
۴. **ميرل** الهيءَ موج ۾، ڪونهي ارض سماءَ[16]

---

۱. اهو سمنڊ جنهن جو ترو نه لهي سگهجي. ۲. پڇاڙي. ۳. جنهن ڪنڌي نه هجي. ۴. ميناهين
۵. ويسارو. ٦. اڪ جنهن ۾ حال روشن ٿيو. ۷. غرق ٿيڻ. ۸. روشن ڪندڙ ڪرڻ – مينهن وسائيندڙ. ۹. رحمت جو مينهن وسائڻ. ۱۰. فقيرائو لباس. ۱۱. روز ازل وارو. ۱۲. ديدار. ۱۳. اڻهوند. ۱۴. آواز. ۱۵. پاڻي. ۱٦. زمين آسمان.

Scanned by CamScanner

غزل روپ ڪليانڻ

الامن بيخود ام خود نمي ماندم
خبردار مان بيوخود آهيان، جو پاڻ ناهيان

١. نعرهء نوبت عشق اناالحق مي زنم
مان الله انا الحق جي طريقي جو نعرو هڻان ٿو
شاد دل تخليص بالايء دار مي خندم
مان خوش دل آهيان، سولي تي خوش

٢. الي ربڪَ ارجعي شب روز مي ربودم
مان رات ڏينهن پنهنجي رب ڏانهن هلان ٿو
هستم ذات قدسي قائم از ميان برخيز شده ام
مان هميشه پاڪ ذات آهيان وجودئون نڪرندڙ آهيان

٣. سبحاني ما اعظم شاني اين آيت رامي خوانده ام
مان پاڪ ذات آهيان منهنجو شان ڪيڏو نه آه روز ان آيت کي پڙهانٿو
بل لم يبقي الالله واحد احد مدام مانده ام
هميشه الله هڪ آهي ۽ مان هميشه آهيان

٤. مست ميخانهء مدام **ميرل** منم
هميشه واري مئخاني جو **ميرل** مست آهيان
هستم مرغ لامڪاني سوئي آشيان خود رسيده ام
مان بي آشياني جو پکي آهيان، پنهنجي آشياني ڏي پاڻ پهچان ٿو

Scanned by CamScanner

غزل روپ ڪلياڻ

نہ من دور هويا نہ يارمرا دور يار مرا ماست
مان پري ناهيان، نہ منهنجو دوست پري آهي منهنجو دوست مان پاڻ آهيان

١. در درياء فراق غمزه بخورم، پيوستہ حال است من مهجور
جدائي جي درياہ ۾ پيڙجان ٿو، لڳوتار منهنجو حال جدائي وارو آهي

٢. اشتياق مرا ماست
منهنجو شوق مان آهيان

٣. نعرہء نوبت عشق اناالحق زنم، آہ التجا في دارالغرور
مان انا الحق جي طريقي وارو نعرو هڻان ٿو، افسوس غرور جي دنيا ۾ آهي

٤. اصل مرا ماست
منهنجو اصل مان پاڻ آهيان

٥. قالا رب ارني آہ مي گويم، حڪايت است همين طور
چيائين اي رب مون کي پنهنجو ديدار ڪراء، اها ڳالهہ آهي ان طريقي تي

٦. سرمرا ما است
منهنجو راز مان آهيان

٧. مست ميخانہ مدام ميرل منم، عشق نؤرون اعلي نور
مان هميشہ واري مئخانہ جو **ميرل** مست آهيان، عشق نورن نور آهيان

٨. خيال مرا ماست
منهنجو خيال مان آهيان

* *

بسم الله الرحمن الرحيم

فراق نامون

ننگي[1] ننگ پال پنهنجو يار دلبر. منا محبوب منهنجا نور النور ڪڏهن ايندين تون مون وٽ يار پيارا. سڄڻ سائين منهنجي جيءَ جا جيارا هلي آءُ تون اسان وٽ يار جاني. درسن[2] ڪارڻ آهي دلڙي ديواني دلاسو ڪو اچي ڏي يار منهنجا. بنا توريءَ آهن پساه اهنجا مونکي ماري هليو وئين دوست دلبند[3]. نهاريان روز تو رهبر تنهنجا رند قصو هن درد جو ڪنهنکي ٻڌايان. جگر جيرا جوشن ۾ تو جلايان هٿي هٿي منهنجو حال هاڻي ٿيو آه هيڙو. ڪولي ظاهر ٻڌايان سور ڪهڙو اچين هيڪر جي مون وٽ تون يار جاني. ڪيان صدقي پنهنجو سر قرباني سوين سر ساه توتئون يار گهوريان. بنان توريءَ ڪنهين سان حال اوريان اٿم مشڪل ڏاڍي تنهنجي ملڻ جي. اٿم سڪ ساه ۾ جيري ملڻ جي تنهنجي سڪ ۾ ٿين پساه پورا. ٻاريا هن عشق تنهنجي يار ڪورا[4] روڻ شب روز آيو يار مونکي. ڪهڙي پرواه منهنجي آه تومانکي سوين سهٽا تنهنجا آهن سلامي. منن ٿا لکين هزارين تنهنجي غلامي نمائو مان هڪ نذر يار چاهيان. لکين لائق تنهنجا تو يار ڳايان لائق تنهنجي ناهيان نوڪر نمائو. پرين پنهنجو اوهين شل سڪ سڃاڻو اصل تنهنجي آهيان در تي وڪاڻو. فياضي فيض آهيان ٿالي نماڻو چهنجي در جو ڪوئين تون شل شڪاري. پريان مڄرا[6] ڏيان دم دم ٻهاري مثل مجنون توکي تو ساه ساري. ڪيون ليلي ليلي دم دم پڪاري

---

١. لڄ پالينڌڙ. ٢. ديدار. ٣. پيارو محبوب. ۴. باه جا ٻنا. ۵. در جو ڪتڙو.
٦. جامو چير پائي ڏمال هڻڻ.

ٿيان دلبر تنهنجي در جو مون دايو، توريءَ جيئڻ منهنجو آهي اجايو
مران شل پيش تنهنجي يار جاني، هٿون تنهنجي شهادت شادماني
مرن مشتاق[١] جو قدمن تي آهي، اصلوڪان[٢] ايهو چوڻ عاشقن جو آهي
جي اڳيون محبوب جي عاشق مري ٿو، سدائي بحر بقا ۾ تري ٿو
رهڻ هڪ پل جدائي ۾ آه مشڪل، وڇوڙي جو درد ڏاڍو آهي بالڪل
هٿون تنهنجي جيڪر منهنجو قتل ٿئي، سدا توسان منهنجو همدم وصل ٿئي
مران ٿو هاڻي يار آءُ دلبر، سڪي ٿو ساه ڏيان تولاءِ سرور[٣]
توسان منهنجي ساه جو ساجن سهڻو[٤] ٿيو، يقينو دل سندو منهنجو اهو ٿيو
ڇڏي ويساه ڪاڏي يار ويندس، مري آخر تنهنجي در تي مان ويندس
سڪايل ساه منهنجو آه سدائي، وٺي ٿي ڪانه توريءَ ٻي ڪا وائي
توکي ساريان پيو هر دم سنياريان، دما دم روز شب گونڊر[٥] گذاريان
آهيان سائل سهڻا تنهنجي مان در جو، آهيان دايو مان دلبر تنهنجي در جو
تون سائين منهنجو آءُ تنهنجو سپاهي، تون آهين نورسري سرالاهي
تون سائين منهنجو آءُ نوڪر نماڻو، وتان تولئه تنهنجي در تي وڪاڻو
پوندو ٻاجهه منهنجي دوست دلبر، ڪندين ڪو قرب پنهنجو مون سان رهبر
ڏيکاريندين بقا جو ماڳ مانکي، لائيندين ڪو لاحد جو لاڳ[٦] مانکي
اڏاري عرش کون مانکي ڇڏيندين، رهبر تي راز ۾ مانکي رنگيندين
منجهيل جي ماڙ[٧] ڪر تون يار منهنجا، رليل جي راه ڪر اغيار[٨] منهنجا
درد جي دام ۾ ڦاسي پيو هان، بنان توريءَ يار ٿيو هان
فراقن جو ڦٽيل گهايل آهيان، وڇوڙي جو وڍيل ماريل آهيان

---

[١] عاشق. [٢] اصل کان. [٣] اڳواڻ. [۴] ڳانڍاپو. [۵] ڏک غم. [٦] سڪ. [٧] واهر.
[٨] غير جو جمع.

اڏاري هرش ڪان اڳتي ولي وڃ، پڄائي خيال عاشق جو اُتي وڃ
ٻلا سهڻا مون سان ڪر مهرباني، توتي آهي سدا راز رباني
ٻلا سهڻا مون سان ڪرڪا ستاري[١]، آهي شب روز مونکي انتظاري
ڳچيءِ ڳل پاند پايان يار ڳاري، تنهنجو درسن مونکي آهي درڪاري
تنهنجي درسن ڪيو مونکي ديوانو، تنهنجي ديدار لئہ آهيان مستانو
نٿي ڄاتم تہ اهڙو ڪو مچ ٻرندو، سدائين سوز ۾ منهنجو ساه سڙندو
نٿي ڄاتم تہ اهڙو ڪو ڏکہ پسندس، جدائي جي درد ۾ دک ۾ پوندس
هلي آءُ تون منهنجا دلدار سائين، ڪري ڪو رحم آءُ دلدار سائين
جيئن رانجهن ڇڏيو تخت هزاري، پائي ڪفني[٢] گداگر ٿيو ويچارو
ڇڏي ملت[٣] ڪليئي هير ساري، رانجهن رانجهن ڪندي وتي ويچاري
ننڪاوت نيهن شرم سڀ ساڙيس، رانجهن پنهنجو الستي قول پاڙيس
ستي سانگو چڙهي ڏک عشق ماڙي، ڪپي پڇتي پڇون چوڙيس پڇاڙي
رانجهن سائين هلي آيا هزارون، ڏس ديدار دلبر دا خمارون
سڄڻ سائين تنهنجي دردن ڦٽيو هان، سدائي تنهنجي سورن ۾ سٽيو هان
ڪڏهن مون وٽ سڄڻ تون يار ايندين، اچي هي حال منهنجو يار ڏسندين
هلي آءُ تون پرين مون وٽ پيارا، ڏسان تنهنجا سڄڻ نوري نظارا
ڪڏهن منهنجي اڱڻ تون تور تلندين[٤]، اچي مون سان سڄڻ هيڪاندو[٥] ٿيندين
اچي مون سان سڄڻ هڪ ٿي هيڪاندو، بنا توريءَ آهي مشتاق ماندو
ڪڏهن ملندين مون سان تون يار اغيار، مٺا محبوب جانب دل مٺين هار
سندي ڏس الفراق[٦] جو اشارو، اهو سرور سند و سخن سچارو

. مهرباني. ٢. الفي ڪيڙو ڪهڙو. ٣. جماعت. ٤. ڪهمندس. ٥. گڏ. ٦. جدائي.

اشد آهي هنئين ۾ حب تنهنجي، ڏاڍي آهي اندر ۾ طلب تنهنجي وٺي ٿي ڪانہ توريءَ يار وائي، تنهنجي آهي مونکي سڪڙي سدائي مونکي سائين وڇوڙي ۾ نہ مارج، مونکي سائين جدائي ۾ نہ ساڙج منهنجا سائين مونکي ڪر پرين تون پنهنجو، بنان توريءَ آهي جالڻ اهنجو اچو تنهنجا پور مون پلپل پون ٿا، اندر اڌمان اچو مون ڏکہ ڏين ها ڪيو ڪا فيض جي رهبر رساني، پيالو پرت پياريو جاوداني[1] هيڪر توکي ڏسان جي يار دلبر، ڪيان سر صدق تو تئون يار سرور سچڻ توکان منگان ٿو نہ ملڪ[2] مايا، نڪي ٻيا هن دنيا جا مونکي رايا[3] نٿو گهرجي جنڻ هت يار مونکي، نٿو گهرجي رهڻ هت يار مونکي منگان ٿو يک پيالو مئي محبت، شراب شوق صافي صاف صحبت پياريو جام وحدت جو ڏيو هشياري، بقا باقي بره جي ٿئي بيداري ڪريو آزاد دل منهنجي سدائي، ڏيکاريو راهہ رهبر مون خدائي سدائي شوق ۾ هر دم هجان مون، سدائي ذوق ۾ دائم رهان مون پنهنجو ديدار ڪر بخشيش مانکي، سدا اسرار ڪر بخشيش مانکي ڪريو ڪا راز جي رهبر هدايت، ڏيو ڪا عشق جي مونکي امانت سدائي منجهہ نشي مخمور[4] ٿئيان، پيالو بيخوديءَ جو يار پيئان پيلا ڪو بيخوديءَ جو جام پياريو، وهم ڪليءَ وجوداً ٻيو وساريو ڏيکاريو راه رنديءَ جو ڪو چارو، وڃي عرشين تري عاشق اوپارو پسي پنهنجو ماڳ ٿي خوشحال سارو، اڏي پنهنجو اتي عاشق اوتارو تنهنجا لائق لکين پيو يار ڳايان، تنهنجون راهون ٿو رهبر نت[5] نهاريان

---

[1] هميشگي وارو. [2] حڪومت، دولت. [3] خيال. [4] نشي ۾ گم. [5] هميشہ، سدائين

اوڏاهان ڪانگ توليءِ يار توليءِ، ڪيهان ريهان ڀُڪاريان يار توليءِ
ناهي آرام ڪو منهنجي اندر کي، اچي ڪو ڏيو دلاسو هن نڌر کي
بره بيمار ڪيو آهه ساهه منهنجو، اداسي ٿيو آءِ ارواح منهنجو
مرض محبت جي مونکي آهه ماريو. ڳاراٽي ڳالهه جي مونکي آ ڳاريو
محبت جو مرض بلڪل ڏاڍو ڀاري، سڪي ٿو ساهه روئي دل ويچاري
ويڇوڙي جو مونکي آهه ڪان ڪاري[1]، جدائي جو جگر ۾ آهه جوش جاري
مرض محبت جو بيحد آهه مشڪل، دوا ديدار جي آهي سا[2] افضل
ڦڪي[3] نه فرق ڪري ٿي يار توريءَ. جهوراٽي تنهنجي جهوريو آهي جهوريءَ
مرض محبت جو ڏاڍو آهه اعليٰ، ڪيون دم دم ٻچي ٿو نيهن ڀالا
سڄڻ عاشق سندو هي حال آهي، جيئڻ توريءَ جانب جنجال آهي
مرض محبت جو ويڙهي دل کي ويڙهو، سانول صحبت تنهنجي جو پيچ پيڙو
دوا هن درد جو ديدار دلبر. شفا هن مرض جو جنسار دلبر
طبيان ڪولي سوين حڪمت هلائين، دوا دارون لکين ڪوڙين چلائن
ٻجي سب ويڄ[4] ويا آثار ناهي، ڇپائون عشق جو آزار آهي
دوا دلبر بنا ڀيو ڪير ڄاڻي، وصل جي موج عاشق شالا ماڻي
دوا دلدار رِيءَ ٻيو ڪير ڄاڻي، وصل جي موج عاشق شال ماڻي
شفاخانو مريضن جو سڄڻ آهه. عطا خانو غريبن جو ڏولڻ آءِ
نظر جنهن جي آهي ڪيميا سعادت، مهر تنهنجي آهي عين عنايت
سندس ديدار مون اڪسير[5] آهي، سنکيو پارو سيو تاثير آهي
نظر جنهن جي ڪري ڪک پن کي چاندي، الهيءَ درسندي آهيان مون باندي

---

١. ڏکوئيندڙ. ٢. اڄي. ٣. دو دارون. ٤. طبيب. ٥. ٽامي کي سُون بنائيندڙ دوا، ڪيميا، نهايت مفيد.

ڪروڙين سون جون ڪنڊيون پيدا ٿين، جڏهن نظر ڪري نرتيان نهارن
نظر پرين سندي آءِ نورائي، ڪري چاندي تي لوهي ڪي عياني[1]
سوين من سيهي جا توڙي رُڪ جا هجن، نگهه هڪ ساڻ سيئي ٿا سون چون
توڙي قلعي توڙي هجي جست جنس، سيئي ٿين سون صفرو[2] هر جنس
توڙي ٽامون پتل کي ڪَٽُ هجي، توڙي ان ڪان جنس ڪا گهٽ هجي
پري جڏي جام وحدت جو پيارن، ڪري سڀ سون عرشن تي آڏارن
اهڙي ڪيميا مونکي ڪاٿي نه ملندي، ڪري سڀ سون ڪک پن کي ڇڏيندي
اهڙي اوستاد کي ڪاٿي ڇڏيندس، اهڙي دلدار سان هردم مان هوندس
اهڙي سرتاج کي ڪاٿي ڇڏيندس، پيالو بيخوديءَ جو پرُ پيئندس
اهڙي دلدار سان مان چونه جاليان، سدا چونه روح پرور وٽ مان پاليان
اهڙي مالڪ سان مون شل گڏ گذاريان، وڇوڙي جون ڪليءَ شال وايون واريان
اهڙي رهبر سان مون شل ٿيان هيڪاندو، بنا جنهن جي آهيان مون هتڙي ماندو
سڄڻ تنهنجي آهيان در تي سوالي، طهورا[3] جي پلايو ڪا پيالي
ڏيو ڪو جام وحدت جو عاشق کي، ڏيو ڪو عشق عبرت جو عاشق کي
ڪوليو ڪو راز پنهاني[4] عطا ڪيو، ڏيو ڪو شوق سبحاني عطا ڪيو
وصل جو جام وارث مون پيارج، صدقو پنهنجي سر جو عاشق جيارج
بنا ديدار جي آءِ مشتاق ماندو، پچر پرين جي ڪون ناهي وار واندو
سدائي ساه صحبت ليءِ سڙي ٿو، سدائي روز شب روحا رڙي ٿو
ڪٽي خنجر ڪهڻ جي ليءِ ڪتاري، ٿيان قربان صدقي سئو واري
اڏيءَ تي عاشقن جو سر آهي، ترسڻ تن جو ذرو هڪ ٿر ناهي

---

١. ظاهر. ٢ صاف، نج. ٣. پاڪ شراب. ۴. لڪيل راز.

Scanned by CamScanner

ڪرڻ ايثار[1] جند آ جان ساري، تڏهن بلڪل عاشق جي آء بهاري عاشق هردم آهي تنهنجو سوالي، موالي آه موالي، آه، موالي سڪان ساريان ٿو توليء يار هر دم. ڪڏهن مونسان اچي ٿيندين تون همدم ڪيون سڏڙا پوڪاريان يار توليءِ هنجون[2] هاريان نهاريان يار توليء اکن ڪئون آب ٿيو آء يار جاري، وڇوڙي جي بلا ڏاڍي آه باري هلي آء تون منهنجا دلدار جانان. تنهنجي محبت ڪيان آهيون ديوانا سڄڻ قدمن تنهنجي جي مان خاڪ آهيان. حجت توساڻ ڪهڙي مان هلايان جهڙو تهڙو پُڪي تنهنجي پيو هان. لنڌر ناڪس تنهنجي نالي ۾ ٿيو هان ڪيو فائض عاشق ويچارو. پسي هردم تنهنجو نوري نظارو بيا ساقي شراب[3] روح پرور. ڪنم خود روح درحق ذات پرور الدر منهنجو پنهنجي سڪ سان صفا ڪيو. نباهڻ نيهن جي وه وه وفا ڪيو ڪوليو ميخانو سارو سرنهاني[4]، نشو ٿيء نيهن جو غالب مداني ڪيو اوهين پنهنجي عاشق تي عنايت. ڏيکاريو ملڪ بقا جو مدامت رڙي روئي فڪر ۾ آ فراقي، ڪڏهن ٿيندين تنهين سان تون ملاقي جيئن بلبل گلستان ۾ پڪاري، تئين عاشق توکي ساري سنياري ڏسان تنهنجو حسن سهڻا هزاري، آيو آء داغ لالاکي[5] بهاري بنفشه ياسمين توڙي گل هجن، سنبل نرگس سوين توڙي قل هجن سڄڻ سائين مون تي هردم عطا ڪيو. درسن ديدار پنهنجي جي سخا ڪيو سدا شل عشق سان هوندين يار قائم. سدا آباد هوندين يار دوست دائم سدا خوشنود هوندين يار خوشتر[6]، سدا مخمور هوندين مست[7] مهتر

---

١. قرباني. ٢. ڳوڙها ڳاڙڻ. ٣. اچ اي روح کي خوش ڪندڙ شراب پيارينڌڙ مان پنهنجو روح حق جي راهه ۾ گم ڪيم. ٤. لڪل. ٥. گُلُ. ٦. تمام خوش. ٧. متوالو، وڏو بزرگ، وڏو سردار.

Scanned by CamScanner

سدا آباد هوندو خيال تنهنجو، محبت موج ۾ احوال تنهنجو
سدا آزاد هوندو ارواح تنهنجو، سدا روشن رهبر هوندو راهه تنهنجو
سدا هوندءِ عليءَ جا هٿ مٿون، ڪندءِ پنهنجو ڏيندءِ شل جام دستون[1]
سدا آباد هوندين يار جانا، سدا وسندا تنهنجا پيا تڙ ميخانه
سدا وسندي توتي پئي يار رحمت، پسندين ڪونڪو پيو ضعف[2] زحمت
سدا آباد هوندين يار پيارا، سدا دل شاد[3] هوندين نور نيارا
سدا اقبال هوندءِ بخت عالي، سدا بيخود هوندين تون يار بالا
سدا دلبر هوندين تون دل يگانو، سدا آباد هوندءِ يار خانو
سدا واصل هوندي توکي ولايت، پسندين ڪانڪا قبر قيامت
سدا باقي بقا ۾ يار جاني هوندين، سدا صوفي صفا صفائي ۾ يار هوندين
سدا توسان عليءَ جو راز هوندو، همت تنهنجي سدا شهباز هوندو
سدا تنهنجي مدت شه پيرپيران[4]، سدا ڏيندو تنهنجي دل کي سڌيران[5]
نظر عاشق سندي سائين رکو ڪا، نمائي نڌر تنهنجي ور ڪيو ڪا
ميرل منگتو آهي تو در سوالي، ڇڏيو مسڪين کي بلڪل نه خالي
ميرل مسڪين تنهنجي در گداگر، نڌر ناڪس نمائو آهه احقر
پرتو آهي توکي ساجن سدائي، توريءَ ناهي ويچاري جي واهه ڪائي
اچي رهجي منهنجي شل يار توسان، بره وارا سيئي هن بار توسان
ميرل جي ٻانهن پرتي يار توسان، سدا ديدار تنهنجو يار توسان
قتل جي ڪار ڪرڪا تون يار ڪائي، شهادت تو هٿون آهي پلائي
تنهنجو مشتاق تولئي هي رڙي ٿو، تنهنجو عاشق توليءَ سڪ ۾ سڙي ٿو

---

١. پنهنجي هٿن سان. ٢.هيڻائي، تڪليف. ٣.خوش دل. ٤.سيد عبدالقادر جيلاني رحه پيرانِ پير. ٥. هوشياري.

آيو شه عشق سائين منهنجي اوتاري، ڇڏيائين وهم غم ٻيا سڀ گذاري
آئي شه عشق جي سرتي سرهائي[۱]، ڪاليائين دم هڪي ۾ گمراهي[۲] آئي
آئي شه عشق جي تيزي ستاري، رهي دائم سدا بيخود بهاري
سدا شه عشق جو آءِ خيال قائم، سدا شه عشق جو آءِ ماڳ[۳] دائم
سدا شه عشق جو آءِ خيال سارو، سدا شه عشق جو آهه نوري نظارو
سدا شه عشق جو آءِ تاج قائم، سدا شه عشق جي آءِ ٻاجهه دائم
سدا شه عشق دا مسلم ستارا، سدا دائم وڄي نوبت[۴] نغارا
سدا شه عشق جو آهه حال حاضر، سدا شه عشق هردم آهه ناظر
سدا شه عشق جو آهه حال باقي، سدا شه عشق هردم آهه ساقي
سدا شه عشق جو آهه خيال پاڪي، سدا شه عشق اصل آهه عشاقي
سدا شه عشق جي آهه پرت پياري، سدا شه عشق جي آهه ڳالهه ساري
سدا شه عشق جي آهه بات باري، سدا شه عشق جو آزار جاري
سدا شه عشق جي آهي هدايت، سدا شه عشق جي آهي عنايت
سدا شه عشق جي آهي عبادت، سدا شه عشق جي آهه طلب طاعت[۵]
عمر ساري مون غفلت ۾ گذاري، شڪر الحمد تو منهنجي دل اُجاري
ڪماير ڪينڪي ڇا ڇٽي ٻڌايان، ڪولي ذڪر توڪي ڪهڙو ٻڌايان
مٺي دل ڪي اچي جالب جياريو، پيالو بيخوديءَ جو يار پياريو
تنهنجو دائم هجان شل يار نوڪر، تنهنجي در جو رهان شل يار چاڪر
تنهنجي در تي مان خادم تي گذاريان، اڳڻ تنهنجو اکن سان مان ٻهاريان
آهيان بيڪار بيحد ڪم ڪمتر، سائين تنهنجو فيض اعليٰ آ ٥ بهتر

۱.خوشي. ۲. ڀٽڪڻ. ۳. هميشه واري جاءِ. ۴. ڏمال. ۵. بندگي.

سائين سائل تنهنجي قرب جون ڪهون ڳالهيون ڪريان، هزارين لک تنهنجا ٿورا ٿو ڀالبان
آيو سائل تنهنجي در تي سوالي، مهرائي منگتو[1] مهرل موالي
هٿين اچي سٌڻين[2] سائل تنهنجي سرجي، اصل ڪون طلب الس تنهنجي در جي
چوري چنگ کي جان عاشق آه چوريو، ٻڌو عاشق سندو يار معشوق پورهيو
رکيا ۽ ساز ۾ تند تار توهين، ملائي سر ڪهيائين[3] توهين توهين
ڏنائين سرود کي اعليٰ اشارو، ٻنڌو الهام عاشق ڪيو پسارو
ڪري آواز ٻڪدل ٿيو يڪالو، سدا سر جو هنيائين ترت طمنو
چاڙهي چنگ چوٽ ٻيجل ويهي ٻاڪاريو، ڪري سر ساز کي طالب تنواريو
تنبي ۾ تار تولهين تون وڌائين، سيئي سڪ سوز جا سخن چيائين
ملائي تند جان ٻيجل ٻرائي، انا احمد[4] ٻلاجي وات وائي
آيو منگتو ڪٽي پنهنجو ساز سرندو، صدا ڪيون سر جي ٻيجل پيو پرلدو
ڪيو منگتو هي منگتهار راضي، ڳائي تنهنجي سدا پيو سرفرازي[5]
ڏيو ڇڪو دان داتا تنهنکي اهڙو، ڏسي عالم عجب ڪري تنهنجو ڪهڙو
ٿيءُ مشهور داتا جي سخاوت، ٿيءُ اظهار عارف[6] جي عنايت
جڏهن تنهنجي ياد مونکي صحبت پوي ٿي، اندر مون دانهن دم دم دل ڪهي ٿي
مثل محبت تنهنجي مانکي ٿي ماري، سڄڻ صحبت تنهنجي مانکي ٿي ڳاري
وصف تنهنجي چوان مان يار ڪيهي، عجب تنهنجي رمز آه دل ريهي
عطا تنهنجي لوازش جي چوان ڇا، عجب تنهنجي ستائش[7] جي چوان ڇا
صف تنهنجي ثنا کان ٻي ثنا هي، عطا جو بحر تنهنجو بيڪران[8] هي
مون سان ڪرڪا وفا جي مهرباني، مون سان ڪر ڪا بقا جي رازدالي

---

[1] پينار. [2] صدا. [3] چيائين. [4] مان احمد آهيان مير جي ڪري. [5] ڪاميابي.
[6] معرفت وارو. [7] تعريف. [8] چوليون هڻندڙ سمنڊ.

تنهنجي آباد ڪيو آه عشق مونکي، ٻڌايان حال ٻيو مون يار ڪنهن کي
بنا توريءَ آهي سارو ملڪ ويران، پسي توکي ڪيان جند جان قربان
جدا توريءَ آهي منهنجو حال ڪهڙو، جيڻ جانب آهي جنجال جهڙو
وڇوڙو آه مون لئي قيامُ[1] ڪاري، برھ جو بار آه بلڪل باري
مونکي آهي هدايت عشق تنهنجو، مونکي آهي عنايت راز تنهنجو
بنان توريءَ عمر آهي اجائي، محبت تنهنجي آهي مَٽ[2] ڪل منجهائي
بچڻ ڪونهي منهنجو پرين پڄاڻا، وڃي ملندس ڪِ مرندس نڄاڻان
ڪسي دل دوست ويٺين تون دٻائي، ڦريل عاشق تو ٻاڏايون ٻاڏائي
مونکي محبت تنهنجي جو مرض آهي، هٿون تنهنجي شهادت غرض آهي
وڇوڙي جون ڪڏهن ويندیون شل وايون، وصالئون ڪٿن وري ايندیون واڌايون
سدا شه عشق[3] جو آه گنج عالي، سدا شه عشق جو آهي برھ بالا
سدا شه عشق ۾ حاضر هجان مون، سدا شه عشق ۾ ناظر هجان مون
سدا شه عشق ۾ باقي هجان مون، سدا شه عشق ۾ پاڪي هجان مون
سدا شه عشق جي ناهي نهايت[4]، سدا شه عشق جي آهي امانت
ملي شه عشق جو پرتيون پيالو، شل ساقي ڪري منهنجو سنيالو
ملي شه عشق جو ڪو جام تي جام، پوي شه عشق جو ڪو دام تي دام
روئي روئي جانب پنهنجو جيءُ ڳاريم، بنان توريءَ وهم ٻيو ڪل وساريم
محبت مچ ٻريو جنهن جي اندر ۾، آهي سو روز شب غازي گوندر ۾
محبت جي ٻاھ بالڪل آهي باري، روڻ شب روز هئي هئي زار زاري
محبت جي مام محڪم جن ملي آه، تني کي رمز الستي رلي آه

---

[1] قيامتي. [2] عقل. [3] عشق بادشاھ. [4] پڄاڻي.

محبت جي مام جنهن کي آه ماريو، ٻيو خطرو الهيءَ جو ڪل واريو
محبت موج ۾ سالڪ[١] سدائي، ڏئي سر پانهنجو ڪن ٿا سچائي
محبت موج کي سالڪ سڃاڻن، ڏئي سر پانهنجو نت موج ماڻن
محبت موج ۾ دائم دلاور[٢]، هڻن ٿا نيهن نعرا سي بهادر
محبت موج ۾ عاشق اداسي، ڪرڻ سر گهور سي پلپل پياسي
محبت خيال رکہ قائم قديمي، الستي خيال سالم رکہ سليمي
محبت ماڳ جو رکہ تون سنڀالو، وجوداً واه واصل ڪر وسارو
محبت مول[٣] عاشق آه سڻ تون، ڪري وارو وڌائي، وکہ کڻ تون
محبت ريءَ نہ آهي واه ڪائي، محبت ريءَ نہ آهي راه ڪائي
محبت ۾ ٿا عاشق سر گهورن، ٿين قربان تونهين تند چورن
محبت ۾ سدا عاشق جلن ٿا. سدا الهيءَ پرت ۾ پياسي پلن ٿا
اصل عاشقن کي ناهي سر لڪائڻ، اڏيءَ تي عاشقن کي آه سر ڪپائڻ
ڪپائي سر ٿيا ياقي يگانا. سدا موج محبت ۾ مستانا
ڪسڻ ريءَ ڪم ڪولهي عاشقن جو، درد ريءَ دم ڪونهي سالڪن جو
فنا ٿيڻ فرض جيري آه جنين کي، نڪو ڪو غرض ٻيو آهي تنين کي
فنا[۴] في الله عاشق ٿيا ويچارا، بقا بالله جا ڪلين نظارا
موتوا قبلل جنين جو مرڪ آهي، تنين سان ڪونڪو ٻيو فرق آهي
موتوا قبلل جيئري جن ڪئي مماتي، ٿيا سي سر الاهي عين[٥] ذاتي
اڏامي عرش کان اڳتي لنگهي ويا. سدا وحدت ۾ دل پنهنجي ونگي ويا
مري جيڪي جئري عاشق ٿا جيئن، هميشه آب حيات[٦] ٿا پين

---

١. صوفي طريقي جون رمزون ڄاڻيندڙ. ٢. بهادر. ٣. بنياد- مقصد. ۴. الله جي محبت ۾ پاڻ مارڻ. ٥. خالص شخصيت. ٦. حياتي بخشڻ وارو پاڻي.

Scanned by CamScanner

جنين کي خيال باقي آه بقا جو، تنين کي ذوق هردم آه لقا جو ريا وحدت واهيري تي اڏامي، وڃي بيرنگ ٿيا دائم مدامي رنگيا وحدت ۾ اوهي مرد مانجهي[١]، اٿي ويڙا جتي صبح نه سانجهي پسي او ماڳ ٿيا خوشحال سيئي، لنگهي وحدت ۾ ويا بيحد ۾ پيهي پسي بيحد کي سامي ٿيا سي سرها. ٻڌن ٿا ڪين ڪي ڪنهنجا ٻيا ڪنرا ويا متي ماڳ جي سي مرد ميانون. ٿيا آزاد سي جوڳي جهانون پيرڻ پور ڪو پوُرب[٢] وڃڻ جو، پيرڻ پيچ ڪو پِر جي پسڻ جو وڃي پورب ۾ جوڙيائون آستانا. ڪري وينا اتي عاشق آشيانا سفر سامن سدا پورب جو آهي، لاڳاپا لوڪ جا لاشڪ ويا لاهي سدا سامي سفر پورب پچائن. بنان پورب جي وائي ڪل وارن سدا پنڌ پيچرا پورب جا ٻولن. الستي راز جا دفتر پيا کولن توهين تون تار هردم تند چورن. ڪپي سر پانهنجو گهوريون پيا گهورن سدا جوڳي رهن سج ۾ سنياسي. بقَا[٣] بالله جي تن باس[٤] باسي سدائي جوڳ ۾ جوڳي رهن ٿا. پيالا بيخوديءَ جا پر پين ٿا جڳائي جوڳ جوڳن کي سدائي، اٿن شب روز پورب وات وائي اليئي پهر پياسي هن وطن ٿي، اداسي هن سدا ملڪِ امن لئي وڃن هنگلاج ٿا شب روز ڪاميون. لاڳاپا لوڪ جا لاهوتي لايون فدا ڪيا فڪر پورب جي پياسي. تڳا توڙي هليا سيئي مناسي سچي گر جي ٻڌائون بات ڪائي. تياڳي[٦] هليا پرم[٧] پولا سي جائي سچي ستگر ڪين ڪرپا[٨] سچي ڪا. سچي سامن متؤن رنگنان[٩] ڪا رچي سچي رنگڻ سچي ستگر جو چاڙهي. الک[١٠] جي اوڙ[١١] گرو[١٢] سامن کي پاڙهي

---

١. سورهيه [illegible]دار. ٢. اصل ماڳ. ٣. الله باقي. ٤. ڳالهه ٻڌائي. ٥. هندو فقيرن جو مع (السيلا بلوچستان). ٦. تارڪ فقير. ٧. وهم وسوسا. ٨. دعا. ٩. رنگ چڙهيو. ١٠. الله ڏٺي. ١١. ست، سبق. ١٢. مرشد.

Scanned by CamScanner

الف الک ويراڳن جي آهه من ۾، ڏنن ستگر سچي کا کوک کن ۾
سچي لنؤن سبد[1] جي ڏن ۾ رکياءِ، الکه عادي سدا لنؤن سان لکيا[2]
سدا لنؤن ۾ سناسي لين آهن، کميا[3] بندگيءَ ۾ آدتن آهن
امر جو ملک سندن آستانو، ديکياءِ ماڳ پنهنجو نئين ميخانو
اڌر تخت سندن آهي اوتارو، کلين پورب سندو نرتيون نظارو
ويراڳن ونجهوڳ[4] کي ساڙي ڇڏيو آ، سناسن سنجهوڳ[5] جو پرو پيو آ
لنکهي لاهوت ويا سامي سنياسي، سدا خوشحال ٿيا پورب پياسي
ڏسو بندگي بيراڳن جي عجب آ، مرڻ جٺري سندن مطلب اهو آ
فنا ٿين فکر[6] ۾ فاني فنا سي، بقا ٿين ذکر ۾ باقي بقا سي
نفي ناسوت کري نانگا هليا ويا، الستي راز سان رهبر رليا ويا
ماٺي ملکوت کي جبروت لنگهيا، لاهوتي لعل سي وحدت ۾ ونگيا
لنگهي فلکوت کون اڳتي هليا ويا، جباري جوش ۾ جوڳي جلي ويا
ٻيئا باهوت ۾ وڃي کين سامي، کياءِ عشق پنهنجي جي امامي
ڏناءِ کونکو هرگز پيو چارو، چڙهيءَ سوريءَ مٿي مارياءِ نعرو
کري شمشير[7] هٿ ۾ لاجي کاتي، ويراڳن وجد ۾ پاتي آهه جهاتي
دمادم جوش جذبا سر تي آين، الستي رمز جا سر راز آين
مارن نعرا حقي حق جا مدامي، مليو آهه عشق عاشقن کي انعامي
پسي قلزم پيهي پيدا نه ٿيڙا، وڃي داخل بقا جي ملک ٿيڙا
هٿن نعرو انا الحق جو سي عاشق، رکن خطرو نکو پيو مرد عاشق
ٿين منصور سوريءَ تي چڙهن ٿا، سدائي گيت انا الحق پڙهن ٿا

---

١. اندرين آواز جيکو مريد، مرشد جي ورد کمائڻ سان بيرنگ ۾ ٻڌندو آه
٢. سمجهاڻون. ٣. صبر کياڻون. ٤. جدائي. ٥. ميلاپ.
٦. صوفي اصلاح حق جو مشاهدو کرڻ. ٧. تلوار.

اصل سينگار سوري جن جو آهي، لاڳاپا لوڪ جا ويا لاسين لاهي
چڙهيءَ سوريءَ مٿي معراج ماڻن. السٽي راز ڪي ڄاڻيون تا ڄاڻن
سوري سامن سندو معراج آهي، اصل اهيو عاشقن جو ڏاج آهي
دمادم روز شب سوريءَ چڙهن ٿا. ڪڏهن سي ڪين ڪي باڪا[١] مڙن ٿا
چڙهيءَ سوريءَ تي نعرو هڻن ٿا. ڏسو عاشق جو اوڀارو وڃن ٿا
اصل عاشقن کي سوري تي سينگاري، چڙهي نيزي تي ٿيا نيهن جي نظاري
نظارو نيهن جو عاشقن تي آيو. وسارڻ وجود سالڪن تي سعيو[٢]
نغارو نيهن جو دم دم ٿا مارن، سوريءَ تي سير جي هردم پچائن
سدا سڪ ۾ ٿا جوڳي جيءَ جلائن. خوديءَ جي خيال کي ڪاهوڙي[٣] ڪائن
رهن سڪ ۾ سدا سنرا سناسي، پسڻ ليءَ پرين جي آهن پياسي
لاهي سر جو سانگو هليا سناسي، وڃي سي ديسُ[٤] اگم جا ٿيا واسي
سدا سامن صفائي آه اندر ۾. ڏيو ڪرڪيان[٥] جو ٻارن مندر ۾
ڪري يڪ خيال يڪدل ٿيا يگانا. ڇڏي ٻيا خيال رهبر ٿيا روانا
لاڳاپا ويا لاهوتي سڀ لاهي، مٿي هاهوت جي ڪامل ويا ڪاهي
مرڻ جيئڻ کون سي آزاد ٿيڙا. پري پنڌ پرت پورب جي ۾ پيڙا
لڳي تن پرت پورب جي پياري، سدا سر گھورڪن وارڻ واري
گھوري سر پانهنجو عاشق ادا ڪن. وڍي ڌڙ سريءَ کان جڙي جدا ڪن
قتل ريءَ ڪار ٻي تن ڪانڪائي، وصل ريءَ حاڄ[٦] ٻي تن ڪا نڪائي
فراقن ۾ سڄڻ ڦٽجي پيو هان، ڏولاون ۾ سڄڻ ڏڪجي پيو هان
وڇوڙي ۾ مٺل وڍجي پيو هان. جدائيءَ ۾ جانب جڪجي پيو هان

---

١. دلير. ٢. [illegible]سنبت. ٣. ڪوڃنا ڪنڌ. ۴. اصلي مالڪ جو مُلڪ، مقام حق. ٥. مرشد جي سبق [illegible]و ڏيو. ٦. ضرورت.

وڇوڙو آهه مون ليءِ قيام ڪاري، جدائيءَ جو قلب[1] ۾ ڪان ڪاري
اچي ڏاڍو وڏو تي مار ماري، اچي ڏاڍي ڪٺي تي دامدار
قاسائي مرغ دل جو يار ورتيءَ، نماڻو هي نڌر هاڻي يار پرتيءَ
فڪر ۾ فيض وٺ **فائض فياضي**، ذڪر ۾ ذوق وٺ شائق شهبازي
فڪر ۾ يار کي ڳولي لهج تون، سختيون اهي سور سڀ سر تي سهج تون
شڪر الحمد لله پڙهج تون، محبت موج ۾ سالڪ سڙج تون
سدائي مچ محبت ۾ سڙج تون، سدائي قرب ڪيچيءَ ٿي ڪڙهج تون
سدائي راهه ورتيون عاشق رڙ تون، سدا سوره سوريءَ جي سر چڙهه تون
سبق سڪ سوز جو دائم پڙهه تون، سدا سوره سوريءَ جي سر چڙهه تون
محبت موج ڏنهن ميرل نه مڙ تون، سبق سڪ سوز جو دائم پڙه تون
پيالو بيخوديءَ جو پرتيون پيءُ تون، حرف سبحاني اعظم شاني پڙه تون
موتوا قبلل جيئري مري جي تون، سچائي اصل ساڳو سر ٿي تون
فڪر ۾ خيال عاشق رکه تون سارو، دمادم نيهن جو پس تون نظارو
اٺئي پهر ذڪر فڪر ۾ ره تون، اهيئي سختيون سور سڀ سر تي سهه تون
فڪر ۾ خيال پنهنجي کي غرق[2] ڪر، درس ديدار دلبر جو درڪ[3] ڪر
فڪر ڪر يار جو ٻيو ڪل وساري، ذڪر ڪر يار جو تهدل[4] تنواري
فاذڪروني اذڪرڪم جو اشارو، هوالحبيب الذي وارو نظارو
فڪر ۾ تي فدا تون يار جاني، اصل آهين تون لالن لامڪاني
ڪري اولو[5] صفت ۾ يار آيو، انا احمد بلا ميمين ڪهايو
سوين سهڻا تنهنجون قدرتون آهن، هزارين هوت تنهنجون عبرتون آهن

---

١. دل. ٢. گم ڪر. ٣. معلوم ڪرڻ. ۴. دل جي گهرائي.
٥. انساني صورت جي اوٽ ۾.

مهر ڪر يار مون تي محب منور، نظر ڪر يار مون تي دوست دلبر
بنا توريءَ آهي منهنجو حال ڪهڙو، ناهي ظاهر قصو ڪو چوڻ جهڙو
سڄڻ توريءَ نٿو ٿيءَ شب گذارو، مثل مشتاق جو ڪرڪو سنيارو
ڇڏي ڇو رنج ۾ عاشق هليو وئين، وڃي تون ديس تي ساجن سڪيو ٿئين
ڏکن مونکي ڏني آهي ڏيکاري، آهي فرياد دم دم آه زاري
چوان ڪنهنکي اندر جو[1] حال کولي، رلائي رمز رهبر وئين جو رولي
پيچو ڪيئي ڪونه ڪو عاشق پنهنجي جو، ڪهڙو آ حال توريءَ تنهنجي عاشق جو
رولي وئين مونکي ڪري بيگانو، ڏسي وئين ڪينکي پنهنجو ميخانو
ڪري عاشق آهون تنهنجي اچڻ لئي، ڪري دردئون دانهون تنهنجي ملڻ لئي
پنهل پرڏيهه ۾ رولي هليو وئين، گڏيون گولي نه پنهنجي ساٿ وئين
پليءَ پئي هيءَ پوڪي تنهنجي نمائي، تنهنکي ڪٿن ڇڏيءَ ڇاٽي سڃاتي
بنان توريءَ تنهنکي ٻي[2] واه ناهي، بنان توريءَ تنهنکي ٻي راه ناهي
توريءَ ڪيهان ڪوڪان ڪري ٿي، توريءَ ريهان ڪيون سڏڪا ڀري ٿي
توريءَ دانهون ڪيون دردئون رڙي ٿو، توريءَ آنهون ڪيون سڪ ۾ سڙي ٿي.
هلي آءُ تون ويچاريءَ جا وسيلا بنا تنهنجي ڪهڙا هن حال حيلا
هلي آءُ تون منهنجا سردار سائين، هلي آءُ تون منهندار[3] سائين
هلي آءُ تون منهنجي جيءَ جا جياپا، توريءَ ناهن منهنجا هٿ سنگَ سياپا[4]
هلي آءُ تون منهنجا محبوب معظم، هلي آءُ تون منهنجا معشوق مڪرم
پيا هن نيهن جا ڪي نيل مانڪي، ڇپيا هن سڪ جا ڪي سيلهه مانڪي
ٻڇا هن بان مونکي بره باري، لڳا هن قلب ۾ ڪي ڪان قهري

---

[1] طالب [illegible] الله جي ذڪر فڪر ڪندي بيخوديءَ جي حالت ۾ اچي ويندو آهي ته ان حالت کي "[illegible]" چئجي ٿو. اما حالت جي سدائين رهي ته ان کي "مقام" چئبو آهي.
[2] آسرو، رسنو. [3] اڳواڻ. [4] ناتا رشتا. [5] بزرگ، وڏو.

چٽا هڻن تيز تفنگ ليهن ليزا، ڪرن ٿا عاشق جو خون[2] ريزا
ڪيڏي سيفان[1] ڪري هٿ يار خالي، ڏسو دلدار جي اها عجيب چالي
بندوقان بره جون بيچي دوناليون، ڏسي هاٿي ڏياري ٿو بره ٻاوليون
ترارين طمنچا ٿو يار ماري، خنجر خالي ڪري دستون الاري
ڪٽي آيو ڪناري يار مان تي، ڪهڻ لڳي سر سو سردار مان تي
شڪر الحمد لله يار آيو، ڪهڻ لڳي عاشقن جو ڪيائين سعيو
ڪهڻ لڳي ٿي سڪيا عاشق ويچارا، ورايا واه واليءَ تن جا وارا
هٿون دلبر شهادت ڪنهن جي شل ٿئي، هٿون رهبر امامت ڪنهن جي شل ٿئي
ڪري جنگ جو سڄڻ سامان آيو، رکي طلب ڪري طولان آيو
ڏسو ڪيڏو ظلم هاٿي ڪري ٿو، ڪپي سر عاشقن جا ليزي ڏري ٿو
اصلاً اها يار جي آهي سخاوت، ڪري ٿو قرب پنهنجا سڀ ڪمالت
ماري مشتاق ٿو دم دم ڪهائي، ڪيڏا ظلم ٿو صاحب سهٽو ڪرائي
عاشق راضي سدا هن سر ڏيڻ ۾، سدا شاڪر آهن پيالي پيئڻ ۾
منگن ٿا موج مستي حال حاضر، ڪرن ٿا ڪمر[3] بستي حال حاضر
اهي مشتاق آهن سڀ موالي، طهورا جي منگن ٿا دم دم پيالي
ڪٽي خنجر ڪناري چشم چائن، ڪيون هيءُ گهور ٿا سوَ عاشق گهائن
محبت مچ ڏسي سي ڪين مڙيا، سي ڪامڻ[4] لاءِ ڪوري منجهه ڪريا
پتنگ پياسي آهن عاشق ويچارا، ڏسون دلبر هٽن ٿا ليهن لمرا
گهرن ٿا مچ محبت جو مدامي، عاشق عشاق آهن سي علامي
ڪامي مچ ۾ سڙي ٿين سويارا، وڃن پروان سي عاشق اويارا

---

[1] خون وهائڻ. [2] تلوارون. [3] سندرو ٻڌن ٿا. [4] سڙڻ.

مل[1] سانگو پنهنجي سر جو نٿا ڪن، امالڪ اڏيءَ تي حاضر اچي ٿين ڳاڀا لوڪ جا لاهي ڇڏيائون، ٽڪا ڀيا سڀڪي لوڙي ڇڏيائون ڪپي سر پانهنجا ٿيا رهبر روانا. اڏامي عرش تي ڪيائون آشيانا صبا[2] جي واو وين اڳتي اڏاري، لنگهائي عرش كان اڳتي اوياري ڪپي سر پانهنجا ڪوري ڏنائون، اقتلوا في حب ذات الله چيائون موتوا قبلل مري موجان مائيائون حڪم حاڪم سندو جيري ميجيائون هٿون محبن جي عاشق سي قتل ٿيا. هتان هوتن جي ويراڳين وصل ٿيا ڪروڙين يار ڪن ٿا انتظاريون، وڃي ٿو تن کي ڪيئن تون يار ماريون رڙڻ روئڻ آيو آه يار مونکي، منهنجو سارو حال آه معلوم توکي روئان شب و روز توکي يار ساريون، هئي هئي منهنجو حال هيٺو آه هيڪاريون ڪري دانهان درد مون دل سنڀاري، ڪڏهن ايندين سڄڻ منهنجي اوتاري الاهي تون اهو ڪو سج اڀارين، طرف منهنجي سڄڻ جي واڳ وارين خداوندا اهو ڪهڙو ڏينهن ٿيندو، اڳڻ منهنجي منهنجو شل دوست ايندو ڪيان ڪيئن هائي وڏو آه سور ساڙي، ويو ساجن سوريءَ تي سر چاڙهي مري منشتاق تو لئي ٿو سدائي، ڪري تنهنجي سوز ۾ ٿو سر فدائي غريبن جي سڄڻ ڪئن دل ڦري وئين، اهڙا ستم ستمگر ڪئن ڪري وئين هلان هيڏي ڪرين ٿو عاشقن تي، ستم[3] ڪيڏا ڪرين ٿو شائقن تي عاشق ويچارو دلبر قتل ڪيڙءِ، قتل جو پور ڪيهو يار پيڙءِ وڏءِ تڪبير طالب کي طلب جي، وهائي سير عاشق تي طلب جي ڪهي عاشق پنهنجو ڪيئي ڀيرا ڀيرا[4]. عجب تنهنجي عشق جا هن ڦيرا

---

۱. بهاءُ [illegible]. صبح جي وڻندڙ هوا. ۳. ظلم. ۴. ٽڪرا، ٽڪرا.

قتل جو ڪم عاشق سان ڪيڏو ٿيو، وصل جو دم عاشق سان ڪيڏو ٿيو
سڄڻ مونکي تنهنجي جوش جلايو، ملڻ جو پيال جيڪر ڪو پلايو
سڄڻ سائين مانکي تنهنجي سوز ساڙيو، ملڻ جو ٻول پنهنجو يار پاڙيو
ڪيون توکي ياد پلپل ٿو پڪاريان، هنجون هٺي هٺي برابر روز هاريان
اٿم سڪ ساه ڪي تنهنجي پسڻ جي، اٿم محبت ڏاڍي تنهنجي ملڻ جي
اندر مون آڳ ڄا شعلا اچن ٿا، جگر مون جوش جا الا اٿن ٿا
تون آنءُ مطلوب مان هان طالب تنهنجو، تون آنءُ معشوق مان هان عاشق تنهنجو
تون آنءُ مخدوم مان هان خادم تنهنجو، تون آهين شاه مان هان گداءِ تنهنجو
تون آنءُ صاحب مان آهيان سگ تنهنجو، تون آنءُ مالڪ مان هان ممتاز[1] تنهنجو
بنان جڙ[2] جي ميچيءَ جو خيال ڪهڙو، بنا توريءَ منهنجو آهي حال ڪهڙو
جدا پرين ڪون هڪ پل پهر آهي، ڪائڻ پيئڻ سيو مون زهر آهي
جيئڻ جڳ ۾ نٿو مانکي يار گهرجي، جدائيءَ ۾ رهڻ نٿو يار گهرجي
ڪري ڪو قياس عاشق ڪي امالج[3]، وطن واهيرو وحدت جو ڏيڪارج
آخر آهي فنا فاني فنا ۾، آخر آهي بقا ٻاقي بقا ۾
هٿون پنهنجي رجوع[4] ڪر عاشق پنهنجو، آهي جيهو تيهو عاشق سو تنهنجو
قتو ناڪر قتيل ڪي يار هرگز، رولي نا ڇڏ رليل ڪي يار هرگز
سوا تنهنجي ناهي آرام دل ڪي، سوا تنهنجي آهي ماتام دل ڪي
پيالو عشق جو مانکي ڀري ڏي، نگاهن ۾ پنهنجي نيهن جي ڏري ڏي
پيالو يار ڪو پرتيون پيارج، همه اسباب[5] عالم جي ڪون ڇڏائج
پيالو پر ڪري ڏي يار جانا، سدا آباد هوندءِ هي ميخانا،

---

١. پاليل. ٢. پاڙ. ٣. موڪل. ۴. واپس ڪر. ۵. دنيا جو سبب سامان.

پيالو پريم جو ساقي پلائج، شراب شوق جو ساقي پلائج
تنهنجي ميخانہ جو آهيان سوالي، موالي هان موالي هان موالي
ساقي خُمر[1] ڪول ساغر کي هلايو، ڪري هٿ جام وٺيءَ کي وڌايو
اصل تي خيال پنهنجي کي اماڻج، وڃڻ پنهنجو پاڻ تون هرگز نہ آڻج
بقا بالله جي وڃي موج ماڻج، الستي ڄاڻ کي ڄاڻيون پيو ڄاڻج
ڪري هڪ خيال تي غازي غرق تون، موتوا مرڻ ڪري جيري مرڪ تون
ڀلا سائين مون سان ره تون هيڪالدو، بنان توريءَ آهي مشتاق ماندو
ڀلا سائين منهنجو ننگ آه توتي، لائي ڪو لاڳ ڏيڻ رنگ آه توتي
ڀلا سائين مون سان ره تون يگانو[2]، بنا توريءَ آهيان بلڪل بيگانو
ڀلا سائين مان توکي پرتل آهيان، ٻنهي ڏينهن ڪون مان نڪتل آهيان
ڀلا سائين تنهنجي دامن لڳو هان، ٻين وهمن ڪون مان بلڪل ڀڳو هان
ڀلا سائين منهنجو آه خيال توسان، ڀلا سائين منهنجو آه حال توسان
فڪر ڪري خيال کي ڪامل ڪمائج، درسن ڪري ديد دلبر سان رلائج
فڪر ۾ فيض تي حاصل حياتي، سڃاڻج سر سري عين ذاتي
فڪر ۾ تي فنا لائي لاَ[3] جي ڪاتي، ڪري آزادگي ڏس پائي جهاتي
فڪر ۾ يار جو رک خيال سارو، ڪيڏو پرت ڪيو آهي پسارو
فڪر ۾ يار جي ره تون سدائي، بنا وحدت جي ٻي ڪر ڪان وائي
فڪر ۾ يار کي شائق صحي ڪر، ڳولي هٿ لعل کي لعلن لهي ڪر
فڪر ۾ يار ڪر تون فڪر هردم، سدا ره دوست سان حاضر تون همدم
وسارڻ يار جو توکي نہ گهرجي، سنڀارڻ يار جو توکي ٿو گهرجي

---

[1] شراب. [2] اڪيلو. [3] نفي لا الٰه

سدائي طلب ۾ ره يار قائم، سدا سڪ سوز ۾ ره يار دائم
سعيو توڪي سدا گهرجي سڄڻ جو، رايو توڪي سدا گهرجي ڍولڻ جو
هلي آءُ تون منهنجا رانجهن رهبر، هلي آءُ تون منهنجا محبوب منور
جگر ڪي جوش تنهنجو ويو آه ڪائي، بارش[1] بره جي ڏاڍي سر تي آئي
اندر اڌ ٿيو آ نه آهي بات ڪائي، طلب جي تيغ تو هٿ ڏاڍي چائي
خبر ڏي يار جي قاصد ڪڙي[2] مون، نه تان بلڪل ويندس قاصد مري مون
آيا ڪين ايندا اڄڻ ۾ آهن، چڙهيا ڪين چڙهندا چڙهڻ ۾ آهن.
هليا ڪين هلندا هلڻ ۾ آهن، وريا ڪين ورندا ورڻ ۾ آهن
ڪهڙي سانگي سڄڻ تون يار آئين، اڄي ڪين هتڙي سڄڻ پير پائين
غرض[3] ڪهڙو پيءِ هت جي اڄڻ جو، قصد ڪيڏو ڪيئي دل جي ڦرڻ جو
ماري عاشق هليو وئين دوست دلبر، صدق ١٠٠ (سؤ) وار ٿيان قربان جيڪر
اڄڻ جو وقت وري مونکي ڏسج تون، هلي هيءُ حال عاشق جو پسج تون
اڄڻ جي ويل وري مونکي ٻڌائج، اهيو تون ڀال مون سان ڪو ڀلائج
اڄڻ جو ڏينهن وري مونکي ڏيکارج، وصالاً جام ڪري پر پيارج
اڄڻ جي ساعت وري مونکي سڻائج، منهنجو پنهنجي نيهن ۾ نالو ڳٺائج[4]
ڀلا او سائين مونکي ائين نه رولج، شهنشه شان پنهنجي ڪي تون ڳولج
ڀلا او سائين ائين نه ڪر تون مونسان، منهنجي زاري هردم آه توسان
ڀلا او سائين مونکي ائين نه مارج، جدائي جي ڳارائي ۾ تون نه ڳارج
ڀلا او سائين مونکي ڇڏ نا وساري، تنهنجو عاشق توريءَ هٿ ڪٿن گذاري
ڀلا او سائين اڳڻ آءُ منهنجي اوتاري، سدائي ساه توڪي تو يار ساري

---

[1] تڪليف. [2] سچي، پوري. [3] ضرورت. [4] لڪائج.

آيس سهڻا تنهنجي در تي سوالي، پرت جي ڪا مونکي پيارو پيالي
تون آهين سر[١] الاهي نور انور، شهنشاه **فيض فائض** ماه منور
نہ ڪنهن قاصد توڏنهن ڪا خبر آندي، ويتر آهي گهٽي منهنجي دل ماندي
مونکي سڪ سوز تنهنجو آهي دائم، ڪندين شل پاڻ سان مونکي تون قائم
مونکي توريءَ اجهو[٢] ٻيو ڪونہ آهي، سدائي ساه توڏي ٿو يار ساهي
سدائي دل ڪري منجهہ درد دانهون، سڄڻ ڌاران سٺي ٻيو ڪير آهون
ادا قاصد پرين جي ڏي ڪا نشاني، ڪريان جند جان صدقي قرباني
ٻڌي پيغام تي دل بيقراري، جگر ۾ جوش ويتر ٿيا جاري
جدائي يار جي هردم تي ماري، محبن جي خدا شل واڳ واري
درد جي سڌ نہ چاڻان تہ ڪير لهندو، وصل جو واءُ مون ڪنهن ويل ورندو
سڄڻ ليءِ رات ڏينهن آهون ڪريان ٿو، ملڻ ليءِ يار جي داهون ڪريان ٿو
ڪڏهن ايندو پرين مونوٽ پيارو، اچي هي حال ڏسندو منهنجو سارو
غرض ايهو ڪري عاشق ويچارو، سڄڻ شل تون ڪندين منهنجو سنيارو
ڇڏيان ڪئن يار کي دل تان وساري، سدا شل محب مون سان گڏ گذاري
وڃي ڪنہ ساڻ وڃي مان هي حال اوريان، سڄڻ ڌاران نہ ٻي ڪا واٽ ووڙيان[٣]
ڪريان ڪئن هاڻ ڪنهن واٽ ڏانهن ويندس، وڃي آخر پرين جي پيش[٤] پوندس
نہ ٿي چاتم تہ مون سان قهر ٿيندو، ڪسي دل دوست منهنجي ترت ويندو
ڪسڻ ڪم عاشقن جو ائين چون ٿا، ڏيو سر هاءِ ويچارا وڃن ٿا
هميشه يار توکي دل تي ساري، جدائي جو سڄڻ ٿو داغ ڳاري
جدائيءَ جي درد دل منهنجي ڪيٺي رت، سڄڻ جي سوز ۾ لنگَ ويا ڇڏي سٽ[٥]

---

١. الله [illegible] راز. ٢. ڇپر ڇانوَ. ٣. ڳوليان. ٤. حاضر ٿيندس. ٥. طاقت.

اداسي تو بنا وڃان يار ڪنهن وٽ. اسانجي دانهن دلبر نيٺ تو وٽ جدائيءَ ڪون ڪريان هردم دانهون. سڄڻ ڏاران سٺي ٻيو ڪير آهون سڪان ساريان روان راتيون اوهان ليءِ. هيون[١] حيران هٺي هٺي يار توليءِ جدائي جان منهنجي ڪي جلايو. ملڻ جو پيال جيڪر ڪو پلايو سوا تو زهر پانيان زندگاني. جدائي منهنجي ڪئي دلڙي ديواني اوتي ويلي توکي ٿو ساه ساري، بنا توريءَ دمادم غم گذاري ڏئي ٿيا ڏينهن گڏ گوندر گذاريان. مثل توليءِ هنجون ٿو روز هاريان لکڻ ليءِ خط ڪيون ڪاغذ قلم مون. سبب ڪهڙو مهنجو عرض سڻ تون جنهين ساعت[٢] توکان جاني جدا ٿيس. اله ڄاڻي ته ڪنهن سڪرات ۾ پيس خبر پرين سندي قاصد نه آندي، گهڙي هڪ رَوَڻُ ٿي دل نه واندي جيئڻ ناهي منهنجو پرين پڄاڻا. وڃي ملندس ڪي مرندس آءُ نڄاڻان لطف[٣] جي نظر ڪر ڪا يار جاني، ڏسان تو ڪونڪو تنهنجو ٻيو ثاني[٤] وڇوڙي يار جي مونکي فنا ڪيو. پرين جي وره ڪان هنيڙو سڙي ويو وصل جو واءُ والي شال وارين. عاشق پنهنجو مٿي عرشين اڏارين مانکي جيري نيون دردن آه نهوڙي، ڦٽيو دلکي تنهنجي دلبر وڇوڙي درد جا روز دل ۾ دونهان دکن ٿا. وڇوڙي ۾ وڏيل عضوا ڏکن ٿا. سهان ڪئن بار تنهنجي غم جو سهڻا. وڇوڙي ۾ نه مونکي تون مار مهڻا سدائي سوز سورن گڏ گذاريان. توکي ساعت نه هڪڙي مان وساريان جدائي يار تنهنجي قهر پانيان. کائڻ پيئڻ خوشي سڀ زهر پانيان سڪي ٿو ساه محبت ليءِ سڄڻ جي. اندر ارواح صحبت ليءِ سڄڻ جي اچي مون ساڻ مل تون يار دلبر. مٺا محبوب مصري[٥] شهد شڪر

---

١. دل. ٢. گهڙي، وقت. ٣. مُهر. ٤. تو جهڙو. ٥. مصري، ماکي، کنڊ.

راتيان ڏينهان آئم تو يادگيري، اچي دلبر ڪجو مون دستگيري[1] پرين جا پور مون ٻلٻل ٻون ٿا. نماڻا نين راتيان ڏينهان رون ٿا سڄڻ دل جي درد جون سنج دانهون. رسن[2] عرشن مٿي عاشق جون آهون اوداسي دل ڪري منجهه درد دامون. سڄڻ ڌاران سٺي ٻيو ڪير آهون ٻره تنهنجي اندر ۾ ٻاه ٻاري. سڙان تو سوز ۾ ٿي بيقراري تنهنجي غم ۾ سدا غمناڪ[3] آهيان، تنهنجي پيرن سندي آءُ خاڪ[4] آهيان تنهنجو عاشق ۽ معشوق آهيان. تنهنجي گولن سندو گولو[5] سڏايان سڄي دل سان رکي مون ٻار ٻاري. تنهنجي غم ۾ گذاريم عمر ساري اڏايان ڪانگ ٿو تنهنجي ملڻ لاءِ. وڏا وس ٿو ڪريان تنهنجي اچڻ لاءِ ادا قاصد ڪجو ڪا مهرباني. وڃي جؤ يار کي ظاهر زباني راتيان ڏينهان توکي ٿو ساه ساري، وڇوڙي درد جو ٿو موت ماري تنهنجي ديدار لاءِ آهيان اداسي. ملڻ لاءِ رات ڏينهن آهيان پياسي سڪان ساريان سڄڻ توکي سنڀاريان. وساري ڪين ويهي مان هت گذاريان نه آهي مون سندو ڪو حال پالي، اندر ۾ عشق تنهنجي لاڳ لائي درد دا، مان لکيو مون خط اوهان ڏي، روئي روئي لکيو مون خط اوهان ڏي نه پورا ٿيا درد جا داستانا[6]. لکيم خط پر نه ٿيا پورا پيمانا ڀلا جاني نه ڪر جهڙي جدائي، توريءَ ناهي مونکي ٻي واه ڪائي اچي دلبر ڏيو مون درد دارون. روان شب روز ٻلٻل ڪيان پڪارون نه ٿي جاتم نه اهڙو ڪو وهل ٿيندو. جدائيءَ درد جو ڪو لمل پوندو آهيان اصلئون تنهنجو نوڪر نماڻو. سڄڻ تنهنجي آهيان در تي وڪاڻو.

---

۱. رهبري. ۲. پهچن. ۳. ڏکيل. ۴. مٽي. ۵. نوڪر. ۶. قصا.

توکي ساري تو منهنجو ساهه سهڻا. رڙي تو روح توليءِ محب مهڻا
ويجوڙي جو تو منزل وصل ماري. جدائي جو تو دل کي ڳارالو ڳاري
سڙي تو ساهه تنهنجي سڪ ۾ سهڻا. رڙي تو روح تو ليءِ محب مهڻا
اچي سر منهنجو سهڻا تنهنجي جي ڪم ۾. مالڪي قلمام ڪر سهڻا تون دم ۾
مري مشتاق تو توليءِ اداسي. تنهنجي ديدار ليءِ آهي پياسي
نماڃ نڌڪ پنهنجو ڪرڻ يار بالڪل. ڀالو ڀرت جو مولڪي ڀهار پلپل
سڀئي اختيار آهي يار تنهنجو. ذرو اختيار ناهي يار منهنجو
مارڻ جيارڻ مڙئي اختيار تنهنجي. اهو ڪل راز آهه اختيار تنهنجي
جيئڻ ٿيڻ تنهنجي آهي اختياري. ڏيو مولڪي ٻره جي ڪا بهاري
خزان[1] جي خيال کون رهبر ڇڏايو. لطف ڪري پنهنجو لاحد لڏايو
ڏيو ڪا قلب کي قوت[2] قديمي. رهي منجهه راز جي ثابت صميمي
اسم[3] ذاتيءِ جي قوت تي قلب کي. ٿيءِ واڌارو طالب جي طلب کي
وڃن وسري وحدت ريءِ ٻيون وايون. وصالون ڪي وري اچن واڌايون
وحدت جي خيال جي هردم عطا ڪيو. منجهان ميخاني جي ساجن سخا ڪيو
ٻڌي ميخانو تنهنجو آيو سائل. تهين سان جام محبت جو ڪيو مائل
ٻنان سڪ شوق جي ڪوڙو جيئڻ آهه. ٻنا صحبت محبت جي ڪوڙو رهڻ آهه
هلي آيو موالي تنهنجي ميخاني. منگتو ميرائي تنهنجي آستاني
ڳولي پنهنجو شان ٻهاسي کي تون ٻر ڪر. عاشق عاصيءِ نماڻي جي تون ورڪر
جهڙو تهڙو تنهنجي در جو گداگر[4]. نڌر ناڪس نمالو نالي احقر
اچي تنهنجي ٻمش هي ٻهاسي ٻهو آهه. حوالي تنهنجي دلبر يار ٿيو آهه

---

١. خراب موسم. ٢. هميشگي واري طاقت. ٣. الله جو ذاتي خالص نالو. ٤. [illegible]نار.
٥. ناشڪر، گهٽ.

ڏسي هن جو حال هيڻو ڪر ستاري، تنهنجي آهي پرت پيارل يار پياري ڪيو منهنجو خيال هڪ آزاد خالص[۱]، سوا تنهنجي منهنجو ٻيو ڪونهي وارث[۲] ماڻهن کي ٻيا گهڻائي وارث آهن، تني کي آسرا لک لک ٻيا هن ڪنهين کي واه ڪنهنجي ڪنهنجي آهي، اسانکي راه تنهنجي تنهنجي آهي ڪن کي خيال ڪنهنجا ڪنهنجا آهن، اسانکي حال تنهنجا تنهنجا آهن ڪنين دولت منگي ڪنين خزانا، اسان توهؤن منگون پرت[۳] پيمانا اسان آهيون سوالي يار تنهنجا، اسان آهيون موالي يار تنهنجا اسان آهيون اُداسي يار تنهنجا، اسان آهيون پياسي يار تنهنجا اسين آهيون تنهنجي در جا دايا، نڪي آهن اسانکي ٻيا ڪي رايا ڪنداسي گهور پنهنجو سر سارو، ڇڏي تڪ[۴] تور مارينداسي نمرو ڏيڻ سر يار توکي فرض آهي، سوا سر ڏيڻ جي ٻيو غرض ناهي ٿيان قربان گهوريان جان ساري، ڪريان سر صدق توتئون وار واري ڪيان قربان دم دارين[۵] توتئون، ڪريان سڀ گهور ڪل ڪونين[۶] توتئون منهنجو ڪو ڪر مٺل هاڻي سنيارو، اڏي اچي ويهه اندر ۾ اوتارو فراقن ۾ عمر ساري گذاريم، ڏولاون ڏکيا کي ڏينه گهاريم پوي ڪو قياس هاڻي يار منهنجو، منهنجو هي خيال سارو آهي تنهنجو منهنجا سائين تنهنجي در تي پيو هان، حوالي تنهنجي هردم يار ٿيو هان ڏارين توڙي سڄڻ مونکي لوڏارين[۷]، ته پي توکي نه ڇڏيندس ڪنهن پارين او سائين دلدار دلبر منهنجا سائين، او سائين منٺار منور منهنجا سائين او سائين سردار سرور منهنجا سائين، او سائين قربدار پرور منهنجا سائين

---

۱. نج. ۲. [illegible]الڪ. ۳. محبت جا وڪا. ۴. پورو حساب. ۵. دنيا ۽ آخرت.
۶. پوري [illegible]ائنات. ۷. ترائين.

Scanned by CamScanner

او سائين گل بهار منهنجا او سائين، او سائين گلعذار منهنجا او سائين
او سائين گل چمن منهنجا او سائين، او سائين سرو سمن منهنجا او سائين
او سائين منهنجا تو آهين گنج ڪرامت[1]، او سائين منهنجا تون آهين ابرعنايت[2]
او سائين منهنجا تون شڪر شير آهين، او سائين منهنجا تون پارس پير آهين
او سائين منهنجا تون بينظير[3] آهين، او سائين منهنجا تون ماه منير آهين
او سائين منهنجا تون گنج گهر آنءِ، او سائين منهنجا تون ليلة[4] البدر آنءِ
او سائين منهنجا تون ڇو ائين مانڪي ڪيو ٿي، ائين منهنجي ڪٿي هٿ ڇا آيو ٿي
او سائين درجو دايو مونکي ڪر، او سائين منهنجو پورو ايهو رايو ڪر
او سائين ڪٿي ڪاڻين جي پيري در تنهنجي تي لاهيان، اڳڻ تنهنجي ٻهاري روز پايان
سمند ۾ بوند لءِ جئن سپ سڪي ٿي، تئين محبت تنهنجي لءِ دل سڪي ٿي
سڪن ٿا گوش[5] لءِ گفتار تنهنجي، سڪن اکيون تيون لءِ ديدار تنهنجي
او سائين ڪيئن مان ڳالهه ڳالهايان، او سائين ڪئن کهڙي چال چلايان
او سائين ڪنهن کي تنهنجي دالهن ڏيان، او سائين مران توڙي يار جيان
ڪنهنکي چولدس ته هاڃو[6] هڙو مان سان ٿيو، ڪنهنکي چولدس هڙو ويل مان سان ٿيو
او سائين واو کي مان پيغام ڏيان، تون چئين تڏهين سائين مون ڪيئن ڪيان
او سائين من منهنجو توکي حال ٻڌائي، حقيقت حال جي توکي سڻائي
او سائين نتي ولي ٻي ڳالهه ڪائي، او سائين نتي ولي ٻي چال ڪائي
او ڪڏهن ملندين تون مان سان يار جاني، تلف ٿي آه منهنجي سڀ زندگاني
او سائين تنهنجي قدمن تي مران شل، او سائين تنهنجي روهِ ٻروهِ مران شل
او سائين آهون ڪريان ٿو او سائين، او سائين دالهون ڪريان ٿو او سائين

---

١. الڪئه ڪرامت. ٢. قرب جو ڪڪر. ٣. لاثاني.
٤. چوڏهين رات (١١-١٢-١٣) چنڊ جي رات. ٥. ڪَنُ. ٦. ظلم، نقصان.

او سائين مان پاڙايان[1] ٿو او سائين، او سائين مان پڪاريان ٿو او سائين او سائين مان پڪاريان ٿو او سائين، او سائين مان ڪوڪاريان ٿو او سائين او سائين ڪهڙي مان تنهنجي چوري ڪئي هئي، جو جنبي[2] قيد مونکي ڏني ڇڏيوئي او سائين نيل ڇو نيهن جا وڌا ٿي، او سائين ترس ڪوئي ڪونہ پيو ٿي او قاتل منهنجا سجڻ او يار سائين، ظالم منهنجا مٺل دلدار سائين او سائين ڪڏن ڪيو تو يار مان سان، الهن سورن جو سارو آه حال توسان الهن سورن مون مان ڇا يار جاڻا. ڪيان هالي ڪيڏن توليء يار سهڻا ڪسي دل دوست سورن ۾ وڃهي وئين، وطن پنهنجو مونکي ڏيہ نا ڏسي وئين ائين صاحب نہ ڪري هان تون سائين، توکي پر ڪير ڇٽي سگهي ٿو سائين او سائين تو اڇي ڪڏن جهاتي پاتي، او سائين تو اڇي ڪڏن ڪاتي لاتي او سائين نانهن طاقت پنڌ ڪرڻ جي، او سائين نانهن طاقت وهٽ[3] چڙهڻ جي او سائين ڏي همٿ توکي پسان مان، درسن ديدار اڇي تنهنجو ڪيان مان او سائين جيڪر اڇي تو سان ملان مون، قدم بوسي اڇي حاصل ڪيان مون اڇي تنهنجي در جو ٻهاريدار ٿيان، اڇي.تنهنجي در جو/ڪتڙو يار ٿيان اڇي تنهنجي در جو گلرڙو مان ٿيان، ۽ صاحب تنهنجي در تي پيو مان هجان صاحب من ڪنهن مهل پنهنجي هٿن سان، ٻجي ڳيڙو لڪر جو وجهين هٿن سان پيو ڏڪڙا تنهنجي در تي مان کاوان، ڪلا پادر سيپئي سون پانيان تون هڪ راضي ٿو گهرجين يار مونکي، نٿو ٻيو لوڪ راضي گهرجي مالڪي توڙي منهنجا اهڙا احوال ٿين، تہ پي سائين سڏي جنهن مهل ڪولن سڏي ڪور ڪري پنهنجي هٿن سان، وجهن اڇلي لڪر جنهن مهل هٿن سان

---

١. سليمان. [illegible] عمر قيد. ٣. سواري.

ونئي منهنجو خيال تنهن دم ٻهاري، بقا جي بره جي بيشڪ خماري[١]
او سائين پنهنجو ڪر مونکي تون سائين، او سائين سهنجو ڪر مونکي تون سائين
او سائين تون تہ قربدار آهين، ار سائين تون سچو سردار آهين
او سائين تون اصل سردار آهين، او سائين تون هادي منهندار آهين
او سائين تون عاشق معشوق آهين، او سائين تون محب محبوب آهين
او سائين تون سدا گل گلاب آهين، او سائين تون سدا فيضماب آهين
تنهنجي در تي گداگر ٿي ٻکڻا[٢] ڪيان، ڳليءَ تنهنجيءَ تي دلبر دم اچي ڏيان
ڏيڻ خيرات جو تنهنجي هٿون ٿئي، اتي عاشق جو پساه پورو ٿئي
هٿن پنهنجي سان ڪٺي خيرات ڏي تون، ڪري پورا پساه عاشق اتي ڏي
عاشق مسڪين تي وڏو ڪو راز ٿئي، عاشق غريب کي وڏو مان ٿئي
اهو عرض عاشق هردم ڪري ٿو، ڳليءَ تي سر هردم پنهنجو ڌري ٿو
ڦٽيون جنيون ملامتون[٣] سهيئي، قبوليون سي سڄڻ سر تي ڪليئيءِ
تون هڪ راضي هجين شال يار تو سان، بره وارا سدا هن يار تو سان
اي سائين سواءِ تنهنجي سو آهي، جڻن چنڊ ڪئون سواءِ رات آهي
سواءِ جُر[٤] جي مڇيءَ جو حال ڪهڙو، سواءِ مچ جي سمنڊ جو حال ڪهڙو
سواءِ ليليٰ جي مجنونءَ جو حال ڪهڙو، سواءِ سائين هير جي رانجهي جو حال ڪهڙو
دفتر[٥] دردن جا بالڪل گهڻا هن، شرح[٦] تفسير ڪان بيعدد[٧] آهن
او سائين تون هلي آءُ تون سائين، او سائين هلي تون آءُ تون سائين
او سائين دلداري تون مونکي ڏي، او سائين بره بيداري تون مونکي ڏي
او سائين منهنجا مونکئون جدا نہ ٿي تون، او سائين منهنجا مون سان هردم رہ تون

---

١. نعرو. ٢. گداگري. ٣. گلا ڏيڻ، ترڪ ڪرڻ. ٤. پاڻي. ٥. وڏا ڪتاب.
٦. ڪولي ٻڌائڻ، خلاصو. ٧. الڪت.

او سائين مونکي بيگانو ڪري نہ رولج، ڪُره[1] دل جي منهنجي خيال سان تون ڪولج
او سائين آءٌ هلي هالي مران ٿو، او سائين آءٌ هلي هالي ڪڙمان ٿو
او سائين آءٌ هلي هالي سڙان ٿو، او سائين آءٌ هلي هالي ٻران ٿو
او سائين سڏ تہ ڏي او مونکي او سائين، او سائين سڏ تہ ٻڌ منهنجا او سائين
او سائين حال ڏس او منهنجا سائين، او سائين حال تہ ٻڌ او منهنجا سائين
ٿين پساه پورا تنهنجي سڪ ۾، هجان شل يار تنهنجي ڳالهہ هڪ ۾
او سائين ڪيچي ڪوهيارل يار سائين، او سائين پنهل پيارل يار سائين
عاشق آنهون ويچارو عرض ڪري ٿو، ٻڌي هٿڙا قدمين سر ڌري ٿو
سوين سجدا او سائين لک ڪري ٿو، ڪروڙين بار زاريون سو ڪري ٿو
او سائين تون جاڪون موڪلائي مونکئون وڃين، پرين پرداخت[2] منهنجي ڪاڻ ڪري وڃين
تاڪون منهنجو حال ڪهڙو ٿيو الائي، آهي سو چوڻ کون ٻاهر الائي
وري تنهنجي حال جي خبر نہ ٿي پئي، وري اچي نڪو وڃي نڪو چئي
مونکي سائين سجهيا ٿي سور ايهي، پرين ڪان پوءِ سجهيا[3] ٿي پور ايهي
پرين ڪان پوءِ ڪهڙا منهنجا حال ٿيندا، بنا محبن ڪهڙا احوال ٿيندا!
سو صاحب اڻ ڏٺا سور اچي ويا، سو صاحب اڻ ٻڌا پيچ[4] پئجي ويا
انهيءَ وقت شهيد تون ڪرين هان، انهيءَ مهل تون منهنجو دم ڪڍين ها
انهيءَ وقت تہ چولہ ٿي مٿس مان، انهيءَ وقت تہ حاضر پي هٿس مان
آهي ڪل حرف[5] مالڏي يار آهن، لکين لک مياران تنهنجون آهن
او سائين مان ڏاڍو حرفي تہ آهيان، تنهنجا ٿورا نٿو مان يار لاهيان
مونکي پاڻئون جدا نہ ڪر تون سائين، مونکي پنهنجو تہ ڪر سهٽا سائين

---

[1] دل جي ڪ[illegible] [2] سار سنڀال. [3] جاڳيا. [4] محبت جون ڳنڍيون. [5] ميارون.

او سائين مان هنجون تو لیءِ هاريان ٿو، او سائين مان راهون تو ليءِ نهاريان ٿو
او سائين مان صدقي قربان ٿيان، او سائين مان گهوري سر توتئون گهوريان
او سائين قربان ٿيان تنهنجي قدم ٽئون،/او سائين صدقي ٿيان تنهنجي اسم[١] جسم تون
او سائين صدقي او سائين مان تہ صدقي، او سائين صدقي او سائين مان تہ صدقي
او سائين مان تنهنجي محبت تؤن صدقي، او سائين مان تنهنجي صحبت تؤن صدقي
او سائين مان تنهنجي عشق تؤن صدقي، او سائين تنهنجي شوق تؤن صدقي
او سائين مان تنهنجي خيال تؤن صدقي، او سائين مان تنهنجي حال تؤن صدقي
او سائين شوق پنهنجي ۾ شهيد ڪر، او سائين درد پنهنجي ۾ دريد[٢] ڪر
او سائين ڪئن ڪيان ڪاڏي وڃان مون، او سائين جئن چئين تيئن ڪيان مون
او سائين مي **فيضل** نالي نماڻو، وتي ٿو تنهنجي در تي ڪوماڻو
تمام مسڪين توکي پرتل آهي، پنهي ڏيهن[٣] کؤن نڪتل آهي
تنهنجي سک ۾ ٿين پساه پورا، بنان تنهنجي آهن پيا راه ڪوڙا
او سائين مونکي ساه ۾ سانديِ چڏ، او سائين مونکي جيري تون کهي چڏ
او سائين مانکي چڏ جئري هلائي، او سائين مانکي چڏ جئري پچائي
او سائين منهنجا او سائين او سائين، او سائين منهنجا او سائين
عاشق **ميرل** توکي پرتو سائين ٿي، او سائين **فيض** جي ڪر ڪا پرتو ٿي
او سائين او سائين آباد هجين، او سائين او سائين دلشاد هجين
او سائين موج ڪيو مستان آهي، او سائين حيرت ڪيو حيران آهي
او سائين وصل ڪيو ويران آهي، او سائين بره ڪيو بيران آهي
او سائين نيهن ڪيو نيشان آهي، او سائين سک ڪيو سلطان[٤] آهي

---

[١] نالو ۽ وجود. [٢] سوراخيل، ذرا ذرا. [٣] جهانن. [٤] بادشاهہ.

او سائين خيال ڪئي آهي خماري، او سائين بره ڪئي آه بيقراري
او سائين دم بدم آهي انتظاري، او سائين پلپل آهي پڪاري
او سائين جوش تيزو آهي جاري[١]، او سائين بارُ بره جو آه باري
او سائين جان جند سڙي وئي ساري، او سائين مارو وڏو ٿي يار ماري
آهي توريءَ تمام ڏاڍي بيماري، درسن ديدار جي ڪيو ڪا ستاري
ڏاڍو مريض آهي بلڪل توري، جهورائي درد جي جهوريو آه جهوري
علاج تنهنجو هاٿي صاحب اوهين ڪيو، شفا جو جام تنهنکي ڪو پيري ڏيو
سوا تنهنجي عاشق ڪامياب ناهي، سوا تنهنجي عاشق فيضياب ناهي
عاشق ويچاري جو شفاياب[٢] تون آنءِ، هدايت[٣] گنج فيضياب[٤] تون آنءِ
ڪنهن ٻي طرح نڪا ٻي راه آهي، طبيب تو جيهو نڪو ٻيوٺي آهي
نڪو ٻيو ڪو حڪيم اهو مرض ڄاڻي، نڪو طبيعت تنهنجي ڪو ٻيو سڃاڻي
او سائين دوا به تون دارون به تون آن، او سائين صحت به تون شفا به تون آن
او سائين حڪيم.تون طبيب به تون آن، تون سائين ڪريم تون سائين رحيم به تون آن
او سائين اٿي پنهنجو ننگ نياهج، او سائين لڳ الله جي مهر نه لاهج
او سائين تنهنجي آهيان مونکي خبر نه هيڙي، توسان منهنجي اوچتي پرت پيڙي
نٿي ڄاتم هلهو لايون نيهن ويندين، نه نٿي ڄاتم ته اهڙا ڪي ڏک مون ڏيندين
نه مان جيڪر تون سان ڇو نيهن لايان، اهڙا ڇو ڏک تنهنجا مون يار پايان[٥]
نه ٿي ڄاتم ته تون گڏ هوندين مٺي سان، پٺي ڪو په چنڻ جو سنگ چوريءَ سان
او سائين اصل ڪري ڪو خيال آئين، قتل ڪرڻ جو ڪري ڪو خيال آئين
او سائين تون قاتل آهين يار قهري، او سائين تو بچائين باز[٦] بحري

---

١. عل[illegible] ٢. صحتمندي. ٣. نصيحت. ٤. گهڻي علم وارو، سخي. ٥. سَنهاه.
٦. [illegible] ي بار.

او سائين جا نه ته نيهن نه لائين هان، جي لاتئي نيهن ته ڦٽو نه ڪرين هان
او سائين ظلم اهڙو ڪر نه سائين. او سائين تون ٻي ظالم نه ٿي اهڙو تون سائين
او سائين تون ٻي ڇڏي وئين ڇپر[١] ٻر. او سائين تون ٻي ڳڏي وئين گونڊر[٢] ٻر
او سائين تون ڪري مجروح[٣] ويڙين. او سائين تون ڪري مفتون[٤] ويڙين
او سائين تون ڪري بيدل ويڙين. او سائين تون ڪري مجروح ويڙن
او سائين تون ڪري مجنون ويڙين. او سائين تون ڪري شيدا[٥] سو ويڙين
او سائين تون ڪري سرگشته[٦] ويڙين. او سائين تون ڪري آشفته[٧] ويڙين
او سائين تون ڪري دلفگار[٨] ويڙين. او سائين تون ڪري سرشار[٩] ويڙين
او سائين تون ڪري ديوان ويڙين. او سائين تون ڪري مستان ويڙين
او سائين پنهنجي فراقن ٻر ڦٽي وئين. او سائين پنهنجي سڪ ٻر تون سٽي وئين
او سائين تون منکي عاجز ڪري وئين. او سائين تون منهنجي دلڙي ڦري وئين
او سائين تون ڪري مشتاق ويڙين. او سائين تون ڪري ترياق[١٠] ويڙين
او سائين تون ڪري قتلام ويڙين. او سائين تون وجهي ڪو دام ويڙين
او سائين تون ڏئي ڪو جام ويڙين. او سائين تون ڪٿر اهو ڪم ڪري ويڙين
او سائين ڪڏهن ايندين تون او سائين. او سائين ڪڏهن ملندين تون او سائين
او سائين تون آهين خورشيد[١١] ذاتي. او سائين فيض تنهنجو آهي حياتي
او سائين تون ڪعبو آهين حقيقي. او سائين تون قبلو آهين تحقيقي
او سائين لکان پنهنجي رت مان خط لعل ڪري. پايان ڪبوتر جي ڳچيءَ هار ڪري
اوڏايان ڪبوتر هٿون پنهنجي. اچي ويهي اڱڻ سو يار تنهنجي
هٿون پنهنجي سو خط چوڙي پڙهج تون. نظر تنهن ٻر پنهنجي نيهن جي ڌرج تون

---

١. ٻهاڙ ٻر. ٢. ڏک. ٣. قتيل. ٤. عاشق. ٥. پريشان (مٽي ڦريل). ٦. پريشا
٧. دل قتيل. ٨. زهر جي لاهڻ جي دوا. ٩. حقيقي حسن وارو سج.

پڙهي پروانو[1] ڏس هي حال آهي، عاشق ويچارو ڏاڍو پائمال[2] آهي
او سائين مون کي لاحد ڏي لذائج، او سائين مونکي همت سان هلائج
هردم پنهنجي عشق ۾ سائين مونکي رک، هردم پنهنجي سڪ ۾ سائين مونکي رک
توڙيءَ ڪنهن ساڻ ڏک جو حال اوريان، ڏاڍا ڏک جا سڄڻ مون ڏينهن ڏوريان
درد جي دانهن ڏيان ٻيو ڪير سڻندو، توڙيءَ ڪنهن کي منهنجو وري ترس پوندو
او سائين ڪير آه ٻيو حال پائي، ڪنهن کي سڌ نہ آهي منهنجي سائي
سو سائين حسن تنهنجو آه حقاني[3]، او سائين پاڪ تنهنجي آه پيشاني[4]
او سائين رخ[5] تنهنجو آهي نوراني، او سائين فيض جي ڪيو ڪا رساني[6]
او سائين لطف جي ڪيو مهرباني، تلف[7] ٿي آه منهنجي سڀ زندگاني
او سائين تنهنجو مٽ ڪو ناهي ثاني، ڪجا يعقوب يوسف ڪنعاني
ڪجا فردوس[8] طوبي رضواني، ڪجا[9] جنات عدني غلماني
ڪجا موسيٰ ڪجا عيسيٰ روحاني، ڪجا سلطان شهانِ جهاني[10]
ڪيو مون ساڻ هردم اوهي عطاني[11]، رهبر راز جي ڪا رازداني
او سائين ديدار جو امداد ڪر تون، او سائين عشق جو ارشاد[12] ڪر تون
او سائين قلب منهنجو شاد ڪر تون، او سائين خيال منهنجو آباد ڪر تون
او سائين دل منهنجي آزاد ڪر تون، او سائين ڪامل منهنجو اعتقاد[13] ڪر تون
او سائين تون ملائي پاڻ سان ڇڏ، او سائين تون رلائي پاڻ سان ڇڏ
او سائين تون مونکي جيري جلائي ڇڏ، او سائين تون صدقي پنهنجو هلائي ڇڏ
او سائين جام تون مونکي پلائي ڇڏ، او سائين رمز تون مون سان رلائي ڇڏ
او سائين تون جدا نہ مونکي ڪري ڇڏ، او سائين پاڻ سان سدا ڪري ڇڏ

---

۱. خط. ۲. [illegible]ل. ۳. حق وارو. ۴. منهن مبارڪ. ۵. منهن، پيشاني.
۶. پهچ [illegible]
بادشا[illegible]ـاهر هي. [illegible]. ۸. ڇا جو، ڪهڙو. ۹. بهشت جون نعمتون. ۱۰. جهان جو
[illegible]. ۱۲. ارشاد ڪرڻ. ۱۳. ڀروسو.

او سائين ننگ نباهج پنهنجو تون سائين، او سائين سڪ سڳو پنهنجو ساهه سائين
او سائين مل اچي مون سان تون هيڪر، صدق سو وارِ مون وڃان يار جيڪر
او سائين منهنجا هلي آءُ تون هائي، ٿيا هن وره تنهنجي در وڪائي
او سائين سڄڻ ڪنهن وقت ايندين، مُٺيءَ[1] معذور سان هلي هَڪ[2] ٿيندين
او سائين اچڻ جو اهو وقت ڏس تون، او سائين ملڻ جو اهو ڏينهن ڏس تون
او سائين وصل جو اهو وره[3] ڏس تون، او سائين ديدار جوا هو دم ڏس تون
او سائين رهبري جي اوها رات ڏس تون، او سائين پرت جي اوها پرڀات[4] ڏس تون
او سائين همد مٺي جو اهو حال ڏس تون، او سائين اصل جُو[5] احوال ڏس تون
او سائين ديدار جو ڪو جام پيارج، او سائين تون جڏي[6] هيءَ دل جيارج
او سائين سوز پنهنجي ٻر تون ساڙج، او سائين قرب پنهنجي ٻر تون ڪاڙهج
او سائين سر منهنجو سوريءَ تي چاڙهج، او سائين ٻول[7] پنهنجو يار پاڙج
او سائين قتل ڪر تون منهنجو سائين، او سائين وصل ڪر تون منهنجو سائين
او سائين فضل ڪر تون منهنجو سائين، او سائين اصل ڪر تون منهنجو سائين
او سائين ٿي تون مون تي يار راضي، او سائين مونکي محبت[8] آهه مجازي
او سائين جتي قبل[9] ناهي ڪو ماضي[10]، او سائين جتي ملو ناهي ڪو قاضي[11]
او سائين دم بدم آهي تو سان آزي، او سائين شان تنهنجو آهه شهبازي
او سائين ديد تنهنجي آهه درازي[12]، او سائين نورڙن اعليٰ نور روشن آهه فياضي[13]
او سائين طلب تنهنجي تمام آهي، او سائين بيخوديءَ جو جام آهي
او سائين اهو الستي انجام آهي، او سائين صبح نڪو ٿي شام آهي
او سائين ۽ خاص نڪو ٿي عام آهي، او سائين دوئي[14] نڪو ٿي دام آهي

---

۱. ميٺي. ۲. ٻرندي. ۳. سال. ۴. صبح صادق. ۵. ذاتي خبر. ۶. هيٺ [illegible] وعدو.
۸. انسان تي عاشق ٿين. ۹. ايندڙ وقت. ۱۰. گذريل وقت. ۱۱. جج. ۱۲ [illegible]
۱۳. سخاوت. ۱۴. ٻيائي، شرڪ.

Scanned by CamScanner

و سائين خطرو نڪوئي ٻيو خام آهي، او سائين تنهنجو عشق امام آهي
و سائين محب منا ٻن جا مهڻا، دلبر رڪيل دوست قاتل قتل ڪُهڻا
او سائين منهنجا او سائين او سائين، او سائين منهنجا او سائين او سائين
او سائين منهنجا رخ[1] نمائي مونکي تون سائين، او سائين ديده[2] بکشائي تون سائين
او سائين ايتري نٿو دير سهان، او سائين ايتري نٿو ويڙ[3] سهان
او سائين رحم ڪر ڪو مون سان سائين، او سائين ڪرم ڪر ڪو مون سان سائين
عاشق ويچارو مسڪين مسافر، ڪيو پنهنجو تنهن ڪي ڏٺي آدر[4]
او سائين منهنجا هن فيض جي ڪر ڪا، لڳ الله تنهنجي ور ڪرڪا
او سائين مونکي نڪر نڪر ڪري ڇڏ، او سائين مونکي ذرا ذرا ڪري ڇڏ
او سائين ڪهي ڇڏ مانکي هلائي، او سائين رمز رهبر ڇڏ رلائي
ڪري ڪو قياس طالب کي اڄي تار، ڪري در جو گلرڙو يار نٿين ڏار
او سائين مونکي وساري ڇڏ نه سائين، ٻنهي ڏيهن کون ڇڏائي ڇڏ او سائين
او سائين پنهنجو خيال ڏي مونکي تون هردم، او سائين شوق ٻر ڪر شهيد هردم
او سائين عرض عاشق جو اگهائج، ۽ ايهو غرض عاشق جو پڄائج

* *

---

[1] منهن [illegible]اهر ڪرِ. [2] اکين جو ديدار ڪراءِ. [3] وقت. [4] ٺيڪ.

جهولڻا

⁂

ڪنهن سانگ سُهائي[1] اپني دلبر ڪالهہ نہ آيون گهٽي
آڪيم تو دل گهٽي
ڪنهن خواهش سودي سُودي آج نہ آيون هٽي
آڪيم تو دل هٽي
نال خويشاندي[2] خوشي ڪيتئي راند عجب تو ڪٽي
آڪيم تو دل ڪٽي
عاشق گهايل ڦٽيل اپني ڪون تئن نہ ٻڌي ڪا پٽي
آڪيم تو دل پٽي
راضي ڪرڪي ٻيٺئين اپنا ڪڙم[3] قبيلا عاشق ڪيتئي ڦٽي
آڪيم تو دل ڦٽي
مرض محبت دي ماريا مئن ڪون تئن رين[4] هجر نا ڪٽي
آڪيم تو دل ڪٽي
قربان ٿيوان وسار ٻيٺين تون محبت ميل ڏنهن مٽي
آڪيم تو دل مَٽي

---

١. آسرو، وَسَنوَ ڏي وڃڻ. ٢. مٽ مائٽ. ٣. ويجها مائٽ. ۴. جدائيءَ واري را[illegible]
۵. ڦيرائي.

* * *

سوز فراق تنھنجي ھيءَ دل ساڙي سا بات ٻڌايان ڪيھي
چيم تہ ڳالھہ چوان توکي ڪيھي
ھجر فراق منھنجي جون آھون سڻ سھڻل تون ويھي
چيم تہ ڳالھہ چوان توکي ڪيھي
ڪٿن ڪيان مون ڏس ڏي سائين جو راز تنھنجي ھي دل ريھي[1]
چيم تہ ڳالھہ چوان توکي ڪيھي
مونکي ماري دلبر يار وساري تون ڏيہ ٿڪين وڃي ڏيھي[2]
چيم تہ ڳالھہ چوان توکي ڪيھي
اھڙو اعتبار نہ ھو منھنجو تو ۾ تنھنجي مائٽن ڪٿن دل ريھي
چيم تہ ڳالھہ چوان توکي ڪيھي
ھٿي ھٿي اندوہ[3] درد تنھنجي جي ۾ دلبر ٿي دکي منھنجي ديھي
چيم تہ ڳالھہ چوان توکي ڪيھي
قولھ نہ عيب عاصيءَ جا ھرگز سائين آءُ پرين ٻکي منھنجي پيھي[4]
چيم تہ ڳالھہ چوان توکي ڪيھي
سا ٻڌايان ڪنھن کي سھڻا سائين تو جانب ڪٿي آہ جيھي
چيم تہ ڳالھہ چوان توکي ڪيھي
اڳي جيئن ھئين تون مون سان دلبر وري ھاڻي رمز رکہ تون تيھي
چيم تہ ڳالھہ چوان توکي ڪيھي
مرل ھيءَ مسڪين مسافر پرتو ٿي سائين توکي سڄڻ پرين پرڏيھي
چيم تہ ڳالھہ چوان توکي ڪيھي

---

١. ريجهو [illegible] ي ديس. ٣. تمام گهڻو درد. ٤. اچن. ٥. جهڙي.
١. مر [illegible]

⁂

جڏهن پور پون تا دلبر تنهنجا تڏهن رهبر ويهان روئي
چيم تہ حال چوان ڪنهن کي روئي
حال واقف توهين يار پيارا ٻيو واقف ناهي ڪوئي
چيم تہ حال چوان ڪنهن کي روئي
ائين هئي ڪا ٻاب[1] منهنجي ٻر ڏکن تنهنجي جي ڏوئي
چيم تہ حال چوان ڪنهن کي روئي
اڄي ميتين هان عيب عاصيءَ جا دفتر[2] ڪلئي ڏوئي
چيم تہ حال چوان ڪنهن کي روئي
ڪين لاهين هان ڪڏهين دلبر تون لالن لاکي[3] لوئي
چيم تہ حال چوان ڪنهن کي روئي
سير[4] نہ رکيئي سهٽا سائين ور ڪري وينئين ٻيوئي
چيم تہ حال چوان ڪنهن کي روئي
چڱو ڪيئي بخت[5] وريئي شابس توکي ويهي هٽ ڪيئي ساڳوئي
چيم تہ حال چوان ڪنهن کي روئي
هاڻي سائين قري کي ٻيو تئين او سائين تون جانب هئين جوئي
چيم تہ حال چوان ڪنهن کي روئي
بحر فراق تنهنجي پريو ائين جيئن آب جي پرجي اوئي
چيم تہ حال چوان ڪنهن کي روئي
دل تہ منهنجي دلبر توسان سائين هئي هئي ڪيهي شامل هوئي
چيم تہ حال چوان ڪنهن کي روئي
ميرل هن مسڪين مسافر جي تو دل سڄڻ ڪئن پوئي
چيم تہ حال چوان ڪنهن کي روئي

---

١. قسمت. ٢. لکت. ٣. ڳاڙهي، ڳاڙهي ڪونئر سان رڱيل اجرڪ. ۴. پاڪد[illegible] - سٺي.
٥. ڀاڳ ورڻي. ٦. ڪلي- ٻاٽيءَ جي مشڪ، سانداري. ٧. قاسائي.

* * *

رمز لائي رولـيـئـي رُنج ۾ ڪـيـئـي ڪـان وفـائـي
چيـر تـہ عـمر وڃايـم اجائـي
درد فـراق تـنـهـنـجي ائـين ڪـيـو جئـن ڪجي خونـبـهـائـي[1]
چيـر تـہ عـمر وڃايـم اجائـي
وڏي امـيـد آسـرو هـو تـو ۾ پـر پـلـيءِ[2] نـہ ڀـڏم پـائـي
چيـر تـہ عـمر وڃايـم اجائـي
خيـال پـلـڻ ۽ وسـاري وهـڻ جي تـوڪـي تـہ مـت[3] آئـي ڪـائـي
چيـر تـہ عـمر وڃايـم اجائـي
هوت هئين تون همدم مونسان هاڻي ڪيئي ڪيئن جدائي
چيـر تـہ عـمر وڃايـم اجائـي
ڪـيـر گـدائـي سـهـٺـا تـو لـيءِ تـوڪـي تـرس نـہ آئـي ڪـائـي
چيـر تـہ عـمر وڃايـم اجائـي
تـوڪـي اهـڙي هـئـي ڪـا مـن ۾ تـہ تـو اڳي چونـہ ٻـڌائـي
چيـر تـہ عـمر وڃايـم اجائـي
شڪر ٿيو پنهنجا مت مائٽ سجاتئي ڪيئي عاشق ساڻ ادائي[4]
چيـر تـہ عـمر وڃايـم اجائـي
پنهنجا لڳئي مٺا گهڻو پيارا ڪيئي عاشق سان تلخائي[5]
چيـر تـہ عـمر وڃايـم اجائـي
الين ڪئن روليئي هن روهن ۾ توڪي اها سرت[6] ڪنهين سمجهائي
چيـر تـہ عـمر وڃايـم اجائـي
ڀيرل هن مسڪين يتيم عاشق سان تو ڪئي ڪين فدائي[7]
چيـر تـہ عـمر وڃايـم اجائـي

---

١. خون جهي [illegible] جهوليءَ ۾. ٣. صلاح. ۴. پيائي. ۵. تکائي، ڪاوڙ.
٦. مرشد [illegible]

* * *

دلبر منهنجا يار پيارل سائين مون سان ڪئي تو ڪيئن ڀڳي[1]
چيم تہ دل منهنجي ڪيئن ڀڳي
ڳالهہ ڳڻن[3] جي دلبر سائين منهنجا ڪانہ توکي ڪا لڳي
چيم تہ دل منهنجي ڪيئن ڀڳي
هئي هئي يار وساري ڪئن ويئين دلبر پائي سهڪ[4] جي سڳي
چيم تہ دل منهنجي ڪيئن ڀڳي
مونکي تنهنجي جيء جيارا جانب تار[5] طلب جي تڳي
چيم تہ دل منهنجي ڪيئن ڀڳي
هئي هئي سوز فراق تنهنجي جي سهڻا ڪا تار اندر ۾ وڳي
چيم تہ دل منهنجي ڪيئن ڀڳي
ڪاٿون سڪئين تون سهڻا سائين دل لٽڻ جي ٺڳي
چيم تہ دل منهنجي ڪيئن ڀڳي
روح ريجهائي خوش ٿئين مائين توکي ڪنهين ڏسي اها ٺڳي
چيم تہ دل منهنجي ڪيئن ڀڳي
ائين لائق نہ هو توکي يار پيارا خوش ٿي هئين ڪڳي[6]
چيم تہ دل منهنجي ڪيئن ڀڳي
ميرل هن مسڪين مسافر جي درد تنهنجي دل ڏڳي[7]
چيم تہ دل منهنجي ڪيئن ڀڳي

---

١. جدائي. ٢. ٽٽي. ٣. قربن. ۴. يارانو. ۵. يادگيري. ٦. ڪلڻ. ٧. ڦٽي.

❋

هئي هئي دلبر منهنجا دوست پيارا وڌءِ ڳل ڳچيءَ ۾ ڳارو
چيم تہ ڪئن ڪيءَ يار وسارو
هي اڏي ويئي ڪئن اندر ۾ عاشق جي اوتارو
چيم تہ ڪئن ڪيءَ يار وسارو
هي ظاهر باطن آهي سهڻا نيهن تنهنجي جو نعرو
چيم تہ ڪئن ڪيءَ يار وسارو
هي ياڪي[١] باقي يار وڃي ٿئين دلبر دوست نيارو
چيم تہ ڪئن ڪيءَ يار وسارو
هئي هئي وڇوڙو جي جالڻ[٢] جو مونکي ڏنيءَ ڪونہ اشارو
چيم تہ ڪئن ڪيءَ يار وسارو
هئي هئي جدائي ۽ وره تنهنجي جو بار آهي بارو[٣]
چيم تہ ڪئن ڪيءَ يار وسارو
ڪئن بحر[۴] فراق ۾ سٽيءَ[۵] دلبر مان طالب هوس نہ تارو[٦]
چيم تہ ڪئن ڪيءَ يار وسارو
ڪيم حيلا هزارين توکي دل[illegible]ائين پائي پاند ڳچيءَ ڳل ڳارو
چيم تہ ڪئن ڪيءَ يار وسارو
سواء تنهنجي [illegible]بر سائين منهنجا پيو ڪونہ آهي مونکي چارو
چيم تہ ڪئن ڪيءَ يار وسارو

---

١. ٻَڪي [illegible]. ڳالڙ. ٣. ڳورو- وزندار. ۴. جدائي جو سمنڊ. ۵. اڇلائيني.
٦. [illegible]

او سائين لڳو هوس مان لڙه لاثاني تنهنجي پهو جنم لوڪ جو لارو
ڇيهر تہ ڪئن ڪيہ يار وسارو
جالب تنهنجي يار جدائيءَ ڪون ويو وجود سڙي سڄو سارو
ڇيهر تہ ڪئن ڪيہ يار وسارو
جدا جالڻ ڪون جالب سائين مولڪي مرڻ آه موچارو[2]
ڇيهر تہ ڪئن ڪيہ يار وسارو
توريءَ هرڪز نتو لڳي سائين منهنجا ڪو هت منهنجو شب[4] گذارو
ڇيهر تہ ڪئن ڪيہ يار وسارو
شڪر ٿيو جو تنهنجي ڀاڳي بخت جو ڪو دريو[6] دلبر ڏارو
ڇيهر تہ ڪئن ڪيہ يار وسارو
پسي هي سور سڄڻ امي تنهنجا هي عاشق ٿيو ويچارو
ڇيهر تہ ڪئن ڪيہ يار وسارو
ڪيئن خوش ٿي ورين[7] گهرين وينين مون ذهن ڪري وسارو
ڇيهر تہ ڪئن ڪيہ يار وسارو
شاهس لڳيہ پنهنجا مالڪ منا منهنجو ڪيئي ڪوله سنڀارو[8]
ڇيهر تہ ڪئن ڪيہ يار وسارو[9]
همدم هڪين تون هردم مون سان هالي ڪئن ڪيئي ڪنارو
ڇيهر تہ ڪئن ڪيہ يار وسارو
ميرل من مسڪين مسافر برو ڪو والي ورالهندو وارو
ڇيهر تہ ڪئن ڪيہ يار وسارو

---

١. لاري، پيغان. ٢. دنيا جو سهارو. ٣. سلو. ٤. رات گذارڻ. ٥. حصي. ٦. دا [illegible]
٧. پنهنجي گهر. ٨. يادگيرو. ٩. جدائي.

❋

ياد ڪري تنهنجون اڳيون ڳالهيون سائين ساه گهٽو توکي ساري
چيم تہ وينئين ڪيئن وساري
راتيان ڏينهان روح رڙي ٿو هئي هئي سڄڻ توکي ساري
چيم تہ وينئين ڪيئن وساري
سائين روز ڏهاڙي راه نهاريان سائين اچي مان[1] اوتاري،
چيم تہ وينئين ڪيئن وساري
ڇڏي پنهنجا ڪڙم قبيلا سيئي لڳس تنهنجي لاري
چيم تہ وينئين ڪيئن وساري
هئي هئي مونکي سڄڻ ڳالهہ انهيءَ جو سائين ڳاراڻو[2] ٿو ڳاري
چيم تہ وينئين ڪيئن وساري
هيءَ باقي آهي خيال اندر ۾ تنهنجو سائين پيا وهم ڇڏيم واڙي[3]
چيم تہ وينئين ڪيئن وساري
هيءَ ديدار پنهنجي ڪئون دلبر سائين مانکي لالن ڇڏ نہ لوڙاري[4]
چيم تہ وينئين ڪيئن وساري
هي بنا توريءَ ساه منهنجو سائين او هت گوندر منجهہ گذاري
چيم تہ وينئين ڪيئن وساري
اتم اميد اندر ۾ اها بلڪل مان يار اچي مون وٽ گهاري[5]
چيم تہ وينئين ڪيئن وساري
ساه توکي منهنجو ساريون[6] دلبر او سائين هئي هئي هنجون هاري
چيم تہ وينئين ڪيئن وساري
اندر منهنجي کي عين آئينو[7] ڪري او سائين مان ڏي عشق اوجاري
چيم تہ وينئين ڪيئن وساري
من فراقي[8] فقير قتيل کي او سائين شل ساجن سڏي سنياري
چيم تہ وينئين ڪيئن وساري
ميرل من مس[illegible]ين مسافر کي من طالب ڪري تاري
چيم تہ وينئين ڪيئن وساري

---

۱. جيڪر. ۲. [illegible] اٿي. ۳. مٽائي. ۴. ٽڙاٽي. ۵. گذاري. ۶. سنهاريون. ۷. صاف آئينو.
۸. جدائي [illegible]

❄

خويشؤن پنهنجي ناتو لاتيءِ نيهن نہ نباهيءِ توکي ڳالهہ اها ڪنهن سلي[1]
چير تہ دل تو سڄڻ ڪيئن پلي[2]
عاشق جو هي حال پسي سڀ هيٺو ويتر تون هوت نہ آئين هلي
چير تہ دل تو سڄڻ ڪيئن پلي
انهيءَ جدائيءَ ڪون هٺي هٺي جانب جيءَ جوشن ۾ ويو جلي[3]
چير تہ دل تو سڄڻ ڪيئن پلي
هاڻي خويش اقرب[4] ڪئي ڪل پنهنجا اها جاگير عجب توکي ملي
چير تہ دل تو سڄڻ ڪيئن پلي
انهيءَ بيوفائي ڪرڻ نہ رهائڻ جي اڳي ڳالهہ چئي چونہ ڳلي
چير تہ دل توسڄڻ ڪيئن پلي
شابس پنهنجا ساريءِ چڱو دوست وساريءِ هاڻي ڏيهہ ڪيءِ پنهنجي[6] نلي
چير تہ دل تو سڄڻ ڪيئن پلي
ائين ڇاتيءِ پيچ نہ پاتيءِ ڇاڪون دلبر تو رمز مونسان نا رلي
چير تہ دل تو سڄڻ ڪيئن پلي
سبب اهو ڪيهو ڇئين تون سائين دلبر ڇاڪؤن ڇڏي تو ڳلي
چير تہ دل تو سڄڻ ڪيئن پلي
اڄڻ وڃڻ رهڻ عجيب اڳڻ منهنجي جي ڪيئن بند واٽ ڪري تو جهلي
چير تہ دل تو سڄڻ ڪيئن پلي
ميرل هن مسڪين مسافر غريب جي شـ[illegible]ڪا ڀلو[7] ڪندو يلي
چير تہ دل تو سڄڻ ڪيئن پلي

---

۱. پڌائي. ۲. مڻائي. ۳. سڙي. ۴. ويجها مائٽ. ۵. علائقو. ۶. ذاتي. ۷. خدا. [illegible]

❋

منهن موڙيئي منهن ڇاڪون يا تہ حبيب[1] عاشق جا پسي[2]
ڇهر تہ دل تنهنجي ڪٺن ڪسي
گهرجي نہ ائين ڪيو جيءَ دلبر سائين کي ڏکہ ڏولاوا ڏسي
ڇهر تہ دل تنهنجي ڪٺن ڪسي[3]
ڪيئن مونکي ڪيو هوءِ ڳهڻو[4] ڳچيءَ جو جيئن هار پائجي هسي
ڇهر تہ دل تنهنجي ڪٺن ڪسي
ڇاڪون وئين تون يار پيارا تاڪون مشتاق تنهنجا پيا مُسي[5]
ڇهر تہ دل تنهنجي ڪٺن ڪسي
اول دل ڦري منهنجي فاني ڪري پوءِ رهبر ڪيئن وئين رسي
ڇهر تہ دل تنهنجي ڪٺن ڪسي
مٺي مائٽن جي ڪا لڳي توکي لالن گهاتي مٺي مٺي لسي
ڇهر تہ دل تنهنجي ڪٺن ڪسي
گهربو نہ هو ائين پر جس هجي توکي جسي
ڇهر تہ دل تنهنجي ڪٺن ڪسي
ڏوڻي ها حبيب منهنجا ڪلڪي تئين هان ڪڪر رحمت جو وسي
ڇهر تہ دل تنهنجي ڪٺن ڪسي
منهن مڙوئي گهڻو آهي مالڏي جو پيس نہ ڪامل ڪُسي ميجر جو
حرف مڙئي مالڏي ٿمڙا جو صدقي ساه نہ ڪير سسي
ڇهر تہ دل تنهنجي ڪٺن ڪسي
مٺي مٺي ديدار تنهنجي جي دلبر سائين ڏاڍي طلب آهي مونکي تسي[7]
ڇهر تہ دل تنهنجي ڪٺن ڪسي
مٺي مٺي آه بيماري بره تنهنجي جي تون رنج لاه رليل تون رسي
ڇهر تہ دل تنهنجي ڪٺن ڪسي
مٺي مٺي نالهن جمعيت[8] جي جان [illegible] لڳي مائٽن جي آه چشي[9]
ڇهر تہ دل تنهنجي ڪٺن ڪسي
ميرل هن مسڪين مسافر کي ڪا وڏه وره جي رسي
ڇهر تہ دل تنهنجي ڪٺن ڪسي
ميرل هن مسڪين مسافر کي ڪا وڏي وره جي رسي
ڇهر تہ دل تنهنجي ڪٺن ڪسي

گناه. ٢. [illegible] ٣. ڪَتِري. ٤. زيور. ٥. مُنجهي. ٦. شاباس. ٧. پياس. ٨. قرار.
پياس-

جهولڻا

هن نماڻي عيبن هاڻيءَ کي لالن[1] ڪيئن لوڏاريءِ[2]
چيم ت هئي هئي ڪيئن يار وساريءِ
محبت پنهنجي سان سپرين ساه منهنجو نا ٺارئي
چيم ت هئي هئي ڪيئن يار وساريءِ
عاشق عاجز هن غريب کي مهجوريءَ[3] ۾ ڪئن ماريءِ
چيم ت هئي هئي ڪيئن يار وساريءِ
ٻيلي ٻانهو پنهنجي در جو دلبر سائين ڪتو ڪري نا ڌاريءِ
چيم ت هئي هئي ڪيئن يار وساريءِ
خوش ٿي وينين ياڪي ساجن سانول ڪين سنياريءِ
چيم ت هئي هئي ڪيئن يار وساريءِ
ڏئي اندوه ويڙهي غمن ۾ وئين منهنجو اندر ڪين اوجاريءِ
چيم ت هئي هئي ڪيئن يار وساريءِ
افسوس آهي اندر ۾ بلڪل ڏاڍو نه گڏجي مونسان گهاريءِ
چيم ت هئي هئي ڪيئن يار وساريءِ
ڪيءَ ڪلور[4] ڪيس ڪيڏو جو طالب کي نه تاريءِ
چيم ت هئي هئي ڪيئن يار وساريءِ
هئي هئي حاذق[5] هوت حبيب پيارا جو خيال موڏنهن ڪئن واريءِ
چيم [illegible] هئي ڪيئن يار وساريءِ
[illegible] ل ڪنهن سيکاريئي
خويش اقرب پنهنجا ڪري وينين ائين سهـ [illegible]
چيم ت هئي هئي [illegible] ڪيئن يار وساريءِ

---

١. محبوب. ٢. ترايني. ٣. وڇوڙي ۾. ٤. ڏاڍائي. ظلم.
٥. اهو حڪيم جيڪو شفا ڪري.

مالي خوش ٿئين جو مانت لڳٽي منا پر چڙهه اهو دڳ[1] ڪنهن ڏيکارئي
چيم ته هڻي هڻي ڪيئن يار وساريءِ
ڳڻ ڪوئي ياد پيو هو توکي جو نظر ڪري نه نهاريءِ
چيم ته هڻي هڻي ڪيئن يار وساريءِ
واٽ وحدت[2] جي ورتيءِ نه ڪائي ڪٿي پيالو پرم جو هاريءِ
چيم ته هڻي هڻي ڪيئن يار وساريءِ
ڪاٽ جدائي جو دلبر سائين منهنجا ڪو عاشق تي اوياريءِ
چيم ته هڻي هڻي ڪيئن يار وساريءِ
نسنگ[3] نيزو نيهن نباهڻ جو ڪو عاشق تي اولاريءِ
چيم ته هڻي هڻي ڪيئن يار وساريءِ
داغ اندر ۾ آهي دلبر سائين منهنجا جو اتي جوش ڪري خيال ورهاييءِ
چيم ته هڻي هڻي ڪيئن يار وساريءِ
ماري مونکي او سائين منهنجا او جانب ڪين جياريءِ
چيم ته هڻي هڻي ڪيئن يار وساريءِ
لائق توکي ائين نهو منا سائين جو هٿ ڳارائي ۾ ڳاريءِ
چيم ته هڻي هڻي ڪيئن يار وساريءِ
ميءِ شهادت[4] شوق پنهنجي جو پر پيالو ڪين پياريءِ
چيم ته هڻي هڻي ڪيئن يار وساريءِ
ميرل هن مسڪين [illegible] ڪي عرشن تي ته اڏاريءِ
چيم ته هڻي هڻي ڪيئن يار وساريءِ

* *

---

١. رس [illegible] ٢. هيڪڙائي. ٣. بي ڊپو ظاهر ظهور. ٤. خدا جي راهه ۾ مرڻ.

جھولڻا

نيهن[1] نهوڙيو نازڪ تنهنجي دل ڏکن آه ڏنگي
چيير تہ سور سڄڻ جا ٿيا سنگي[2]
داغ جدائيءَ جي دردئون دلبر منهنجا هيءَ تمام ڪيءَ آه تنگي
چيير تہ ڏک دل ڪيئن تنهنجي ڏنگي[4]
ڪان هٿي وئين ڦهري قاتل منهنجا تون ڪو جوان آهين ڏاڍو جنگي[3]
چيير تہ تو دل سڄڻ ڪيئن ونگي
ور ويچوڙي ڪيون هي ڪاريون سور ٿيا تنهنجا سنگي
چيير تہ ڏک تنهنجي دل ڏنگي
ٿي شاهنشاه هلان ڪيءَ ڪيڏي ڪامل پائي ڪلنگي
چيير تہ تون جوان آهين ڪو جنگي
وجهي پيچ پريت جا بلڪل قابو پختا تو دل سڄڻ ڪئن ونگي
چيير تہ ٻاڻ تنهنجي دل ٻنگي
ماري مشتاق[5] چڙئي رولي تون ڪو رانول[6] آهين رنگي[7]
[illegible] تہ ساجن تي نہ تون سنگي
سائين ڪئن ڪيان ويچان هائي ڪاڏي جو ٻاڻ[8] تنهـ[illegible] آهي دل ٻنگي[9]
چيير تہ مان محبت [illegible]نجي منگي

---

١. عشق ماريو. ٢. سنگتي. ٣. جنگ ڪرڻ وارو. ٤. قاسائي، ھڏي. ٥. عاشق
٦. سهڻل. ٧. رنگن وارو. ٨. تير. ٩. نشان ڪني.

دان ڏياريو دلبر سائين جو مان لالن آهيان تنهنجي لنگهي[1]
چيم تہ دل عشق ۾ تنهنجي انگي
راليان ڏيهان جيءَ الدر ۾ جالب تنهنجي ڏاڍي طلب آهي تشنگي[2]
چيم تہ تون نرمل آهين ننگي
بار ڪٽيج دلبر دوست ڪهيل جو جو منهنجو لنگ توتي آهه ننگي
چيم تہ ڪو ماريو تير تفنگي
عشق تنهنجي ۾ يار پيارل سائين دل منهنجي آهي انگي[3]
چيم تہ تون ظالم آهين زنگي[4]
ملي هلي ماريءَ قلب منهنجي ۾ ڪو ڪهڙي تير تفنگي
چيم تہ دلبر درد تنهنجي دل دنگي
ميءَ حال منهنجو ٿيو آهه اهڙو جئن يارن ڪي ٿلي ڪنگي
چيم تہ دل چوٽ عشق جي چنگي
رلڪي وڪوڙي ڦاهو ڪيڙيہ سائين منهنجا تون ظام آهين زنگي
چيم تہ دل سُور تنهنجي آهي تنگي
ڪڻ ڪيان ڪنهن کي دالهن ڏيان هي درد تنهنجي آهه دنگي
چيم تہ دل ڏکن آهي ڏنگي
ميرل هن مسڪين مسافر کي آهي محبت تنهنجي منگي
چيم تہ دل محبت تنهنجي منگي[5]

* *

---

١. مگنهاري. ٢. [illegible] پياس. ٣. ڦاٽي، اڙي. ۴. ويري. ٥. گهري.

جهولڻا

ڏکن مونکي ڏني آه ڏيکاري ٿيا جوش جگر ۾ جاري
چير تہ ڏادي پرت تنهنجي آه پياري
ٻاٽ منهنجي ڪا نامي بيشڪ بلڪل جو آهي بار بره جو ڀاري
چير تہ ڏادي پرت تنهنجي آه پياري
هاڻي هيءَ تون ويهہ نہ وساري دلبر ڏار نہ ڪر تون ڏاري
چير تہ ڏادي پرت تنهنجي آه پياري
اڄ جي هرگز عجب مون ڏنهن تون ڪا کهوٽ نہ وجهہ تون کهاري
چير تہ ڏادي پرت تنهنجي آه پياري
بره بيمار ڪيو مونکي آه بيشڪ ضعيفون ڪيان ٿو زاري
چير تہ ڏادي پرت تنهنجي آه پياري
حال منهنجو ٿيو آه اهڙو جئن پوکہ ڪي لڳي اڳاري
چير تہ ڏادي پرت تنهنجي آه پياري
راتيون ڏينهان روح منهنجي ۾ آهي بيحد بلڪل بيقراري
چير تہ ڏادي پرت تنهنجي آه پياري
هاڻي ڪيئن وساريءَ ويهي تو هي جنڏي دل جياري
چير تہ ڏادي پرت تنهنجي آه پياري
وني وحدت وره جي پنهنجي جي تو ٻارل هيءَ پياري
چير تہ ڏادي پرت تنهنجي آه پياري

---

۱. سامهون آيا. ۲. ڳالهه - سُخن ۳. ڦري ۴. تڪليفن ۾. ۵. ميڻ

سڪ تنهنجيء سانول سهڻا وڌي هيء ڪا ڳل ڳچيء ۾ ڳاري
چير تہ ڏاڍي پرت تنهنجي آه پياري
محبت جو مشتاق جي من ۾ ڪو مار وڌء هيء ماري[1]
چير تہ ڏاڍي پرت تنهنجي آه پياري
ميڪر اچي يار پيارا هاڻي تو سڙي دل نا ٺاري
چير تہ ڏاڍي پرت تنهنجي آه پياري
ڪر گل گلعذار گلشن جان دلڪي باغ ڪري گلزاري
چير تہ ڏاڍي پرت تنهنجي آه پياري
هٿي هٿي يار عجيب مان توتئون سر صدق[2] ڪيان سؤ واري
چير تہ ڏاڍي پرت تنهنجي آه پياري
هٿي هٿي جانب جيء منهنجي ۾ ڪان هنيئي ڪو ڪاري
چير تہ ڏاڍي پرت تنهنجي آه پياري
هردم مونکي آهي دلبر تنهنجي تڳا[3] دم دم دلبر تاري
چير تہ ڏاڍي پرت تنهنجي آه پياري
سهڻا تنهنجي سڪ ۾ سانول عمر وڃايم سڄي ساري
چير تہ ڏاڍي پرت تنهنجي آه پياري
ميرل هن مسڪين مسافر سان تون يار رکج ياري
چير تہ ڏاڍي پرت تنهنجي آه پياري

---

١. شڪاري. ٢. گهوريان. ٣. آسرو.

جهولڻا

سد سماءِ[1] لاءِ ڪوله عاشق جو توکي مانٽ پنهنجا لڳا منا
چهر ته اهڙا سور نه مان ڪي ڏٺا
هٽ ڪري ويٺين سيڪي پنهنجا ڪل نمبر ڪاتا چٽا[2]
چهر ته اهڙا سور نه مان ڪي ڏٺا
ملهائي خويش اقرب پنهنجا شاباس چڱا ڪيئي چٽا
چهر ته اهڙا سور نه مان ڪي ڏٺا
اصل خيال ڪو جدائي جو هيو دلبر قربان تو اهڙا ڏک پئي ڪيئن سٺا
چهر ته اهڙا سور نه مان ڪي ڏٺا
نتي جاتم ته ڪو اهڙو ويڙهل[3] ٿيندو جو محبت وارا ڪٺن منا
چهر ته اهڙا سور نه مان ڪي ڏٺا
هٽي هٽي منهنجي سوز الدر جا پريا تلاو ترايون چٽا[4]
چهر ته اهڙا سور نه مان ڪي ڏٺا
جي گهايل آهن گهور تنهنجي جا سي ڪوڪان ڪن ٿا ڪٺا
چهر ته اهڙا سور نه مان ڪي ڏٺا
ڏک ڦٽ دلبر درد تنهنجي جا منهنجي لنگن تي هن لٿا
چهر ته اهڙا سور نه مان ڪي ڏٺا
مچ مجاز محبت جا الدر ٻر ٻره ٻاريا ٻٺا
چهر ته اهڙا سور نه مان ڪي ڏٺا
ميرل هن مسڪين يتيم تي منهن محبت جا الٿ[5]
چهر ته اهڙا سور نه مان ڪي ڏٺا

---

[1] سار سنڀال. [2] ظاهر. [3] ظلم. [4] ڏُٻا. [5] وَسيا.

ڏوهيڙا

مکتوبات

Scanned by CamScanner

ڏوهيڙا

وحدت مان ڪثر ٿي وحدت ڪثرت ڪُل
نامرادي نجهرو ويراڳن وصل
منجهون ناه اصل ميرل مدامي ٿيو

ڏوهيڙو

وڄ[1] مان ڳاج مان ٻاد[2] مان باران[3]، عرش مان فرش مان زمين مان آسمان ملڪ مان فلڪ[4] مان خلق مان جهان، عرب مان عجم مان مڪو مان ملتان اڳم مان ٻيغم مان سنڌ مان هندستان، مشرق مان مغرب مان ايران مان توران جنوب مان شمال مان هرات مان سيستان، ڪپالي مان يوناني مان هندو مان مسلمان ڪنماني مان جيلاني مان سرمان سبحان، مصري[6] مان بصري مان مان گنگا مان اشنان[5] فقري مان فخري مان غازي مان ميدان، ڪٿا[7] مان وارتا مان گيتا مان پران[8] عربي مان پارسي مان حديث مان قرآن، حاذق[9] مان طبيب مان مان حڪيم مان لقمان درد مان دوا مان دارو مان درمان[10]، دانه مان مرغ[11] مان دام مان درميان صيد مان صياد[12] مان بسمل[13] مان قربان، قتل مان ڪباب مان پخته[14] مان بريان[15] سيخ[16] مان آتش مان تل قل مان قربان، رمز مان غمزه مان جادو مان عجب چشمان ابرو مان مرڳان مان تير مان ڪمان، عاشق مان معشوق مان حال مان حيران طالب مان مطلوب[17] مان ساقي[18] مان ميخانه، آه مان فرياد مان نعرو مان نيشان بلبل مان شيدا مان باغ مان بستان، سرو مان سوسن مان عنبر مان ارغوان سنبل مان نرگس مان ڪيتڪي مان زعفران [illegible] مان ترمان بحر مان بيابان درخت مان ميوه مان وسن[illegible] مان ويران، جهنگ مان رنگ مان جبل مان ريگستان شهر مان بازار مان [illegible]رح مان طولان، نبي مان ولي مان جوش مان جولان

---

۱. آسماني ڪتو[illegible] ۲. هوا. ۳. مينهن. ۴. آسمان. ۵. وهنجڻ.
۶. حق جو[illegible] پر وڏهن وارو. ۷. ڳالهه. ۸. هندن جو ڪتاب. ۹. وڏو حڪيم.
۱۰. دوا [illegible] ۱۱. پکي. ۱۲. شڪاري. ۱۳. اڌ ڪُٺل. ۱۴. پڪل. ۱۵. رڌل
۱۶. باه[illegible]روت. ۱۷. مرشد. ۱۸. پيرِ مغان.

غوث مان قطب مان هادي مان حنان، صغير مان ڪبير مان مجنون مان مستان نانڪ مان ڪبير مان ڀڳوت مان ڀڳوان، احد مان احمد مان بيان مان بي بيان سرمان بي سرمان آدم مان انسان، خفي مان جلي مان سري مان سبحان حد مان لاحد مان نفي مان نسيان، شمس[۱] مان قمر[۲] مان تجلو مان تجلان ساقي مان باقي مان جام مان پيمان، اول مان آخر مان مڪان مان لامڪان حاضر مان ناظر مان فائض فيض رسان، هادي مان مهدي مان ميرل مان ميخانه سرمان بي سرمان بيخود مان بي اختيار، دائم مان قائم مان قادر مان قهار عرش مان ڪرش مان ارض مان اسرار، فلڪ مان ملڪ مان مالڪ مان مختيار رمز مان غمزه مان چشم مان چمڪار، عاشق مان معشوق مان حسن مان سينگار مرغ[۳] مان دام مان صياد مان شڪار، قيد مان لاقيد مان بي شڪ مان بيدار[۴] سوز مان[۵] گداز مان درد مان ديدار، فراق مان اشتياق[۶] مان جوش مان جهار ميرل مان ميخانه مان صوفي مان اظهار[۷]، جام مان شراب، مان ساقي مان سردار[۸]

* *

ڏوهيڙو

جيجل جوڳيڙن جا ڪهڙا پڇين پار، چاڪي هين چتن ۾ لالن لتن وار
اٺئي پهر انهن کي گويا هي ڪنتا لاءِ، ميرل مرد ميار، ڳر کي ڳڏيا ڪاپڙي

---

۱. سج. ۲. چنڊ. ۳. پکي. ۴. هوشيار. ۵. درد، ڳارائو. ۷. ظاهر، چٽو [illegible] ۸. اڳواڻ.

مڪتوب اول روپ ڪنيات

او سائين سردار سرور او سائين مختار مظفر او سائين دلدار دلبر او سائين غمخوار[1] گوهر او سائين منٺار منهنجا او سائين توريءَ آءِ پريشاني او سائين سواءِ تنهنجي پريشان حال ۽ عاجز ٿي پيو آهي او سائين توريءَ ڪنهن ساڻ مي ڏک جو احوال اوريان[2] او سائين ڪنهن کي درد جي دانهن ڏيان ۽ ٻيو ڪير ٻڌندو ۽ ڪنهن کي سائين ترس پوندو او سائين ڇڏ تہ ٻيو ڪير آهي منهنجي حال جو ڄاڻي ۽ سائين ڪنهن کي سڌ نہ آهي تہ سائي ۽ سائين ڪنهن کي خبر نہ آهي ڪائي، او سائين بنان تنهنجي آهي پريشاني ۽ ڏاڍي آهي حيراني تلف[3] ٿي آءِ زندگاني پسان تنهنجي شال پاڪ پيشاني او سائين تنهنجو آهي حسن حقاني او سائين تنهنجي صورت آهي سبحاني، او سائين توتي آهي راز رباني، او سائين تنهنجي پاڪ آهي پيشاني او سائين تنهنجو رخ آهي نوراني او سائين ڪر ڪا مهرباني اوس اڻين او سائين تون آهين لامڪاني بقاءِ قديم جاوداني او سائين ديدار جو امداد ڪر او سائين عشق جو ارشاد[4] ڪر او سائين دل جو قطرو آباد ڪر او سائين خيال منهنجو سدائي شاد ڪر او سائين دل منهنجي آزاد ڪر او سائين خام خيال ٻيا ڪليءَ افراد ڪر او سائين ڪامل منهنجو اعتقاد[5] ڪر او سائين ٻره جو بنياد ڪر او سائين او سائين او سائين پاڻ ساڻ ملائي ڇڏ او سائين جيري جلائي ڇڏ او سائين جدا نہ ڪري ڇڏ او سائين پاڻ سان مدا ڪري ڇڏ او سائين فدا ڪري ڇڏ او سائين ننگ نباه او سائين [illegible] او سائين سڪ سڳو مٿي ساه او سائين ٻيو ناه نہ ٻيو ڪو [illegible] او سائين مون سان ٿي تون هيڪالدو، او سائين توريءَ من گهٽو آه مال[illegible] او سائين توکي آءِ الله ڪٿي آلدو او سائين مل اڇي هيڪر تہ صدق سو[illegible] وڃان جيڪر او سائين هلي اچ هاڻي وره ٿيا آهن تو در وڪاڻي، [illegible] ڪنهن وقت ڪڏهن مون وٽ ايندين. او سائين اڇي مٺي

---

١. غم[illegible]اني پس. ٣. برباد. ۴. حڪم. ۵. پروسو.

محدور سان ملي هڪ ٿيندين او سائين اهو اچڻ جو وقت تہ ڏس، او سائين اهو ڏس تہ ڏي او سائين اچڻ جو وقت تہ ڏس او سائين اهو ملڻ جو ڏينهن تہ ڏس، او سائين اهو وصل جو وره تہ ڏس، او سائين اهو ديدار جو دام تہ ڏس، او سائين اها رهبريءَ جي رات تہ ڏس، او سائين اهو همدميءَ جو حال تہ ڏس، او سائين اهو انجام تہ ڏس او سائين جام ديدار جو پيار او سائين ميءِ دل تہ جهار او سائين نظر ڪري تہ نهار او سائين پنهنجي سڪ پر تہ ساڙ او سائين پنهنجي قرب پر تہ ڪاڙھ او سائين سوريءَ تي تہ چاڙھ او سائين ٻول تہ پنهنجو ٻاڙ او سائين قتل تہ ڪر او سائين وصل تہ ڪر او سائين فضل تہ ڪر او سائين اُصل تہ ڪر او سائين مون تي تي تون راضي، مونکي محبت آہ مجازي، او سائين قُبل نہ ڪو آہ ماضي او سائين ملو نڪو آہ قاضي او سائين منهنجي دمبدم آهي تون سان آزي، تنهنجو شان آہ شهبازي او سائين تنهنجي ديد آهي درس درازي او سائين تنهنجي طلب آهي تمام او سائين بيخوديءَ جو ڪو پيارج جام او سائين اهيو الستي آهي انجام او سائين ۽ صبح نڪوئي آهي شام او سائين خاص نڪوئي اهي هام او سائين خطرو نڪوئي خام او سائين دوئي نڪوئي آهي دام او سائين تنهنجو آهي عشق امام او سائين متي عرش اوڏاہ او سائين ۽ لاحد ڏي تہ لڏاہ او سائين بيرنگ ڏي تہ پڇاہ او سائين همت ساڻ هلاہ او سائين رمز ساڻ رلاہ او سائين وحدت ساڻ وڏاہ او سائين، سهڻا او سائين او سائين محب منا من موهڻا او سائين قاتل قتل ڪهڻا او سائين، منهنجا دل جا دوست دل ۾ رکيل او سائين سبحان الله او سائين او سائين او سائين او سائين ڪر ڪا منهنجا مالڪ مون تي مهر ٻاجھہ او سائين او سائين او سائين او سائين چا لکان او سائين ٻڌايان او سائين هلي آءُ او سائين رخ نُمائي او سائين ۾ ديدبخش [illegible] سائين ديدبخشائي او سائين عشق تہ ڏي او سائين او سائين پنهنجو ڪر [illegible]ڙو در جو، او سائين پنهنجو ڪر گلرڙو در جو، او سائين هلي آءُ تون سهڻا، [illegible] سائين سڪي تو ساہ منهنجو او سائين الدر ارواح منهنجو او سائين ٿتو سهان [illegible]ي جدائي، او

---

۱. حقيقت. ۲. اينڊز وقت. ۳. گذريل وقت. ۴. ڏکهي نظر. ۵. پاڪ پيغا[illegible]
۶. مهرباني.

سائين نٿو سهان ايتري دير او سائين او سائين نٿو سهان ايترو وڇوڙو او سائين نٿو سهان ايترو ويل او سائين ۽ پيو آهي نيهن جو نيل مون سان آهي واويل او سائين او سائين سڌ تہ سڻ او سائين هٿي هٿي حال منهنجو آه پريشان او سائين ڪر ڪو رحم او سائين او سائين ڪرڪو فضل او سائين ڪرڪو لطف او سائين اچي تنهنجي در تي گدائي ڪيان او سائين تنهنجي در تي ٻهاري ڏيان او سائين تنهنجي درجو غلام ٿيان. او سائين او سائين من صاحب پنهنجو نوڪر ڪوٺن نماڻو[1] او سائين او سائين او سائين منهنجا سردار او سائين او سائين او سائين اغيار منهنجا او سائين او سائين او سائين حاذق منهنجا او سائين او سبائين او سائين پنهل منهنجا پنهل منهنجا ڪيچي[2] ڪوهيارا آري ڄام امير ڏي سڏ ير اچي رس رهبر برن ٿرن رڃن ۾ او سائين ميهر مهوال مهنجا اچي سهڻيءَ ڪي تار او سائين او سائين او سائين سنبل نرگس منهنجا او سائين او سائين او سائين منهنجا پنهنجو تہ ڪر او سائين او سائين منهنجا پنهنجو تہ ڪر. او سائين منهنجا دلبر دوست دلبر دلربا شهد شڪر او سائين منهنجا من فيض جي تہ ڪر ڪا او سائين مانڪي تہ ڪهي ڇڏ پنهنجي هٿڙن مبارڪن ساڻ تہ پوءِ من ڪو ترس پوئي عاشق ويچاري غريب مسڪين مسافر نماڻي جو. او سائين مانڪي تہ نڪر نڪر ڪري ڇڏ ذرا ذرا پرزا پرزا پوءِ سائين هلائي ڇڏ او سائين ڪو قياس تہ ڪر او سائين اچي تار پنهنجي در جو گلرڙو ڪري ڌار او سائين هاٿي ڪٺن ڪيان او سائين مونکي وساري نہ ڇڏ او سائين ٻنهي جهانن[3] کون ڇڏائي ڇڏ او سائين پنهنجو تہ اهو عرض عاشق جو تہ اکهاء او سائين پن[illegible]يان ڏي هردم او سائين شهيد ڪر پنهنجي شوق ۾ هر دم او س[illegible]ين اهو عرض، تہ عاشق جو پڇاء او سائين ۽ اها سڪ وڌائي ڏي ۽ ڏي [illegible]ڏي او سائين اهيو حال هميشه ڏي او سائين تون عاشق آهين تون مع[illegible]وق آهين او سائين تون طالب آهين، تون او سائين ۽ تون مطلوب آهي[illegible] او سائين تون وارث وسيلو آهين. او سائين تون حج حرمين آهين.

---

١. و[illegible] اکھ[illegible]نهل ڄام. ٣. ٻنهي جهانن کان آزاد ڪر.

او سائين ملي آء او سائين او سائين او سائين او سائين او سائين عطا ٿئي عشق او سائين عطا ٿيءِ عشق او سائين مست ته ڪر مخمور نورون ملي النور فيض[1] گنجور ڪر او سائين، پريم جو ڪو پيالو ملي او سائين راز جي ڪا بخشش ڪر او سائين مٿي عرش اوڏار او سائين جام جام جام او سائين سالي جام پيار او سائين جذبي دل جهار او سائين او سائين او سائين شال سڪ ۾ ٿين پساه پورا او سائين منهنجا نور النور او سائين منهنجا ماه منور او سائين منهنجا ڪحل[2] الابصر او سائين منهنجا گنج گوهر او سائين منهنجد دُرِ عدلي[3] او سائين منهنجا لعل ياقوت[4] يمالي او سائين منهنجا مشڪ ختن او سائين مالڪي ته ماري ملبو وڃين او سائين ترس ٻه ڪوله پيوءِ او سائين منهنجا وري قياس ٻه ڪوله پيوءِ او سائين منهنجا اهو سبب ڪيهو آهي سو چوڻ نه جيهو او سائين تو روح آهي ڪٿن روليو او سائين منهنجا چند چڪور او سائين منهنجا او سائين او سائين دل جا دوست او سائين منهنجا دل جا بند او سائين منهنجا گل چمن او سائين منهنجا باغ بهار او سائين او سائين منهنجا گل گلستان او سائين منهنجا مشڪ زعفران او سائين منهنجا عطر ارغوان[6] او سائين منهنجاسروسمن او سائين سنبل نرگس شهنشاه سلطان او سائين توريءِ ڪيان ڪٿن او سائين منهنجا دلاسو ته ڪر او سائين منهنجا دلداري ته ڪر او سائين منهنجا دلذير ته ڏي او سائين منهنجا او سائين منهنجا تمام حال منهنجو مهجور ٿي پيو آهي. فراق ۾ ڦٽجي وڃجي ٽڪجي ۽ صاحب سوزن ۾ سڙي ٻري ڪامي ٻجي ويو آهي او سائين منهنجا الفراق الفراق او سائين منهنجا ڪٿن ڦري وئي او سائين منهنجا ڪٿن ڦٽو ڪري [illegible] سماع ٻه ڪوله ڪو لذه او سائين منهنجا نه الائي منهنجو عاشق الائي ڪهڙي [illegible] ٿيو. ۽ صاحب الائي ڪهڙا سندس احوال ٿيا او سائين منهنجا ائين ڪيئن ڪري [illegible] وڃين او سائين ائين نه نه ڪريو ها او سائين منهنجا او سائين منهنجا ڪٿان [illegible] ولي ٿهري او سائين منهنجا باز ٻجي وڃين ٻحري او سائين مان سان ته واويلا[8] [illegible] او سائين

---

١. وڏو سخي. ٢. اکين جو نار. ٣. عدن ملڪ جو موتي. ۴. يمن جو لال ياقو
٥. ختن ملڪ جي خوشبوءِ. ٦. خوشبودار شراب. ٧. هاءِ وڇوڙو. ٨. ماتم

بره بيماري آهي او سائين آه زاري آهي. او سائين ڳچي ڳل ڳاري آهي او سائين بار بره جو باري آهي او سائين خيال خماري آهي. او سائين تنهنجي درسن جي درڪاري آهي او سائين سر صدق وارڻ[1] واري آهي او سائين ڏاڍي انتظاري آهي او سائين شل سڪ ۾ ٿين پساه[2] پورا او سائين منهنجا من او سائين منهنجي دل او سائين آهي تو سان دل او سائين منهنجو خيال آهي تو سان او سائين هاڻي ڪيان ڪٿڻ او سائين منهنجا مان ته هاڻي لاچار ٿي پيو آهيان وس پنهنجي ڪون بيوس ۽ صاحب تنهنجي وس ۾ ٿيو آهيان. هاڻي صاحب مارين توڙي جٿارين او سائين ساڙين توڙي ٺارين او سائين هاڻي سارين توڙي وسارين او سائين او سائين ڏارين توڙي لوڏارين او سائين او سائين اٿارين توڙي وهارين او سائين هلائين توڙي ٻيهارين او سائين سڀ اختيار آهي تنهنجو او سائين مان مسڪين يتيم غريب تنهنجي آڌار آهيان. مونکي ڪنهين ٻه طرح ڪا ٻي واه يا راه ڪائي ٻه ڪانهي او سائين تنهنجي عشق ائين ڪري وڌو آهي نه ته صاحب اهڙو ڪين هيس پر صاحب تنهنجي رمز رولي وڌو آهي، ۽ صاحب تنهنجي چشم چريو ڪري ڇڏيو آهي ۽ صاحب تنهنجي محبت مست ڪري وڌو آهي. ۽ صاحب تنهنجي صحبت اندر صفا ڪري ڇڏيو آهي. ۽ صاحب تنهنجي نهار نوڪر ڪري ڇڏيو آهي ۽ صاحب تنهنجي ديد ديوانو ڪري ڇڏيو آهي. او صاحب تنهنجي پرت پريشان ڪري ڇڏيو آهي ۽ صاحب تنهنجي حال حيران ڪري ڇڏيو آهي. ۽ صاحب تنهنجي سڪ سلطان ڪري ڇڏيو آهي. ۽ صاحب تنهنجي عشق عشاق ڪري ڇڏيو آهي. ۽ صاحب تنهنجي خيال خالص[3] ڪري ڇڏيو آهي. ۽ صاحب تنهنجي سوز[4] سالم ڪري ڇڏيو آهي. ۽ صاحب تنهنجي گداز غا[illegible] ڪري ڇڏيو آهي ۽ صاحب تنهنجي راز رهبر ڪري ڇڏيو آهي ۽ صاحب تنهنجي فيض ڪري ڇڏيو آهي ۽ صاحب تنهنجي طلب طالب ڪري ڇڏيو آهي ۽ صاحب تنهنجي خيال خادم ڪري ڇڏيو آهي، ۽ صاحب تنهنجي نيهن[5] نهال ڪري ڇڏيو آهي ۽ صاحب تنهنجي جوش جلال ڪري ڇڏيو آهي. ۽ صاحب تنهنجي قرب ڪمال ڪري ڇڏيو آهي

---

[1] قربان ٿيڻ [illegible] پورا ٿيڻ. [3] نج. [4] سورن سيڪاريو آهي.

[5] تنهنجي [illegible] اکه، ڇڏيو.

۽ صاحب تنهنجي جوت[1] جمال ڪري ڇڏيو آهي ۽ صاحب تنهنجي ديدار بره بحال ڪري ڇڏيو آهي. او سائين حال ته ٻڌ عاشق مجروح[2] ۽ مفتون[3] جو او سائين عاشق ويچارو او سائين هاڻي ڪٿن ڪهان ۽ صاحب ڪاڏي وڃان ۽ صاحب ڪنهنکي درد جي دانهن ڏيان. او سائين او سائين منهنجون ته ولهون سڀ ويون آهن. ۽ صاحب توريءَ ٻي واه ڪائي به ڪانه آهي او سائين منهنجو حال تمام عاجز آهي، ۽ نماڻو تي پيو آهي او سائين مان توليءَ گهڻوماندو آهيان، او سائين منهنجي ته اٿي ڪرڪا او سائين ڪهڙي ڳالهه توکي ٻڌايان پنهنجي سورن جي ۽ صاحب ڪهڙا توکي سور سلان. ۽ صاحب ڪهڙا توکي حال سڻايان توکي سارو حال احوال هن غريب جو عاشق يتيم جو هر طرح معلوم ۽ آشڪار[4] آهي، او سائين الله واسطي عرض ته ٻڌ او سائين مونکي بيگانو ڪري نه رول او سائين، اهڙو ظلم[5] نه ڪر او سائين، اهڙو مظلوم نه تي او سائين اهڙو ويل نه ڪر او سائين اهڙو هانيجو نه ڪر او سائين ڪوس نه ڪر او سائين اهڙو ڏاڙو نه ڪر او سائين عرض ته ٻڌ او سائين، سوال ته سڻ او سائين، فرياد ته ورناءِ[6] او سائين ڪٿن دل ڦري وئين، او سائين ڪٿن توکي دل ڦبي وئي او سائين دلربا دوست منهنجي حال جا ياڻي منهنجي حال جا واقف او سائين هاڻي ته هلي آءُ. او سائين اچي مونکي ڪڏهن پنهنجي ستن مبارڪن ساڻ او سائين سر عاشق جو حاضر آهي او سائين اڏيءَ تي او سائين جلدي ڪر قتلعام او سائين صدقي ٿيو سر تنهنجي مٿي نالي تون او سائين سر صدقي ٿيو عاشق جو تنهنجي قدمن تون او سائين او سائين او سائين اچي سر وڍ او سائين او سائين او سائين عاشق ويچاري جو پنهنجي هٿن مبارڪن ساڻ او سائين او سائين هلي اچي عاشق جو [illegible] سر ڪر او سائين پنهنجي هٿن ساڻ، او سائين اهيو ته قرب ڪر او سائين اهو [illegible] ڪو راز ڪر او سائين او سائين خدا جي ڪارڻ او سائين او سائين عاشق جو [illegible] عرض ته قبول ڪر او سائين او سائين بي نياز نه ٿي او سائين عاشق ته مري [illegible] ويچارو او سائين پنهنجي بي پرواهي ڏسي نوازش ڪرڪا او سائين ٻيو [illegible] هاڻي ڇا توکي

---

[1] حُسن. [2] قتيل عاشق. [3] عاشق. [4] ظاهر. [5] ظلم. [6] ٻُڌ، عرض

چوان ۽ چا توکي ٻڌايان او سائين ۽ هاڻي ڪٿن ڪيان او سائين ڇو اهڙن سورن ۾ وڌو اٿي او سائين ڇو اهڙن ڏکن ۾ ڏوليو[1] اٿي لو سائين ڇو اهڙن سورن ۾ ساڙيو اٿئي او سائين ڇو اهڙن درد ۾ ڏاريو اٿئي او سائين ڪو قياس تہ ڪر او سائين ڇو بيقياس ٿيو آهين او سائين غافر الذنوب[2] ٿي، او سائين ساتر العيوب[3] ٿي او سائين ڪاشف[4] الڪروب ٿي. او سائين مظلوم پرده پوش ٿي او سائين او سائين سرتاج سرپوش ٿي او سائين ظالم او سائين مظلوم او سائين ڪريم او سائين رحيم او سائين رازق او سائين رهبر رهنمائي او سائين او سائين منهنجا سائين شل سڪ ۾ ٿين پساه پورا او سائين ٻاريا آهن عشق تنهنجي اندر ۾ يار ڪورا او سائين او سائين ائين نہ مان نہ ڄاتو هو تہ ڪو اهڙو مان ساڻ واويل ٿيندو او سائين مان ائين تہ نہ سمجهو هو تہ ڪو اهڙو مون سان قهر ٿيندو، او سائين ڪيئن منهنجي دل ڦاسائي وئين او سائين ڪٿن منهنجو خيال اڙجي ويو او سائين ڪٿن منهنجو من محبت تنهنجي ۾ ڪڙهجي ويو. او سائين هلائي ڇڏ او سائين اڏائي ڇڏ او سائين مونکي تہ ڪل ڪان پئي او سائين بيوس دل اڙجي ويئي او سائين او سائين تون ڪو ماري آهين او سائين تون ڪو شڪاري آهين او سائين تنهنجي ڪل ٿي ڪانہ ٿي پوي. او سائين او سائين او سائين ڏس تہ ڏي او سائين او سائين او سائين ڪٿن دل ڦري وئي او سائين او سائين ننگ نباه او سائين مهر نہ لاه او سائين جام تہ پيار او سائين جڏي دل تہ جيار او سائين اندر تہ اوجار او سائين او سائين قتلام تہ ڪر او سائين قل هو[6] الله احد الله العشق[7] هو الله تہ ٻڌ پنهنجو سخن تہ سچو او سائين او سائين اقتلوا في سبيل الله او سائين قتلام تہ ڪر او سائين قتلعام تہ ڪر او سائين ڪپ سري ڪه يار دم دير توکي نہ جڳائي تو او سائين ڇڏاءِ [illegible] جهانن کون او سائين ڪر آزاد خيال هن يتيم جو [illegible] سائين ڪجهہ ڪجهہ رحم تہ ڪر او سائين ڪجهہ ڪجهہ توڙي فنسل [illegible] ڪر او سائين ڪجهہ ڪجهہ راز تہ ڪر ۽ صاحب ڪجهہ ڪجهہ [illegible]ري تہ ٿي او سائين او سائين ائين نہ گهرجي او سائين او

۱.ڏک ۾ [illegible]ايو. ۲. بخشڻ وارو. ۳. عيبن ڍڪيندڙ. ۴. ڏک مٽائيندڙ. ۵. سر جا تاج سرجا [illegible]ڪيندڙ. ٦. چئہ الله هڪ آهي. ۷. عشق اهو الله آهي.

Scanned by CamScanner

سائين ائين ته نه ڳار او سائين جي ڳاريندين ته صاحب ڳري ويندا سي ۽ صاحب جي تاريندي ته تري ويندا سي او سائين او سائين تون شهنشاه اعظم معظم عشق جو امام آهين ڪا ٻاجهه ڪر او سائين منهنجا منهنجي ته دل ڦري وئين هليو او سائين اهو سبب ڪيهو او سائين هٿ ڇا آيکي او سائين ڪهڙو ڪاج[1] سڌوءِ او سائين ڪهڙو فرض پيئي او سائين هاڻي ڪئن ڪيان او سائين دل پريشان ٿي پئي آهي او سائين او سائين ڪابه خبر چار ڪانه ٿي پوي او سائين ڪوبه احوال ڪونه ٿو ملي او سائين طرفاً اوهانجي نڪو قاصد ٿو اچي ۽ نڪو ڪو پيغام ٿو پهچي او سائين اندر ته منهنجو اڌ ٿي پيو آهي او سائين دل ته منهنجي پرزا پرزا ٿي پئي آهي. او سائين او سائين خيال اُداس ٿي پيو آهي او سائين هاڻي ڪجهه سري او سائين او سائين هن عاشق جي ته ڪر ڪا. او سائين- خيال اُداس ٿي پيو آهي. او سائين جي روليندين ته رلي ويندا سي او سائين او سائين هاڻي ڪئن ڪيان او سائين هاڻي ته منهنجو حال ائين ٿي پيو آهي او سائين مالڪي ته هاڻي قتلعام ڪري ڇڏ او سائين پنهنجي مبارڪن هٿن سان او سائين جلدي ڪر قتلعام جلدي ڪري ڇڏ او سائين او سائين ۽ ڀلا ٻڌ ته حال او سائين ڀلا ٻڌ ته احوال او سائين توکي پرواه ڪانهي پر صاحب. حال ته ٻڌ او سائين مان ته تڏهن ڪئن ڪيان او سائين ڏس ته ڏي منهنجو ڇو حال ائين ٿيو آهي. او سائين او سائين او سائين مان ڪاڏي ويندس ۽ صاحب مان ڪئن ٿيندس او سائين توريءَ مان ڪئن ڪندس او سائين رانجهن او سائين او سائين رانجهن او سائين ميهر او سائين ميهر او سائين ميهر او سائين پنهل او سائين پنهل او سائين پنهل او سائين پنهل معشوق مڪرم لائي او سائين او سائين پنهنجي در جو ڪلرڙو ڪري ڏار او سائين پنهنجي در تي او سائين [illegible] ڇڏ او سائين جيهو به تيهو به تنهنجو آهي.

* *

---

[1] خوشي حاصل ٿي.

مڪتوب پيو روپ ڪوهياري

او سائين ٻاجهه ڪر ڪا او سائين نظر[1] الطاف جي ڪر ڪا او سائين او سائين مونکي نه رول او سائين او سائين او سائين سردار غمخوار او سائين گلعذار او سائين محب مٺا مٺار او سائين دل ته نه ڦرين ها او سائين عرض جي ڦرين هان ته وري ڦتلعام نه ڪرين هان او سائين او سائين ڦربدار او سائين توڙ نباه او سائين ماڳ پهچاءِ[2] او سائين پلا ڏس ته ڏي او سائين انهيءَ جڻڻ ڪان ته ماري ڇڏين هان او سائين اهو جڻڻ ڪهوريو او سائين شال تنهنجي سڪ ۾ ٿين پساه پورا او سائين شال تنهنجي سڪ ۾ ساه نڪري وڃي او سائين شال پورو پساه پورو ٿي وڃي او سائين مٺل او سائين من او سائين منهنجا ساه پساه منهنجي دل او سائين ڪر ڦتلعام او سائين ڦتلعام ته ڪر او سائين جام ته پيار او سائين ۽ جام ته پيار او سائين ۽ پيار جام او سائين ٿي امام او سائين ڪر ڦتلعام او سائين وڃي ٿي ويتر دل ڦاسندي او سائين وڃي ٿو ويتر خيال اڙندو او سائين وڃي ٿو ويتر ساه سوگهو[3] ٿيندو او سائين وڃي ٿو ويتر محبت جو دام پوندو او سائين او سائين او سائين او سائين ڪٿن ڪيان او سائين مهر ڪر او سائين ٻاجهه ڪر ڪا او سائين ڦربدار او سائين ماه رخسار[4] او سائين مهتاب او سائين **فيضمآب** او سائين شه **فيض فائض** او سائين **فيض**[5] جا درياه او سائين رحمة جا ڪڪر او سائين **فيض** جا گنج او سائين **فيض** جا گوهر او سائين **فيض** جي کاڻ او سائين تون شهنشاه آهين او سائين جيهو تيهو بيڪس ناڪس [illegible] مسافر يتيم نماڻو ڪم ڪمتر ڪنگال خاڪسار [illegible] مسڪين پرڏيهي[6] ويچارو نڌر نماڻو در تنهنجي تي وڪاڻو او سائين [illegible] کو رحم ته ڪر او سائين فضل ته ڪر او سائين روئي روئي مي حال ٿيا [illegible] او سائين پلا ڏس ته ڏي او سائين پلا ڪنهنجي آسري ٿو هتڙي پرڏ[illegible] ۾ ڦتو ڪرين ۽ صاحب هن رڻ ۾ رولين او سائين ڪو قياس ته

---

[1] [illegible]ف جي نظر. ٢. منزل تي پهچاءِ. ٣. ڦاسندو. ٤. چنڊ جهڙي ڳلن وارو.
[5] [illegible]سخا جا درياهه. ٦. پرديسي.

ڪر او سائين ڪو ترس ته ڪر او سائين تون مالڪ آهين او سائين تون خاوند آهين، او سائين تون صاحب آهين او سائين او سائين پنهنجو ته ڪر او سائين هميشه پنهنجو ڪري او سائين مهر ڪر او سائين او سائين اٿين نه ڪر او سائين ڦريون دل هليو وڃي ٿو. او سائين پوءِ خبر نه آهي ته الائي ڇاهي او سائين هن عاشق جي ته ڪر ڪا او سائين هي مسڪين پرٽل اٿي او سائين هن عاشق ميرل جي ته ڪارڪا او سائين پرتو تنهنجي آڌار[1] آهي او سائين تنهنجي سرڻ[2] سام پيو آهي ۽ صاحب تنهنجي لاڙي[3] لڳل آهي ٻيا ڪل آسرا لاهي ڀاهي اچي تنهنجي پيش پناري پيل آهي پنهنجي لڪه ساڻ نواز او سائين پرتو اٿي او سائين ڪڻ ٻار ڪهيل[4] جو او سائين ڪر راهه[5] راست رليل جو او سائين ننگ نباهه او سائين لڳ الله او سائين ڪر قتلعام او سائين جام پيار او سائين ڪهي ڇڏ او سائين دعا ته ڪر او سائين دعا ته ڪر او سائين او سائين شال تنهنجي سڪ ۾ ٿين پساهه پورا......

* *

مڪتوب ٽيون روپ جوڳ

او سائين منهنجا من او سائين منهنجا شڪر شير او سائين ماهه[6] منير او سائين منهنجا بينظير او سائين اعظم اڪثير او سائين منهنجا ليلة البدر[7] او سائين منهنجا ليلة القدر[8] او سائين منهنجا فيض جا درياهه او سائين منهنجا گنج گوهر او سائين هلي آءُ ا وسائين مونکي پريشان ڇو [illegible] ٿي هٿ ڇا آيئي او سائين ڀلا عرض او سائين ڀلا پنهنجي در جو دائو [illegible] او سائين هتڙون ٿي ڪائين جي ڀري ڪٿان سو اڇي تنهنجي در تي لاهيان پوءِ [illegible] تڏي ڪيان او سائين جڏن تي سڀ سڪي سمولڊ ۾ بولد جي ليءِ تڏن [illegible] ساهه سڪي ٿو تنهنجي صحبت ليءِ او سائين تو جيهو الهام نٿو ڪنهن جو اڇي [illegible] ۾ او

---

١. آسرو، ٽيڪ. ٢. پناهه وٺڻ. ٣. پريان ملندڙ. ۴. چٽ ٿيل. ۵. سڌو رستو. ٦. چمڪند [illegible].
٧. چوڏهين چنڊ واري رات (١١، ١٢، ١٣ واري رات). ٨. قدر واري رات جهڙا.

سائين گوش[1] سڪن ٿا گفتار ليءِ او سائين اکيون سڪن ٿيون ديدار ليءِ او سائين ڪهڙي ڳالهہ ڳالهايان او سائين ڪنهنکي دانهن ڏيان او سائين تہ ڪو مان سان مهڙو ماجوءِ ويل ٿيو آهي او سائين واو ڪي پيغام ڏيان او سائين من اچي واءُ توڪي سنيهو ساري ڏئي او سائين تڏهن ڪٿن ڪيان او سائين واءُ اچي من توڪي منهنجو حال ٻڌائي او سائين نتي وٺي ٻي چال او سائين او سائين او سائين او سائين او سائين ڪڏهن ملندين تون يار جاني او سائين تلف ٿي آهي زندگاني او سائين ڪر ڪا مهرباني ڏيڪار ملڪ بقا جو جاوداني او سائين آشڪار ڪري رازنهاني[2] او سائين او سائين مانڪي ڪر لامڪاني او سائين تنهنجي ٿيءَ ڪا احساني او سائين حاصل ٿيءَ سيرسبحاني او سائين حال تہ منهنجو ٻنڌ ٻنان توريءَ نتو ٿئي شب گذارو او سائين او سائين ڪيهو حال چوان پنهنجو توڪي او سائين مهر گهرجي يار توڪي او سائين ٻاجهہ گهرجي يار توڪي، او سائين او سائين هاٹي هلي آءُ او سائين شال تنهنجي سڪ ٻر ٿين پساه پورا او سائين شل تنهنجي قدمن تي مري وڃان او سائين شل تنهنجي روبرو ٿي دم منهنجو نڪري وڃي او سائين او سائين او سائين آنهون ٿو ڪريان او سائين دانهون ٿو ڪريان او سائين ٻاڏايان ٿو او سائين او سائين ٻاڪاريان ٿو او سائين پوڪاريان ٿو او سائين هلي آءُ او سائين ڪوڪاريان ٿو او سائين او سائين هلي آءُ او سائين مان تنهنجي ڪيهي چوري ڪئي آ. او سائين مان تنهنجي ڪيهي سنڌ هنئي هُئي جو مانکي جنبي[3] قيد ڏئي ڇڏيوئي او سائين ساري عمر جو او سائين ڇو مونکي نيهن جا نيل وجهي ڇڏيئي او سائين او سائين ساري عمر جو او سائين م[illegible]ي جو نيهن جا نيل وجهي ڇڏيا ٿي او سائين ترس تر جو ٻہ ڪونہ [illegible]ي، او سائين قاتل منهنجا يار او سائين او سائين مظلوم منهنجا دوس[illegible] او سائين قادر ڪريم او سائين راحم رحيم او سائين علم عليم او سائين [illegible]ڪم حڪيم او سائين حلم حليم او سائين ۽ ڪمال حڪمت جا او سائين قادر قدرت جا او سائين ستارا او سائين قاتل يار او سائين جانب يار

---

[2]. لڪل راز، اندروني ڳجهہ. [3]. عمر قيد.

او سائين ٻاروچل او سائين ڪيچي ڪوهيارا او سائين پنهل پاڪ او سائين آر ڄام امير او سائين ڪاڻ جسُّي[1] جا جنجير او سائين، ڏي سڏير او سائين ٻاجهارا او سائين محب مهيوال او سائين هلي آءُ اچي لهه سڏ سماءُ او سائين او سائين ڪيئن ڪيئي مان الهن سورن مون ڇا ڇاٽان او سائين هاٺي دل ڪسي وٺين سورن ٻر وجهي ٻاڻ وڃي وطن پنهنجي تي خوش ٿي ويهي رهين او سائين ائين صاحب نہ ڪري ها پر سائين توکي ڪير چئي او سائين تو ڪيئن جهاتي پاتي او سائين ـو ڪئن ڪاتي لاتي او سائين پرڏيهي او سائين پرڏيهي او منهنجا او سائين ڏيہ ٻہ نہ ڏسي وٺين او سائين انهيءَ سورن ڪان تہ ڪهي وڃين هان او سائين نہ آهي طاقت پنڌ ڪرڻ جي او سائين نہ آهي وصيت[2] وهڻ چڙهڻ جي او سائين، همت ڪا ڏي او سائين تہ اچي تنهنجو درسن ڪريان ۽ اچي تنهنجي پيش[3] پوان ۽ صاحب اچي تنهنجا قدم چمان او سائين اچي توساڻ ملان او سائين اچي تنهنجي قدم بوسي حاصل ڪريان او سائين اچي تنهنجي در جو ٻهاريدار ٿيان او سائين اچي تنهنجي در جو ڪتڙو ٿيان او سائين اچي تنهنجي در جو گلرڙو ٿيان او سائين مان صاحب تنهنجي در تي پيو هجان، او سائين رات ۽ ڏينهن او سائين مان صاحب ڪهين مهل هتڙن ساڻ ٽڪر جو ٻيڙو ٻيجي وجهين او سائين تنهنجي در تي پيو ڏڪڙا ڪاوان او سائين مان تنهنجي در تي پيو ليلهايان او سائين مان تنهنجي در تي پيو ڪوڪاريان او سائين مان تنهنجي در تي پيو هجان او سائين مان تنهنجي در تي دم ڏيان او سائين تون هڪ راضي هج او سائين ٻيو لوڪ راضي هجي توڙي نہ او سائين توڙي منهنجا اهڙا حال ٿين او سائين تہ ٻي صاحب جنهن مهل تون ڪور ڪرين ۽ پنهنجي [illegible] ان ٽڪرڙو اچلي وجهي تهن مهل منهنجو خيال الائي ڪهڙي ٻهاري وٺي وڃي او [illegible] عرش عظيم ڪان اڳتي منزل هن ڪتڙي جي ٿي وڃي. او سائين پنهنجو تہ [illegible] او سائين تون قربدار آهين. او سائين تون سردار آهين او سائين تون اسرار آهين [illegible] سائين تون مهندار آهين. او سائين ۽ تون غمخوار آهين او سائين تون دلدار آهين [illegible] سائين

---

۱. جسم جا. ۲. سواري. ۳. تو اڳيان حاضر ٿيا.

تون معشوق آهين، او سائين تون محبوب آهين، او سائين تون دلربا آهين، او سائين تون سروسمن آهين او سائين سنبل آهين او سائين نرگس آهين او سائين تون گل گلشن آهين او سائين گل گلستان آهين او سائين تون گل گلاب آهين، او سائين تون فيضماب آهين او سائين تون فيضمالي گنج آهين او سائين تون فيض بقاءِ قديم لم يزلي آهين او سائين تون فيض اللهي انور منور نور متجلي حيات[1] الحيات آهين او سائين تون رهبر راز آهين او سائين شال تنهنجي سڪ ۾ ٿين پساه پورا او سائين او سائين او سائين اهو عرض هن ميرل مسڪين جو درگاه ۾ قبول پئي او سائين او سائين او سائين او سائين مونکي ملائي ڇڏ او سائين گداگر ٿي اچي تنهنجي در تي سين هٽان او سائين منهنجا اچي تنهنجي در تي گدائي ڪيان او سائين پوءِ تون خيرات پنهنجي هٿڙن سان ڪٽي آءُ آڻي ڏي او سائين پوءِ عاشق ويچاري جو پساه اتي پورو ٿيءُ او سائين پوءِ عاشق مسڪين تي وڏو ڪو راز ٿيءُ او سائين ۽ پوءِ هن عاشق مسڪين کي وڏو ڪو مان ملي ۽ صاحب اهو عرض هردم عاشق ڪري ٿو. ۽ ڳليءَ تي سر پنهنجو ڌري ٿو او سائين ڦٽيون جٺيون ملامتون[2] ٻہ سڀ قبول ڪيون سي پر سائين تون هڪ رازي هج او سائين ۽ توکؤن سواءِ ائين آهي جيئن رات چنڊ کؤن سواءِ آهي، او سائين چنڊ ۽ تارن کانسواءِ وري رات جو کهڙو حال آهي او سائين مڇ کانسواءِ سمندر جو کهڙو حال آهي. او سائين ليلي کانسواءِ مجنون جو کهڙو حال آهي. او سائين هير کانسواءِ رانجهوءَ جو کهڙو حال آهي، او سائين دفتر دردن جا بلڪل گهٽا آهن او سائين تفسير[3] شرح کان ٻاهر او سائين ۽ عالي شان عشق جو آهي، او سائين عشق بقاءُ آهي او سائين ۽ عشق حيات[4] [illegible] آهي او سائين عشق غيور آهي او سائين عشق قائم قديم آهي او سائين حيّ قيوم آهي او سائين عشق لايزال آهي او سائين عشق قادر [illegible] آهي. او سائين رهبر عشق امام آهي. او سائين العشق هو الله آهي، او سائين هلي آءُ او سائين هليءُ او سائين هلي آءُ او سائين دلداري تہ ڏي او سائين دلداري تہ ڪر او سائين پنهنجو تہ ڪر او سائين ۽ توريءَ

---

١. سدائين زنده. ٢. ميهڻا، عيب. ٣. خلاصو. ۴. عشق هميشہ کان زنده آهي.

جڻ جنجال آهي او سائين او سائين توريءَ ڪهڙي حياتي آهي او سائين توريءَ ڪهڙو رهڻ آهي او سائين او سائين توريءَ زندگاني زهر آهي. او سائين او سائين مون کان جدا نہ ٿي او سائين مون کان جدا نہ ٿي. او سائين هردم مون ساڻ هج او سائين هردم مون ساڻ هج او سائين مون کان جدا نہ ٿي او سائين مونکي بيگانو ڪري نہ رول او سائين هاڻي ڪاڏي وڃان او سائين هاڻي ڪٿن ڪهان او سائين او سائين مران ٿو او سائين مران ٿو او سائين مران ٿو او سائين ڳران ٿو او سائين هلي آءُ او سائين هلي آءُ او سائين سڙان ٿو او سائين رڙان ٿو او سائين هلي آءُ او سائين هلي آءُ او سائين سڙان ٿو او سائين رڙان ٿو او سائين هلي آءُ او سائين هلي آءُ او سائين او سائين سڌ تہ ڏي او سائين سڌ تہ ڏي او سائين سڌ تہ ڏي او سائين سڌ تہ ٻڌ او سائين سڌ تہ ٻڌ او سائين حال تہ ٻڌ او سائين حال تہ ڏس او سائين احوال تہ ٻڌ او سائين اهو احوال جو شال تنهنجي سڪ ۾ ٿين پساه پورا او سائين جانب جت او سائين ڪيچي ڪوهيارا او سائين پنهل او سائين پنهل پاڪ سائين عاشق ويچاري جون آهون ۽ عرض ڪري ٿو او سائين عاشق ويچارو تہ آهون عرض ڪري ٿو او سائين هٿ ٻڌي سر قدمن تي ڌري ٿو او سائين سهسين سجدا ڪري ٿو او سائين لک لک زاريون ڪري ٿو او سائين او سائين جا ڪون تون ماڪٿون موڪلائي وئين او سائين تاڪون منهنجو حال الائي ڪهڙو آه سو جوڻ کان ٻاهر آهي. او سائين الائي وري تنهنجو ڪهڙو حال آهي خبر ئي ڪانہ ٿي پوي نڪو اچي ٿو نڪو وڃي ٿو. او سائين مونکي اهي سور سجهيا[1] ٿي تہ پوءِ پرين کان حال الائي منهنجا ڪهڙا حال ٿيندا. او سائين سو صاحب اڻ ڏٺا سور اچي پيش پيا آهن سو صاحب الهيءَ وقت شهيد ڪرين هان ۽ صاحب الهيءَ وقت منهنجو دم نڪري ها ۽ صاحب الهيءَ وقت منهنجو پرواز[2] ٿيءُ ها ۽ صاحب الهيءَ وقت منهنجو قتلعام ٿئي ها. او سائين الهيءَ وقت مان چونہ مٿس او سائين ۽ اهي سڀ حرف مانند ٿيا آءُ ڏاڍو حرفي[3] آهيان او سائين مون ڏي لک لک ۽ هزار هزار مياروڻ آهن سو صاحب

---

١. جاڳيا. ٢. اڏامڻ. ٣. مياري.

هزار حرف آهن او سائين لاهي نٿو پڇان او سائين تون مالڪ آهين او سائين سڀ عطا ٿي او سائين سڀ معافي ملي او سائين ڪريم او سائين رحيم او سائين بخشيش ڪر او سائين او سائين مونکي تون پنهنجو ڪر او سائين مونکي تون پنهنجو ڪر ءِ مونکي تہ پاڻ کان جدا نہ ڪر او سائين آءٌ تنهنجو آهيان او سائين شل تنهنجي سڪ ۾ ٿين پساه پورا او سائين او سائين هنجون هاريان ٿو او سائين توکي سنڀاريان ٿو او سائين صدقي او سائين صدقي او سائين صدقي او سائين صدقي او سائين قربان او سائين قربان او سائين قربان او سائين قربان ٿي وڃان او سائين سر گهوري گهمايان او سائين ءِ او سائين تنهنجي دم قدم تئون قربان او سائين سر فدا ڪريان قدمن تون پانهنجو او سائين مان صدقي او سائين مان صدقي او سائين مان صدقي او سائين مان صدقي او سائين تنهنجي سڪ محبت تون صدقي او سائين مان توتئون صدقي او سائين پنهنجو ڪر او سائين پنهنجي شوق ۾ شهيد ڪر او سائين هي فيضو نماڻو تنهنجي در وڪاڻو سو تمام مسڪين توکي پرتل آهي او سائين عرض تہ ٻڌ او سائين عرض تہ ٻڌ شال سڪيم ٿين پساه پورا او سائين مونکي کهي ڇڏ او سائين مونکي تہ هلائي ڇڏ او سائين ڪئن ڪيان ڪاڏي وڃان او سائين مونکي تہ ساه ۾ سانڍي او سائين مٺل او سائين پڄائي ڇڏ او سائين او سائين مٺل او سائين مان صدقي او سائين عاشق پرتو اٿي او سائين عاشق پرتو اٿي او سائين عاشق پرتو اٿي او سائين فيض جي ڪرڪا او سائين او سائين شال سڪ ۾ ٿين پساه پورا او سائين او سائين او سائين ياد هجين شال او سائين او سائين او سائين دلدار او سائين دلبر او سائين او سائين او سائين منٺار[1] او سائين او سائين او سائين او سائين او سائين سردار او سرور او سائين او سائين قربدار او سائين او سائين عرض تہ ٻڌ او سائين او سائين سوال تہ سڻ[3] او سائين او سائين گل چمن او سائين منهنجا او سائين باغ بهار منهنجا او سائين گلعذار منهنجا او سائين سرو سمن سنبل نرگس[4] سوسن گل گلاب منهنجا او سائين تون آهين

---

١. دل ٺاريندڙ. ٢. اڳواڻ. ٣. ٻُڌ. ۴. گلن جو نالو.

گنج[1] ڪرامت جو او سائين تون آهين ابر[2] عنايت جو او سائين منهنجا تون آهين صاحب[3] سخاوت او سائين منهنجا تون آهين هادي پير هدايت جو تون او سائين تون آهين فيض فياضت جو او سائين منهنجا تون آهين واصل باالله ولايت هن عاشق غريب جي تہ ڪرڪا او سائين هيءَ عاشق تہ تنهنجو آهي او سائين ۽ هيءَ غريب ڪنگال مسڪين تہ تنهنجو آهي او سائين ڪر ڪو راز او سائين تي شهباز چاڙي وڃ چنبن ۾ او سائين هلي آءُ او سائين او سائين اچي ڪہ او سائين او سائين هلي آءُ اچي لهہ سڌ سماءُ او سائين وڏو آهي ساڙي او سائين قرب وڏو آهي ڪاڙهي او سائين هائي ڪٺن ڪيان جگر ڪي آهي جولان من تي پيو آهي مستان او سائين درد ڪيو آهي ديوان او سائين پرت ڪيو آهي پريشان انهيءَ حيرت ڪيو آهي حيران او سائين انهيءَ وسل ڪيو آهي ويران او سائين انهيءَ سڪ ڪيو آهي سلطان او سائين انهيءَ قرب ڪيو آهي قربان او سائين انهيءَ نيهن ڪيو آهي نيشان او سائين انهيءَ خيال ڪئي آهي خماري او سائين انهيءَ بره ڪئي آهي بيدار او سائين انهيءَ بارش ڪئي آه بيقراري او سائين دمبدم[4] آهي انتظاري او سائين پلپل آهي پوڪاري او سائين جوش تيا آهن جاڙي او سائين بار بره جو آهي باري او سائين جند جان سڙي وئي آهي ساري او سائين ماري وڏو تي ماري او سائين ڏاڍي ڪئي اتي دام[5] داري او سائين هائي ڪيان ڪٺن او سائين ڏس تہ ڏي او سائين ڏس تہ ڏي او سائين ڏس تہ ڏي ڪڏهن تون يار ايندين او سائين اچي مون ساڻ هڪ ٿيندين او سائين اهيو انجام تہ ڏس او سائين اهو انجام تہ ڏس او سائين ڪنهين وقت ڪنهين ويل ايندين او سائين مهر تہ ڪر او سائين ٻاجهہ تہ ڪر او سائين مانڪي هتڙي نہ رول او سائين مانڪي تہ ورتيون وچ او سائين مونڪي تہ ورتيون وچ او سائين مانڪي تہ ورتيون وچ او سائين ٻاجهہ تہ ڪر او سائين فضل تہ ڪر او سائين ٻنڌ احوال عاشق جو او سائين عاشق ويچارو تمام اداسي تي پيو آهي او سائين تمام پياسي[6] ۽ سناسي[7] ۽ ويراهہ[8] تي پيو آهيان، او سائين تمام لاچار توريءَ بيمار ۽ بلڪل ڏاڍو مريض تي پيو آه لادوا سواءِ

---

١. گهڻي ڪرامت. ٢. مهربانيءَ جو ڪکر. ٣. سخا جو صاحب. ۴. گهڙي گهڙي. گهڙي گهڙي. ٥. ڦاسائڻ جا طريقا. ٦. اُڃارو. ٧. ڳرلاٽو. ٨. وڇوڙي جو ماريل.

تنهنجي تنهنجو ڪوبہ علاج ۽ دوا دارون ڪونڪو آهي او سائين هاڻي تہ عاشق جو ڪو علاج ۽ دوا دارون ڪرڪو جو سواء تنهنجي عاشق ڪامياب نٿو ٿي هرگز او سائين عاشق ويچاري جو شفاياب تون آهين ۽ ڪنهن بہ طرح ڪا راه هن ويچاري جي ڪان آهي ۽ نڪو ٻيو علاج ۽ نڪو ٻيو طبيب ۽ نڪو ٻيو حڪيم جو انهيءَ مرض جي دوا دارون ڪري. او سائين دوا بہ تون دارون بہ تون تہ شفا بہ تون صحت بہ تون تہ حڪيم بہ تون تہ رحيم بہ تون تہ ڪريم بہ تون تہ حبيب بہ تون تہ حاذق بہ تون تہ غفور بہ تون تہ غفوراً[١] غفورا ارجعو[٢] من رحمة الله لا تقنطو مّن[٣] رحمة الله ان ربکَ واسعُ[۴] المغفرت او سائين ساترُ[۵] العيوب بہ تون آهين او سائين غافرُ[٦] الذنوب بہ تون عالمُ[٧] الغيوب بہ تون سائين سواء تنهنجي ٻي راه ڪابہ ڪانهي او راه بہ تون تہ رهبر بہ تون تہ رهنمائي بہ تون تہ علمدار بہ تون تہ منهندار بہ تون سواء تنهنجي ٻي ڪا واه ڪانهي ڪا هرگز او سائين ۽ اهڙي نہ ڪر هرگز بار توتي آهن، او الله هادي او سائين جڻن تڻن لنگ لباه صدقو پنهنجو او سائين ڪڻ بار کهيل جو او سائين ڪرڪا ماڙ منجهيل جي ڪرڪا راه راست رليل جي ڏي همت مٿل ڪي ڏي توفيق طالب ڪي ڏي عشق عاشق ڪي ڏي شوق شائق ڪي او سائين اها تہ مونکي خبر ڪانہ هُئي تہ ڪو تون نيهن جا نيل وڏيون ۽ ساه پساه قيد ڪيون هليو ويندين او سائين تہ مان ڇو جيڪر نيهن توسان لايان ها مون ڀايون تہ ڪو تون مان ساڻ گڏ هوندين پر سائين ڀوء ڪو پہ پيوء ڇنن سنگ ڇوريءَ سان او سائين اصل ڪو خيال ڪري آئين هوندين منهنجي قتل جو سو سائين صدقي وڃان ء قربان اِنهيءَ قرب تئون گهورجي وڃان انهيءَ راز تنهنجي تون سبحان الله لکين بار قرب ۽ ڪروڙين حمد ۽ شڪرانا او سائين تون ڪو قاتل آهين او سائين تون ڪو قهري آهين او سائين بچائين تو باز بحري او سائين جا[illegible] تہ نيهن نہ لائين هان او سائين جي لاتيء تہ هاڻي وري ڦٽو نہ ڪر او سائين اهڙو ظلم نہ ڪر او سائين او سائين اهڙو ويل نہ ڪر او سائين اهڙو ظالم نہ ٿي او سائين لنگ لباه او سائين مهر نہ لاه او

---

١. الله مهربان آهي. ٢. اميد رکو الله جي رحمت پر. ٣. الله جي رحمت مان نا اميد نہ ٿيو.
۴. تنهنجو رب وڏي بخشش وارو آهي. ۵. عيب ڍڪيندڙ. ٦. معاف ڪندڙ. ٧. ڳجهن جو ڄاڻندڙ.

Scanned by CamScanner

سائين ننگ نباه او سائين ڪڻ پنهنجو بار بلڪل او سائين او سائين او سائين اوڏار عرشن تي او سائين لامڪان پڄاء او سائين تون شاهنشاه آهين او سائين تون سردار آهين او سائين پنهنجو ڪر. او سائين هاڻي ڪٿن ڪيان او سائين تون ٻيي ڇڏي وئين ڇپر ۾ او سائين ڇو رولي وئين رڻ ۾ ڪو قياس ٻہ ڪونہ ڪيئي او سائين ڏاڍو ٻي قاس ٿئين او سائين مجروح ڪري وئين او سائين مفتون ڪري وئين او سائين بيدل ڪري وئين او سائين شيدا ڪري وئين او سائين سرگشتة[١] ڪري وئين او سائين آشفتہ[٢] ڪري وئين او سائين مجنون[٣] ڪري وئين او سائين دل افگار[٤] ڪري وئي او سائين دل التماس[٥] ڪري وئين او سائين عاشق مست تر ڪري وئين او سائين ديوان ڪري وئين او سائين پنهنجي فراقن ۾ ڦٽي وئين او سائين پنهنجي سڪ ۾ سٽي وئين او سائين عاجز ڪري وئين او سائين پريشان ڪري وئين او سائين حيران ڪري وئين او سائين قربان ڪري وئين او سائين شهباز ڪري وئين او سائين الستي راز ڪري وئين او سائين او سائين عشق ۾ آغاز ڪري وئين او سائين ازلي آواز ڪري وئين او سائين قتلعام ڪري وئين او سائين عشق جو امام ڪري وئين او سائين محبت جو دام وجهي وئين او سائين برہ جو جام ڏئي وئين او سائين ڪٿر اهو ڪام ڪري وئين او سائين ماري او سائين ڳاري وئين او سائين وئين او سائين نظر ڪري نهاري وئين او سائين مٺي دل جياري وئين او سائين عرشن تي اڏاري وئين او سائين ويرانَ ڪري وئين او سائين ٻيران ڪري وئين او سائين پنهنجو عاليشان[٦] ڪري وئين او سائين پنهنجو ڪري وئين او سائين بلند[٧] مڪان ڪري وئين او سائين هلي آءُ او سائين هلي آءُ ا وسائين هلي آءُ او سائين هلي آءُ او سائين سڪي ۾ ساري ٿو ساه منهنجو او سائين روز نهاريان ٿو او سائين رهبر تنهنجي راه او سائين ڪڏهن ايندي او سائين ڪڏهن ملندين او سائين ڪڏهن هڪ ٿيندين او سائين ڪڏهن پنهنجو ڪندين او سائين ڪٿن ڪيان منهنجي سائين تو ساڻ بات ڪانهي او سائين او سائين ڪٿن ڪيان او سائين ڇو اهڙن غمن ۾ اڇليو ٿي او سائين منهنجي تہ ڪرڪا او سائين مان ڪاڏي

---

١. متي ڦريل. ٢. پريشان. ٣. ديوانو. ٤. زخمي دل وارو غمگين عاشق.
٥. دل جي طلب. ٦. وڏي شان وارو. ٧. مٿاهين درجي وارو.

وڃان او سائين مونکي ڦٽو نہ ڪر او سائين مونکي ديدار ڏيکار او سائين مونکي ڏيد ۾ رک او سائين مونکي نگهہ ڪون ٻاهر نہ ڪڍ او سائين مون سان رمز رلاءِ او سائين خيال رکہ او سائين مون سان دل ٻنڌ او سائين منهنجو خيال پاڻ کان جدا نہ ڪر او سائين او سائين انهيءَ جڻ کان مرڻ موچارو آهي او سائين انهيءَ جڻ کان ڪهي ڇڏ او سائين انهيءَ رهڻ ڪون لڏڻ ڀلو آهي او سائين اهو جڻ مانکي نٿو گهرجي او سائين هلي آءُ او سائين او سائين هلي آءُ او سائين هاڻي محب مران ٿو او سائين مولي ٿو ڄاڻي او سائين سڏ ڪي سڏ ڪي ڏيان ٿو ساهہ او سائين هاڻي بچڻ ڪونهي منهنجو او سائين رڙي ٿو منهنجو اندر ۾ ارواح او سائين روئي روئي نهاريان ٿو راهہ او سائين توکي آڻيندوءِ الله جل[1] شانہ او سائين او سائين دلبند او سائين دلجا دوست او سائين[2] هٿين جا هار او سائين ساهہ جا سينگار او سائين مهر[3] ماهہ او سائين خورشيد[4] ذاتي او سائين نغمه[5] فيض بقاءِ قديم حياتي او سائين او سائين مونس[6] وحيد او سائين وسيلا اوسا ۾ ڪعبه حقيقي او سائين قبلہ گاهہ تحقيقي او سائين يار اغيار او سائين منهنجو خيال آهي تو ساڻ او سائين منهنجو روح آهي توساڻ او سائين منهنجو ساهہ پساهہ آهي تو ساڻ او سائين، منهنجي دل آهي تو ساڻ او سائين، هاڻي ڪٿن ڪيان ڪاڏي وڃان او سائين اشد[7] حب الله والطلب او سائين او سائين يحبهم[8] و يحبون او سائين الفراق او سائين الفراق او سائين ۾ الفراق او سائين هاڻي ڪيان ڪيڻ او سائين خط لکان پنهنجي رت مان لعل ڪري او سائين حال احوال درد جا داستان سيئي لکان پوءِ صاحب اهو خط ٻڌان ڪبوتر جي ڳچيءَ ۾ ڳانو ڪري او سائين او پوءِ سائين ڪبوتر جو هٿئون اڏامي سو اچي تنهنجي در تي اڱڻ اڪٽئون ويهي پوءِ صاحب تون پنهنجي هٿن مبارڪن سان خط هن مسڪين عاشق **ميرل** جو ڇوڙي پڙهي پروانو ڏس تہ ڪهڙو احوال عاشق جو آهي سو صاحب پوءِ اهو ڪبوتر جو ويچارو اتائين احوال اوهان جو وٺي اڏامي سو اچي هٿ نڪري پوءِ صاحب اهو احوال اوهان صاحبن درويشن سرتاجن جو ٻنڌي هن عاشق

---

[1] الله وڏي شان وارو. [2] دل جا. [3] چنڊ جهڙا. [4] حقيقي سج. [5] فيض جو نغمو. [6] سهڻي صورت وارا. [7] الله سان وڏيڪ محبت رکندڙ. [8] هو انهن سان محبت رکي ٿو ۽ اُهي هن سان محبت ڪن ٿا.

ميرل جو پرواز ٽئي تو يار سهڻي جي سڪ ۾ پيو ساه ڏئي. او سائين اهڙو ويل او سائين سڪ سنڌو نه ٿي ڏي او سائين محبت جو دام تمام بيحد باري آهي او سائين محبت جو مرض تمام لاچاري آهي او سائين محبت جي مام تمام مشڪل آهي او سائين صحبت سوز اعليٰ[١] افضل آهي او سائين بره برسات لائي آهي. او سائين بره بيخوديءَ جو جام پياريو آهي جڏهن صاحب شيخ عطار کي پياريو هئائين ۽ جڏهن شيخ شبليءَ ۽ جنيد کي پياريو هيائين جڏهن شيخ منصور کي پياريو هيائين ۽ صاحب سرمد صاحب کي پياريو هيائين صاحب جڏهن شاه بلاول کي پياريو هيائين ۽ صاحب جڏهن شرف بوءِ علي قلندر کي پياريو هيائين صاحب جڏهن شاه عنايت رحمت الله عليه کي پياريو هيائين ۽ صاحب جيئن بلي شاه کي پياريو هئائين ۽ جڏهن فرهاد کي پياريو هيائين ۽ صاحب جڏهن مجنون کي ۽ صاحب جڏهن شاه رانجهن کي ۽ صاحب جڏهن پنهل پاڪ کي پياريو هيائين چوڙ جو مٿو نه آهي هرڪنهن سان پنهنجي نوازش ڪئي هيائين تڏهن هن مسڪين سان به ڪا نوازش[٢] لطف جي ٿئي او سائين مونکي ڪجهه به ڪين ٿو وڻي او سائين مونکي توريءَ گهڙي به سؤ سال ٿي گذري او سائين توريءَ رات به چڻ هزار وره ٿي لنگهي. او سائين تو هوندي رات ۽ ڏينهن لحظو قدر به نه هوندو هو اهڙو ڪو تنهنجو راز هن غريب ساڻ هوندو هو. او سائين تون سرتاج آهين او سائين توکي سڀ آساني آهي او سائين مان منجهيل جي ماڙ ڪرڪا او سائين مون ڪو راز ڪر او سائين جڏهن نه رات ۽ توڙي ڏينهن اهڙيءَ طرح ساڻ خبر ئي ڪانه پوي ۽ او سائين جدائي ساڙي ڇڏيو آهي. او سائين پنهي جهانن کون لڏاء لاحد ڏي لڏاء او سائين بقا جو ملڪ ڏيکار او سائين همت ساڻ هلاء او سائين پنهنجي عشق ۾ هردم[٣] مدام رک او سائين پنهنجي سڪ ساڙي ڇڏ او سائين پنهنجي سڪ

---

١. اوچو ۽ مٿاهون. ٢. مهرباني. ٣. هردم آباد رک.

پر سدائي رڪ او سائين صدقو پنهنجو. او سائين آءُ تنهنجو آهيان او سائين نوڪر لمالو او سائين خاڪسار عاجز غريب تراب[1] مسڪين يتيم او سائين تنهنجي فراق دربدر ڪيو آهي او سائين نہ تہ اهڙو نہ هيس پر شڪر الحمد الله آهي جو يار سچي جي حوالي ٿيو آهيان او سائين هن ميرل مسڪين جي تہ ڪرڪا او سائين تنهنجو طالب آهي.

* *

---

[1] مٽيءَ جهڙو - خاڪي - مَري مٽي ٿيل.

قطعه تاريخ اختتام اين كتاب مسمي رسالهٔ داتا شاه فيض درياه از قلم محمدْ هدايت علي تخلص تارک ساكنه رآنک لعلو فقير تونيه تعلقه واره ضلع لاڙکانه سنده

سنڌي ترجمو؛

هن ڪتاب جي پوري ٿيڻ جي تاريخ جو بيت جنهن جو نالو "داتا شاه فيض درياهه جو رسالو" آهي. محمد هدايت علي قلم کان لکيل جنهن جو لقب تارڪ آهي، رآنڪ لالو جو رهندڙ تونيه فقير آهي. تعلقو واره ضلع لاڙڪاڻو سنڌ.

* *

خوش ڪتابي مخزن توحيد حق، برسراين است ازنکات دل
ہست از تصنيف حضرت شاه فيض، بودآن فيض محمد ذات دل
آن قلندر تارک وسرمست ومحو، زد اناالحق نعره از آيات دل
اين کلامش هست از الهام رب، يا بگويم پارهٔ لمعات دل
بهر حال اختتام اين کتاب، تو بگو تارک که تشريحات دل

۱۳۵۳ھ

تمام شد - پورو ٿيو.

سنڌي ترجمو؛ اهو ڪتاب کهڙو نه ڀلو آهي. جيڪو الله جي توحيد جو خزانو آهي. دل جي نڪتن مان هڪ راز آهي. حضرت شاه فيض جي لکت مان آهي. اهو فيض محمّد جيڪو صاحب دل آهي [illegible] قلندر، تارڪ سرمست ذات حق ۾ گم، جنهن اناالحق جو نعرو دل جي گهرائين مان لڳايو. هي ان جو رب جي الهام مان آهي. يا مان چوان ٿو دل جي روشنين مان هڪ روشني آهي. هن ڪتاب جو ختم ٿيڻ. اي تارڪ تون چئه ته تشريحات دل آهي.

۱۳۵۳ھ



انا الحق انت الحق هو الحق ثبت الحق

الله

رسالو داتا شاه فيض درياه

هي رسالو فيض ڀريل حقيقت ۽ معرفت جو مقالو جنهن جو مصنف جناب
سخاوت مآب قدسي خطاب ذي احتساب با انتساب فائق حجاب سيد
السادات رفيع الدرجات شفيع العرصات وارث دستار بلاڪ طرقه برقع پيران
مير ميران غوث الاعظم دستگير محي الدين شيخ عبدالقادر جيلاني حسني حسيني بغدادي
سيد العاشقين سند الطالبين سراج السالكين شمس العارفين قمر الواصلين
نور المتقين ستر الساجدين زهد الزاهدين نور العالمين فائض فيض مصطفوي
نور نور مرتضوي لمعات الفقر فخري والفقر مني عالي جايگاه بلند پايگاه حضرت
شاهنشاه حقيقت آگاه الوهيت آگاه عبوديت آگاه [illegible] مظهر الله
سيد فيض الله فيض درياه داتا فيض محمد شاه قدس الله سره العزيز
مالڪ درگاه چڪ ماناه تعلقو سکر ضلع سکر [illegible]

قطعهٔ تاريخ اختتام اين كتاب مسمى رسالهٔ داتا شاه
فيض درياه از قلم محمد هدايت علي تخلص تارک
سکنهٔ آنک لعل خير توني تعلقو واره ضلع لاڙڪاڻو سنده

خوش کتابي مخزن توحيد حق — سر اين است از نکات دل
هست از تصنيف حضرت شاه فيض — بود آن فيض محمد ذات دل
آن قلندر تارک و مست و محو — زد انا الحق نعره از آيات دل
اين کلامش هست از الهام رب — يا بگو هم باره لمعات دل
بهر سال اختتام اين کتاب — تو بگو تارک عشرات دل

١٣٥٣ھ

تمام شد

1- پس منظر ۾ درگاھ جو لکي دروازو جيڪو صدين کان ھر وقت کليل رھيو آھي.

2- علامه محمد هدايت علي نجفي تارک پاران سنه 1934ع ۾ لکيل "فيض درياه جو ڪلام" قلمي نسخي جي پهرين ۽ آخري صفحي جو عڪس.